
عبادت
اندرا شبنم پوناوالا

عبادت

ڪهاڻيون

اندرا شبنم پوناوالا

ڪمپوزنگ :

محمد سليمان وساڻ ۽ غلام قمبر وساڻ

ٽائيٽل : آصف رضا نظاماڻي

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سچڻو سلام ....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **اٺياسي (79)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”عبادت“** هند ۾ سنڌ جي ناميارِي ليکڪا ۽ شاعره **اندرا شبنم پوناوالا** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ميڊم اندرا هڪ ڊگهي عرصي کان سوشل ميڊيا ذريعي هند ۾ سنڌ جي ليکڪن کي ملايو پئي اچي ۽ هر قدم تي جڻ ته هوءِ هر پروگرام جو حصو رهي ٿي. سندس ڪهاڻيون پڙهي ايئن لڳو ته انسان جتي به هجي پر معاشري جي ساڳين نا انصافين، روايتن ۾ جڪڙيل رهي ٿو. سندس ڪهاڻيو پڙهي ايئن لڳو جڻ سڀ ڪهاڻيون اسان جي ئي چوگرد رهندڙ ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن.

مان ٿورائتو آهيان منهنجي ياءُ ۽ پياري دوست **غلام قمبر وساڻ** جو جنهن ڪمپوزنگ ۾ هن دفعي به ساٿ ڏنو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي ڪمپيوٽر تي سهيڙڻ واري هن سفر ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. لک قرب پياري دوست آصف رضا نظاماڻيءَ جا جنهن خوبصورت ٽائيٽل ناهي موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

فهرست

.1	سچ ۽ سونهن جو شعاع : لکمي ڪلاٽي	05
.2	موضوع چونڊڻ جي صلاحيت : گوبند مالهي	07
.3	عبادت	08
.4	چڪرويوه	13
.5	وهڪري جو موڙ	20
.6	ٽڙيل پکڙيل	24
.7	هوءَ	30
.8	رشتا	33
.9	تنهنجا نصيب ڪُليا	39
.10	قدرت جو نيم	45
.11	فيصلو	48
.12	گهر	55

سچ ۽ سونهن جو شعاع

ست سال اڳ "اندرا شبنم" جي ڪوتائن جي پهرين سنگرهه "شبنمي قطرا" جو پاٺڪن طرفان سٺو سواگت ٿيو هو. مونکي سندس هڪ شعر جي بڻ مصرائن بيحد موهيو هو.

هيا زخم ڏرتيءَ جا نظر جي سامهون
اسان تہ بہ ڪڍيون، چنڊ تارن جون ڳالهيون !

واقعي هر ڪو ڪلاڪار زندگيءَ جي هن ڇهنبدار بي ڊؤلي پٿر ڪي گهڙي تراشي اسان لاءِ سونهن جو سرجن ڪري ٿو.

هن "عبادت" ڪهاڻي سنگرهه ۾ شامل "فيصلو" ڪهاڻيءَ ۾ شنو پنهنجي ساهيڙي شبنم ڪي چوي ٿي، "عمر چڙهي ويئي اٿم. ڇگا وڏا پوٽو، پوٽي بہ اٿم. تہ بہ توکي سهڻي سڊول پئي لڳان. لڳي ائين ٿو شبنم، تنهنجي اکين ۾ ئي سونهن پريل آهي. هر شيءِ توکي الائي ڇو ۽ ڪيئن سندر پيئي لڳي. پٿر، نکر، ڪنڊا، سکل گاهه ، مرجهايل ٻوٽا، ڳل، پنن ڪانسواءِ وڻ، بيمار ماڻهو، گهايل پسون پکي، سيني ڪي تون سندر چوندي رهندي آهين. سڀ سندر ڪيئن ٿيا ؟ "

شبنم ڪيس جواب ڏئي ٿي، " ها، اها ڳالهہ تو ٺيڪ چئي شنا، مونکي هر شيءِ، هر دک ۾ بہ خوبصورتي جي جهلڪ نظر ايندي آهي. هر ڪؤڙو، منو، ڪتو آزمودو بہ ڪو نهايت پيارو ۽ سندر تاثر ڇڏي ويندو آهي. "

اندرا شبنم سرجن ڪريا جو اهو راز اسان سان سليو آهي. هر ڪلاڪار جي اکين ۾ سونهن سمايل هوندي آهي. هو عام انسانن کان وڌيڪ شعوري هوندو آهي. پنهنجي ذهني ولوڙ ذريعي، زندگيءَ جي هر تلخ آزمودي مان اسان لاءِ سچ ۽ سونهن جو امرت خلقيندو آهي ۽ ان مان نڪتل وِهُہ پنهنجي ڳلي ۾ سانڍي رکندو آهي.

"گهر" ڪهاڻي وڻ تان لٽڪندڙ سگري پکيءَ جي آکيري جو عڪس اکين اڳيان تري اچي ٿو. ڪيئن نہ اهي پکي جهنگل مان گاهه جو تنڪو تنڪو ميڙي، ڪوريءَ جيان پنهنجو آکيرو ٺاهيندا آهن. اهو آکيرو جيڪو پاڻ ۾ پيار ونڊڻ لاءِ کين نويڪلائپ ميسر ڪري ٿو. جنهن آکيري جي گرمائش ۾ مادا پکي آنا لاهي، انهن تي آرو ڪري ٿي. پنهنجي چوزن ڪي ڪاڏو ڪارائي تاتي پالي ٿي، جيستائين ڏامڻ لاءِ هنن جا پر نکرن.

هن ڪهاڻيءَ ۾ وندنا جي دل اندر به اهڙي ئي گهر اڏڻ جي تمنا آهي، جيڪو رڳو چار ديوارين ۽ ڇت نه هجي، بلڪ اُن کان گهڻو گهڻو وڌيڪ. جنهن گهر ۾ پيار ۽ پنهنجائپ جو احساس حجي، هوءَ ڇاتي ڦنڊائي فخر سان چئي سگهي `هيءُ منهنجو گهر آهي !`

هڪ آدرش ڀاتي ناريءَ کي زندگيءَ ۾ ٻيو سڀ ڪجهه حاصل هوندو آهي ڪيس رڳو پنهنجو گهر ڪونه هوندو آهي، شاديءَ کان اڳ اهو سندس پيءُ جو، شاديءَ بعد اهو سندس مڙس جو، ۽ هن جي مرڻ بعد اهو سندس پُٽ جو هوندو آهي. هوءَ سندن ئي رحم ڪرم تي جيئندي آهي.

`رشتا` ڪهاڻي جي ليکڪ ڪردار کي ڀرم تو پيدا ٿئي ته ڪهاڻي جي ليکڪا ڪردار ڪيس پيار ڪري ٿي ۽ هو اهو پيار وصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن ليکڪا جي گهر ۾ گهڙي ٿو اچي. ليکڪ مهاشيه جي ويچار موجب،'پيار ۾ من، آتما سان گڏ سرير به شامل آهي.' ۽ هو ڪانئس سرير جي به طلب ٿو ڪري. ليکڪا البت ڪيس چيئيپندي چوي ٿي، " ڇا استري ۽ پرش جي وچ ۾ من ۽ خيالن جا رشتا ممڪن ناهن. استري ڇا صرف هڪ سرير ئي آهي ؟ "

اڄ جي جديد فڪر موجب ته آتمڪ پيار(Platonic love) هڪ مٿ (Myth) آهي. سرير کان ٻاهر من ۽ آتما جو الڳ وجود ڪونهي. البت پنهنجي انيءُ مان اسان سيني ڄاتو آهي ته ٻنان من جي ميلاپ جي سريري ميلاپ محض ڪتڪتائي پئدا ڪندڙ هڪ مشني ڪريا آهي. شراب، سگريٽ ۽ نشيلي دوار جيان اها به پوءِ ماڻهوءَ جي نگري عادت ٿي ٻڌجي وڃي. سڪون ڏيندڙ ترپتيءَ بجاءِ عذاب ڏيندڙ دائمي اترپتي ۾ بدلجي، جيئڻ زهر ٿي ڪري ڇڏي.

'ٽڙيل پکڙيل' ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي اڄ ڪيئن نه تيزيءَ سان پنهنجي سڃاڻپ وڃائي رهيا آهن، ان حقيقت جو اثرائتو بيان آهي. اندرا اسان سيني کان هڪ جائز سوال پڇيو آهي. "انگلش ماڌيم ۾ سيني ڄاتين جا ٻار پڙهن ٿا، هي ته پنهنجي ٻولي ڳالهائين ٿا. مون ته ڪنهن مراٺي، گجراتي يا ڏکڻ ڀارت جي مائٽن کي ٻارن سان هندي يا انگريزي يا ٻي ڪا ڌاري ٻولي ڳالهائيندو ڪونه ٻڌو آهي. مراٺا ماءُ کي'آئي'پيءُ کي'بابا'چون . . . . اسان ڇو ائين ڪيو ؟"

'هوءَ'هڪ اهڙي خوددار عورت جي ڪهاڻي آهي جنهن زندگيءَ جا سک سهنج، عيش آرام ماڻڻ لاءِ پنهجو پاڻ کي نه وڪيو. موٽ ۾ هن دنيا جون تمام ذلتون ۽ ڦٽ لعنتون صبر سان سَنيون.

اندرا شبنم جي هن ڪهاڻي سنگره ۾ ٻيون به کي سٺيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي اسان سان پنهنجو اندر اورڻ چاهين ٿيون، اسانکي سوچڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون.

لکمي کلاڻي

11 نومبر 1998ع

سدا حيات گوبند مالهيءَ جو اندرا پونا والا شبنم جي ڪهاڻين بابت رايو

ساهتيہ خاص طور رچناتمڪ ۽ ڪالپنڪ، مڪان ۽ زمان جي عڪاسي ڪندو رهيو آهي. ڪهاڻي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ انهن جي مڪان ۽ زمان سان وڌيڪ نباهيندي آهي ۽ انهن سان گڏوگڏ ڦرندي رهي آهي.

جنن ڀوتن ۽ ديوتائن دئيتن جي زماني کان نيوڪليئر يُگ ۾ انسان جنهن وقت ۽ حالتن مان گذريو آهي، ڪهاڻي انهن جي ترجماني ڪندي رهي آهي. البت ماڊرن شارٽ اسٽوريس يعني هاڻوڪي ڪهاڻي ويهين صديءَ جي شروع ۾ وجود ۾ آئي آهي ۽ صديءَ جي ڏهاڪن سان ڪافي وسعت ۽ گوناگونيت حاصل ڪئي آهي. هاڻ تہ ڪن نقادن لاءِ ڪجهہ بيان ڪرڻ البتہ ها رچناتمڪ هجي ۽ دلچسپ هجي. سنڌيءَ جي ڪهاڻي هر مُکي جي زماني کان ترقيءَ جي راهہ تي الاهي منزلون پار ڪيون آهن. مواد خواه حيت 'ڪنٽينٽيڊ فارمس' جي لحاظ کان ڪافي گوناگونيت رهي آهي ۽ سنڌي ساهت جي بهترين صنف مڃي وڃي ٿي.

اندرا جون هي ڪهاڻيون دلچسپ آهن. انهن جي مکيہ آنش آهي ڪٿا وستو. ڪي واقعا ۽ ڪي ڪردار ڪهاڻي پوري ٿيڻ بعد بہ ياد رهڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

اندرا جي ڪهاڻين جي خصوصيت اها آهي تہ هي اندرا جي ڏنل وائنل ۽ ڪٿي انيڦ ڪيل حالتن تي آڌارت آهن. اندرا جون ڪي ڪهاڻيون ذهن ۾ ترسي ٿيون بيهن.

مونکي تنهنجي عبادت ڪهاڻي وڻي، سندر ڪهاڻي آهي.

'مائي تنهنجا نصيب ڪليا'، هيءَ ڪهاڻي پڙهي مون روئي ڏنو. زندگيءَ جو هڪ جيئرو جاڳندو چٽر، ٻولي ڪن هنڌ ڪچي آهي، پر ڪهاڻيءَ جو سيلاب من کي ٻوڙيندو تو وڃي.

هيءَ ڪهاڻي پڙهندي منهنجي اڳيان تون هئين. تون، جنهن کي مون سالن کان نہ ڏٺو آهي. پر تنهنجي اندر جي پيڙا، هن ڪهاڻيءَ ۾ زندگي پري آهي. هئڙي دک ڀري ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ لکي ئي نہ ويئي آهي.

'شبنم' توکي پنهنجي راهہ پاڻ چونڊڻي آهي. ڪنهن کي بہ ڪاپي نہ ڪج.

اندرا، توکي ڪهاڻيءَ جي موضوع چونڊڻ جي صلاحيت آهي ۽ اُن کي نباهڻ جو ڏانءُ بہ آهي ۽ بس.

گوبند مالهي

98-11-25

عبادت

گھر جي دروازي تي ڪنھن دستڪ ڪئي. مون دروازو ڪوليو. ٽپالي ھو. ھن مونکي ھڪ وزندار خوشبو سان ڀريل رنگين لفافو ھٿ ۾ ڏنو. مون اتاولو ٿي ائڊريس جا اکر ڏٺا. ڄاتل سڃاتل اکر، خوبصورت لکاوٽ، ڀنيان موڪليندڙ جو نانءُ ۽ پتو نہ لکيل. اھڙا اکر اھڙا لفافا تمام ننڍيءَ عمر کان منھنجي ھٿ ۾ ايندا رھيا ھئا. ھڪ اڻ ڄاتل ڊ تڻ ۽ ھرکر جو احساس ڇڏي ويندا ھئا.

بابا، جو سنان ڪونيءَ ۾ سنان ڪري رھيو ھو، ان جو بي صبريءَ ڀريل آواز ٻڌي ھوش نڪاٽي اچي ويو. ڪير ھو؟ ٽپالي؟ خط آيو آھي؟ ھڪ ئي وقت سھڪندي . سھڪندي بابا سپ سوال پڇيا شايد ھو تڪڙ ۾ لڳ اگھي رھيو ھو. شرارت ڀري مرڪ مرڪندي مون چيو، ”خط آيو آھي“.

” آيس ! آيس، اجھو آيس. ٽپائيءَ تي رک“ بس ان جملي پوري ڪرڻ سان ئي بابا اک ڇنپ ۾ منھنجي سامھون ھو.

لفافو وٺي، سرسري نظر لفافي جي ائڊريس تي وجھي بابو پنھنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويو. سالن کان سپ ڪجھہ ساڳيو ھلي رھيو آھي. ساڳئي قسم جو رد عمل ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين مان اھو کيل خاموش تماشائي بڻجي ڏسندو رھيو ھوس. پر اڄ الائي ڪھڙي ديوانگي مون مٿان طاري ٿي ڀڳوان ڄاڻي. ننڍپڻ جي سموريءُ ڊ . تڻ ھن پل ۾ مونکان ڇا . ڇا ڪرائي رھي ھئي.

مان بند دروازي جي ”ڪي ھول“ مان بابا جي ھر حرڪت کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رھيو ھوس. بابا خط پڙھندي پڙھندي ڪڏھن گنڀير، اصل ساھ روڪي خط جو ھڪ ھڪ حرف پڙھي رھيو ھو تہ ڪڏھن زيرلب مسڪرائي رھيو ھو. الائي ڇو؟ مون دروازي تي نڪ نڪ ڪئي ۽ وري ”ڪي ھول“ مان بابا جي چھري جو جائزو ورتو. ائين پئي لڳو ڄڻ تہ بابا جي ڪنھن سماڌي ڀنگ ڪئي ھجي. الائي ڇو؟ مون پاڻ کي ھن شرارت تي ھيسيل محسوس ڪيو. ” ڪير آھي؟ ڇا کپيئي؟“

”بابا مان آھيان، منھنجو ٽوال اندر رھجي ويو آھي. سنان ڪرڻو آھي. ڪاليج وڃڻ ۾ دير ٿي رھي آھي.“ مون وري بابا کي ڏٺو، بابي اھو لفافو گديءَ ھيٺان ڪڍي لڪايو ۽ منھن تي ھٿ گھمائي چھري تي سھج ڀاو آڻي دروازو ڪوليو.

مان بہ بابا کان گھٽ ٿوروئي ھوس، اھڙي شڪل ناھيم جڏھن تہ ڪجھ ڄاڻان ئي نہ، اندر ھيڏانھن ھوڏانھن نظر ڦيرائي چيم، ”ساري بابا، ھن ڪمري ۾ تہ ٽوال ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ڳولھيان ٿو“ ۽ ڪمري مان ٻاھر نڪري آيس. بابا وري جھٽ ڪٽي دروازو بند ڪيو.

بابا جي اھا عادت مونکي اميءَ ننڍي ھوندي کان ٻڌائي ڇڏي ھئي تہ بابا جڏھن ڪھاڻيون، ناول يا ڪجھ لکندو پڙھندو آھي تہ ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيندو آھي. منھنجيءَ اڻ پڙھيل امان کي بابا جي ودوان ۽ پڙھيل لکيل ھئڻ جو ڏاڍو فخر محسوس ٿيندو ھو. اسان ٻارن کي بہ چوندي ھئي تہ بابا جڏھن ڪمري جو دروازو بند ڪري تہ ڪيس ڪڏھن بہ رخنو نہ وجھندا ڪريو. مونکي اڻ پڙھيل معصوم جيجل جي ڳالھين جي ياد اچڻ لڳي ۽ سندس ڪيل تاڪيد بہ. پر اڄ تہ مونکي الائي ڪھڙيءَ ڪيچل ڪنيو ھو جو گھڙيءَ گھڙيءَ من پيو چاھي، بھاني ـ ڪي ـ بھاني بابا کي تنگ ڪندو رھان، جيستائين بابو چڙي، پر الائي ڪيئن مان دل جي ان ٻاراڻي حرڪت کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿيس.

اڄ جو ڏينھن مون لاءِ آنڌ مانڌ وارو ثابت ٿي رھيو ھو. ڪاليج، ڪلاس، ڪتابن ۽ ڪئنٽين ۾ ڪٿي بہ من نہ پيو لڳي. ڏھن ٻارھن سالن کان جا خواھش منھنجي اچيتن من ۾ دٻيل ھئي. ان ھرڪر کي مان، دٻائڻ ۾ بلڪل ناڪامياب ٿي رھيو ھوس. آخر گھر وڃڻ جي خيال سان ٿوري راحت محسوس ٿي.

گھر آيس. امان چيو، ”آئين پٽ، مان بہ ستسنگ ۾ پئي وڃان“ امان ھلي ويئي. بابا نماشام جو واپس ورندو منھنجيءَ لاءِ ٽڻ واري اندر کي ڪا خوراڪ ملي ويئي. بس مان ۽ اڪيلو گھر. سڌو رخ رکيم بابي جي ڪمري ڏانھن. بابا جي ڪتابن جي ھڪ خاني کي ڪلف لڳل ھو. ضرور ڪجھ ھن خاني ۾ ھوندو؟ چابيءَ جي تلاش شروع ڪئي. چڱو وقت ڳولھڻ ۾ لڳي ويو. آخر چابي لڌي. بابي جي پلنگ جي گاديءَ ھيٺان خانو کوليو. چوءِ طرف سرھاڻ ڦھلجي ويئي چندن جي. ان خاني ۾ گلاب جو ڪي تازيون سڪل پنکڙيون پڻ پيون ھيو.

مونکي ائين لڳڻ لڳو ڄڻ تہ ڪنھن پوڄاگھر ۾ پرويش ڪيو ھجي. خاني ۾ تمام سليقي سان ڪي خط الڳ الڳ بنڊلن ۾ ٻڌا پيا ھئا. ھر بنڊل تي ترتيبوار سال لکيل ھئا. ساڳيا ئيءُ ھي رنگين لفافا، ساڳيا سھڻا صاف سترا اکر. سڳنڌ ۽ ھڳاءُ سان منھنجي سيتيل نسن کي فرحت ملي. پر مونکي انھن بنڊلن کولڻ جي ھمت ئي نہ پئي ٿئي. ڪنھن ازغئبي شڪتيءَ منھنجا ھٿ ٻڌي ڇڏيا ھئا. ائين پئي لڳو ڄڻ تہ مان ڪنھن مندر ۾ چوريءَ جي ارادي سان گھڙيو ھجان ! پر منھنجي من جي مستيءَ ۽ لڪ ٽڻ مونکي ھمٿايو، ھڪ بنڊل ڪنيم ۽ ان مان ھڪ خط ڪڍي ورتم.

خط ھڪ پريم پتر ھو جنھن ۾ سڪ جو اظھار، جنم جنم ساٿ وغيره وغيره لکيل ھو. ھيٺان ھڪ استريءَ جو نالو ھڪ فوٽو بہ. جادوءَ ڀريو معصوم ۽ پوتر مھاندو، منھنجي ھٿ مان فوٽو ڇڏائجي ويو، ۽ لڪ وقت ئي ڪنھن گھر جي گھنڊٽي وڄائي. مان تمام گھڻو

ڇرڪجي ويس، هٿ پير پگهرجي ويا. تڪڙ تڪڙ ۾ اهو خط،ل بنڊل سان ٻڌي دروازو کولڻ پڳس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. شال بابا نہ هجي. ائين ڇو محسوس ٿيو ڪو منووگيان جو ماهر ئي ٻڌائي سگهي ٿو.

دروازو کوليم. ڌوٻي هو. مون ُان کان ڪپڙا وٺي رکيا. دروازو بند ڪيم. شرير مان طاقت موڪلائي وئي هئي. بستري تي ڦان ٿي ڪري پيس. بس خيال. . . .ويچار، . . . . . . بابا ۽ پرناريءَ سان ڦاٿل ؟؟؟

منهنجي امڙ معصوم، اڻ پڙهيل، پتورتا، وشواسي. بابا کي اتم آدرشي پتي سمجهي هوءَ سڄي زندگي ڪاٽي رهي آهي. منهنجو بابا سڄي عمر امڙ جي جذبن کي ٺڳي رهيو آهي. مڪار انسان ! وات مان ازخود نڪري ويو. عمر جي هن حصي ۾ بہ امڙ ۽ اسانکي ٺڳيندڙ منهنجو پيءُ. جوانيءَ ۾ منهنجي امڙ منهنجي عاشق مزاج بابا کان ڇا ڇا نہ سٺو هوندو. افہ ُان خط کي نہ، ڇڻ تہ مون ڪنهن جوالامکيءَ کي ڇهيو هجي.

خيالن جي وهڪري کي موڙڻ لاءِ ڪتاب ڪڍي پڙهڻ وينم. اکين اڳيان ور ور،ُ ها لکاوٽ. خط احمد آباد مان آيل هو. منهنجو چاچو بہ تہ ُاتي رهندو آهي. بابا ٻين، ڇئين مهيني اتي ويندو رهندو آهي. ضرور هن سان گڏجڻ ويندو هوندو. شايد بابا جا ٻہ گهر هجن ۽ ٻہ ڪٽنب، ان خيال سان ئي منهنجو من ڪراهت سان ڀرجي ويو.

ڪنهن در کڙڪايو،ُ ٿيم امان واپس موٽي هئي. " اڙي ڇو ٻتي نہ ٻاري اٿيئي ؟ اوندهہ ۾ نہ پڙهندو ڪر، اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون اٿيئي. اڃان بابهن نہ آيو آهي؟ پنڌ ڪري ڪاني تي ويا آهن. نہ صحت جو خيال ۽ نہ عمر جو، منهنجي ڪير ٿو ٻُڌي ؟ "

مونکي امڙ جي ابوجهائيءَ تي رحم بہ اچي رهيو هو تہ غصو بہ. بنان ڪنهن سوچ ويچار جي سوال روپي ٻاڻ منهنجي وات مان نڪتو، " امان تون پڙهينءَ ڇو نہ ؟" "پُٽ، گرمکي تہ ايندي اٿم. ججي بئريسٽري تہ ڪرڻي ڪونہ هئم. گهر جي ڪم ڪار لاءِ پڙهڻ ڇا تمام ضروري آهي؟ پر تون اڄ ڇو ٿو پڇين ؟" مان پريشان ٿي پيس. " بس ائين ئي، امڙ ُتهن بہ اڻ پڙهيل وننديءَ يا پڙهيل لکيل ؟ " امان کِلي ويني " ُتهن تہ تنهنجي پنسديءَ جي هجي " ۽ هوءَ رنڌڻي جي ڪم ڪار کي لڳي ويئي. مون من ئي من ۾ چيو، امڙ پڙهيل هجي ها تہ . . . . ،. اهو ويچار اڌ ۾ ئي رهجي ويو جو بابا بہ اچي ويو هو.

اڄ مون پنهنجي ڊبل ڪراس بابا کي الڳ ائنگل سان ڏٺو. پنهنجيءَ عمر کان اٺ . ڏهہ سال ننڍو لڳندڙ، خوبصورت جسم ۽ شڪل جو مالڪ بابا، جنهن جي هر گڻ تي مان رشڪ ڪندو هوس. اڄ مونکي تمام هوشيار، بي وفا ۽ چالباز نظر اچڻ لڳو. اصل ولين، فلمي ولين نظر اچڻ لڳو. هميشہ وانگر امان بابا جي دستوري گفتگو شروع ٿي. "چانهہ تہ پيئار ياڳوان. تنهنجي هٿ جي ٺهيل چانهہ پيئڻ جي ڪري تہ مان ’سدا جوان‘ نظر ايندو آهيان“ امان لڄ وچان ڳاڙهي ٿي ويئي. هن عمر ۾ بہ لڄ کان لعل ٿيندڙ شرميلي امڙ بيحد سندر، نوراني ۽

تيجسوي نظر اچڻ لڳي. " شرم نٿو اچيو، پٽ جوان ٿيو اٿو، نانا به ٿيا آهيو. اجان تائين اهي ڳالهيون نٿا ڇڏيو." هلڪو موڙو ڏيئي ڪلندي مرڪندي امان هلي ويئي. بابا اڄ مونکي نقلي نقلي نظر اچڻ لڳو. دل ۾ چيم، (ڊبل رول).

هيل تائين مان پاڻ جيڏن سان بابا جي خوب تعريف ڪندو رهندو هوس. بابا ۽ امڙ جو پيار مون لاءِ آدرش هو. بابا جي شخصيت، گرهست جيون جي ڪاميابي، ڄاڻ، گيان مونکي بيحد متاثر ڪندا هئا. مان پاڻ کي بابا جو مريد سمجهندو هوس. بابا جا نيم، اسر جو اُٿڻ، ڪسرت ڪرڻ، ٽامي جي لوٽيءَ ۾ پاڻي پيئڻ، سڊول ڪسرتي بدن، سني پوشاڪ پائڻ جو ڏانءُ، سندس تيزفهمي، سئگل جا گيت تمام مٺي آواز ۾ ڳائڻ، هر وشيه ۾ دلچسپي ۽ ڄاڻ، چقمق جيان مونکي هن جي شخصيت ڏانهن ڇڪينديون هيون. پر منهنجو بابا پراستريءَ سان چڪر پيو هلائي، هيترن سالن کان. قصور منهنجي بابي جو نه هوندو. ان استريءَ ئي منهنجي همدرد ۽ سني سياءُ واري بابي کي، چل - ول سان هرڪايو هوندو.

بس اها ئي خواهش رهجي ويئي اتم، موقعو پائي سڀ خط پڙهان، حقيقت ڄاڻان، پوءِ ان استريءَ کي دٻ پريو خط لکان. "هئڙيءَ وهيءَ جو شخص، جوان پٽ ۽ پرٽيل ڌيءُ جو پتا آهي. جو نانو به آهي ته هڪ ڏينهن ڏاڏو به ٿيندو، ان شخص کي گمراهه ڪرڻ جو حق توکي ڪنهن ڏنو ؟ "

ٻئي ڏينهن بس لڳي ويس موقعي جي تلاش ۾ ته ڪڏهن گهر ۾ اڪيلو ٿيان ۽ . . . .' ۽ پنهنجي پٽڪيل من کي شانت ڪيان . . . . هڪ به ڏينهن موقعو نه مليو ۽ جڏهن تڙ موقعو مليو ته جهٽ ڪبٽ جو خانو کوليو ۽ بنڊل ۾ اڻ ٻڌل خط جو به - ٽي ڏينهن اڳ آيو هو، اهو ئي پڙهڻ وينم. تاتپرج ان خط جو اهو هو ته ڪڪو انجنيرنگ جي پڇاڙيءَ واري سال ۾ پهتو آهي، اهو پڙهي خوشي ٿي. پورهيا سجايا ٿيا. خط ۾ لکيو اٿو ته اهو منهنجو احسان آهي، مونکي نه وٽيو . . . ڊونيشن لاءِ پئسا برابر مون ڏنا پر محنت ته تنهنجي پُٽڙي جي آهي. تنهنجو پٽ منهنجو پٽ نه ٿيو ڇا ؟ ٻارهن سال ٿيا هڪ ٻئي کي ڏٺي، گهر گرهستيءَ جي چڪر ۾ خبر ئي نه پئي آهي ته سال پکين وانگر ڪيئن اُڏاميا. منهنجين ٻن ڌيئرن جي شادي به ٿي ويئي. هاڻي ڏاڍي اڪيلائپ پئي محسوس ڪيان. خاص ڪري صحت نيڪ نٿي رهي. ڪاش ! مونکي به هڪ پٽڙو هجي ها ! ته ڪا آس هجيم ها ! ڀاڳين پريو آهين. پٽ هٿان اگني نصيب ٿيندءِ. طبيعت نيڪ نٿي رهي ۽ اڪيلائپ جي ڪري من سُست ٿي ويو آهي.

وڌيڪ خط پڙهڻ جي طاقت مون ۾ ڪونه رهي، اکيون آليون ٿي ويون، شرمسار . . . . پشيمان . . . . . . گنهگار مان ! عبادت ۾ وگهن وجهندڙ . . . . . بس، بس ! سالن جا سال هڪ ٻئي کي بنا ڏٺي. گرهست جي گاڏي ڪاميابيءَ سان هلائيندي . . . . هيتري پنهنجائپ! هيتري شرڌا ! قربانيءَ جي ڀاونا ! منهنجو من پنهنجي بابي لاءِ ۽ ان اڻ ڏٺل ناريءَ لاءِ شرڌا

سان پرجي ويو ۽ سنيہ جي پاونا پئدا ٿي وئي. هي پيار آهي يا پوڄا اڄ مان انجنيئر بہ هن جي ڪرپا سان ٿيو آهيان.

وڌيڪ خطن پڙهڻ جي طاقت مون ۾ نہ رهي. هڪ ڊارمڪ گرنٿ وانگر سڀ بنڊل ڊراور ۾ رکيا.

ان ڏينهن ڪان پوءِ اهي رنگين لفافا جڏهن ڪڏهن بہ منهنجي هٿ ۾ ايندا هئا تہ منهنجو چهرو بابي جي نوراني مکڙي کي ڏسي چمڪندو هو..

ڪئلينڊر ڪروٽ بدليندو رهيو ۽ بابو، ڏاڏو بہ ٿي ويو.

هڪ ڏينهن ٽپالي تار هٿ ۾ ڏني . . . . . مون تار کولي، احمد آباد مان آئي هئي، هن جي گهوٽ جي، بابي جي نالي هوءَ گذاري ويئي. انتم اِڇا هئس تون سندس ارٿيءَ ۾ شامل ٿين جلد روانو ٿي. منهنجا هٿ، پير ٿڌا ٿي ويا، تار کڻي بابي جي ڪمري ۾ ويس. دروازو مون بند ڪيو ۽ تار بابي جي هٿ ۾ ڏني. شينهن مڙس، ٻارن وانگر روئڻ لڳو آواز ٻڌي، امان بہ در کڙڪايو، ”پُٽ ڇا ٿيو ؟ . . . . .“ مون بابي کي ياڪر ۾ ڀري سانت ڪرائي پوءِ . . . دروازو کوليو ۽ امان کي ٻڌايو تہ ”بابي جو جگري دوست احمد آباد ۾ گذاري ويو آهي. تڪڙ ۾ منهنجا ۽ بابي جا ٻہ بہ اڇا وڳا وجهي، جلد بئگ ٺاهي ڏي، اسان ٻنهي کي وڃڻو آهي.“

بابا مون ڏانهن واٺڙن وانگر نهارڻ لڳو مون سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ ڇاتيءَ سان لاتو ڇڻ تہ هن جو درد چوسي ڪيڻ جي ڪوشش ڪيم. سڄي سفر ۾ بابي ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو.

اتي پهتاسين. مون ان ديويءَ جو درشن ڪيو، پير ڇهيا. بابي کي سهارو ڏئي مکہ درشن ڪرايو. هن جي پتيءَ ۽ بابا هڪ ٻئي کي ياڪر ۾ ڀري پرڇاٽي ڏني. ساڳيوئي ڏنگہ وڇوڙي جو ٻنهي جي دل ۾، هڪ پائي بہ نہ پاتو ٻئي نہ پائي بہ گهڻو ڪجهہ پاتو . . . . ڪيڏو نہ تفاوت هو ٻنهي ۾. ائين پئي لڳو ٻنهي جي پهرين ملاقات نہ هئي . . . . صدين ڪان هڪ ٻئي کي سڃاڻن.

ڇڪيا کي اگني مون ڏني، پڳڙيون ڪري روانا ٿياسين، ڳاڏي پنهنجي شهر ۾ پهتي، سامان ڪنيو، بابا کي چيو ”اتو پنهنجو شهر اچي ويو.“ بابا جون اکيون الائي ڪٿي نهاري رهيون هيون.

مون بابا کي ياڪر ۾ ڀريُ ٺاريو ۽ بابا کي چيو ” ايشور جي رضا تي راضي رهڻ ئي زندگي آهي. آهي نہ ؟ “

۽ بابا ڪنڌ سان ’ها‘ ڪئي.

چڪرويوه

مونيڪا جڏهن پنهنجي سيٽ ڇڏيءُ لئي بيني تہ مان وائڙي ٿيس. چاڪاڻ جو چڱو وقت بيهڻ کانپوءِ بس ۾ اسان ٻنهي کي ويهڻ لاءِ سيٽ ملي هئي. مون ان بس جي سيٽ ڏانهن نهاريو جتان هوءَ چڙي ۽ وياڪل ٿيءُ لئي بيني هئي. ٽيويهن - چوويهن سالن جو هڪ ڇوڪرو اُني وينل هو، جو پنهنجن خيالن ۾ ئي گم ٿي لڳو. هو دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. لڳ ڀڳ لڳ عمر جو پٽ مونيڪا ديديءَ کي هجي ها ! هو مونيڪا جي رد عمل کان بلڪل اڻ ڄاڻ پنهنجن ئي پورن ۾ پيو لڳي. مونيڪا اشاري سان ڏيکاريو تہ اهو ڇوڪرو ڪيس ڇهڻ ۽ تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

چار پنج منٽ گذريا تہ وري مونيڪا جو آواز آيو، ”سريتا، اچ تہ ايندڙ اسٽاپ تي لهي پئون.“ هوءَ آس پاس بيٺل مردن ڏانهن خونخوار اکين سان نهاري رهي هئي. جڻ تہ سڀ مرد ڪيس ڪجهہ ڪائي وجهڻ جي سازش ڪري رهيا هئا. مون هن جي ڳالهہ مڃڻ ۾ ئي پنهنجي سلامتي سمجهي. مان من ئي من ۾ سوچڻ لڳيس تہ 55 سالن کي ٻہ پار ڪندڙ مونيڪا هيءُ غير رواجي وهنوار ڇو ڪري رهي آهي ؟ هوءَ ٺاولي ٿي ڳالهائيندي پئي ويئي. ”مان انهن مردن جي ذات کي خوب سڃاڻان“ ۽ هوءَ ٽيستائين مردن جون ٻرايون ڪندي رهي جيستائين اسين اچي پنهنجيءَ مقرر ٿيل جڳهہ تي پهتيوسين.

مونيڪا سان منهنجي ملاقات پهريون دفعو عجيب نموني ٿي هئي. مان شام جو ڪجهہ خريد ڪرڻ ۽ پنڌ ڪرڻ جي خيالن کان گهر مان نڪتي هئس ۽ فوٽ پاٿ تي هڪ عورت کي پاڻ ڏانهن لڳاتار گهوريندي ڏٺم. وچولي قد، سانوري رنگ سندر اکين واري، سنهري، هلڪي رنگ جا ڪپڙا پهريل، هٿ ۾ ٻہ سونيون چوڙيون، ڳلي ۾ ننڍو منگل سوتر پيل. هن اڳرائي ڪندي چيو، ”هئلو ! مان مسز مونيڪا آهيان. توهانجا وار تمام سنا ڪٽيل آهن. توهان ڪٿان وار ڪٽايا آهن ؟ ڇا توهين وقت ڪڍي مونکي وٺي هلندا؟“ مون صاف دليءَ سان ڪيس پنهنجي بيوٽي پارلر جو نالو ٻڌايو ۽ ڪيس ائڊريس ٻڌائي. هن چيو، ”مان هن شهر ۾ نئين آيل آهيان، چند مهينا ٿيا آهن، هن شهر ۾ آيا آهيون. منهنجو گهوٽ فئڪٽريءَ ۾ وڏي عهدي تي آهي. هلندا مون سان گڏ سياڻي ؟ “ ۽ مون ’ها‘ ڪئي.

اهڙي نموني هن پهرين ملاقات ۾ ئي منهنجي گهر، گهر جي ياتين، پاسي وارن، نؤڪرن، نؤڪريءَ ۽ منهنجو روزانو ٽائيم ٽيبل ڄاڻي ورتو.

ٻئي ڏينهن مقرر ٿيل وقت، ٺيڪ پنجين بجي منهنجي گهر اچي پهتي. پر هاڻ هوءَ روز ٻہ روز ڪو نہ ڪو ڪارڻ ڳولهي، منهنجي گهر اچڻ لڳي ۽ هي تہ ڏيکار، هُو تہ ڏيکار ڪندي لڳ ڀڳ روز اچڻ لڳي.

مان نؤڪري ڪندڙ، صبح جو ڇهين بجي گهر مان نڪري منجهند جو ٻين . اڍائي بجي گهر ۾ پهچي، مشغولين جي منهن پوندي هئس. گهر ۾ انون نائون درجو پڙهندڙ ٻه ٻار. سندن ڪاڌي پيتي، هوم ورڪ ڏسڻ، سندن ڳالهيون ٻڌڻ ۽ روزمره جا سندن مسئلا سلجهائڻ، ۽ ان سان گڏ سڄي گهر جي ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪرڻ، سڄي گهر گرهستي ايمانداريءَ سان سنڀالڻ. نؤڪري ڪرڻ ڪانپوءِ مشغول وقت ڪان چوراڻ پل، مون لاءِ بيحد ملهائتا هوندا هئا. شام جو اڪيلي اڪيلي پنڌ ڪرڻ ۽ پنهنجي ئي پورن ۾ رهڻ ۽ ان بهاني گهر لاءِ ڀاڄيون وٺي اچڻ مونکي بيحد وڻندو هو.

مونيڪا جي روز . روز اچڻ سان، سڄو گهر ڊانواڊول ٿي ويو. ڪنهن به ڪم ڪي مان مقرر ڪيل وقت نه پئي ڏيئي سگهان. ٻار پريشان، گهر گندو، مطلب ته سڀ الٽو سلٽو ٿيڻ لڳو ۽ آخر مون فون ڪري ڪيس چيو، "مونيڪا، دل ۾ نه ڪجانءِ، ٻارن جا امتحان ويجها آهن، ٻه هفتا ڪن مهرباني ڪري مون وٽ نه اچ" ۽ هن اها ڳالهه قبول ڪئي.

انن ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجيءَ ڌيءُ جنهن حالت ۾ ڪيس ڏٺو، ان منهنجي من ڪي رجائي ڇڏيو. ميرا ڪپڙا، چهرو زرد، شرير پي ڌڏيس، جڻ ته پاڻ سان ڳالهائيندي پئي ويئي. منهنجيءَ ڌيءُ ڪي به نه سڄاتائين ۽ سندس ساهيڙين مونيڪا ڪي پاڳل يا بدحواس عورت سمجهي ڪِليو.

الائي ڇو ؟ اهو سڀ ڪجهه ٻڌي، هن لاءِ منهنجي من ۾ بيحد همدرديءَ جو جذبو جاڳيو. مهيني ڏيڍ ۾ هن مونکي ڪو خاص شڪايت جو موقعو نه ڏنوهو، پر ڪڏهن ڪڏهن مونکي سندس عجيب وهنوار نارمل نه لڳندو هو. ٻه ٽي دفعا هن اهو وهنوار دهرايو هو.

ڪنهن دڪان تي اسين جي شاپنگ ڪرڻ ويندئون هيوسين ته دڪاندار ڪي عجيب آواز ۾ اسٽائيل سان هوءَ چوندي هئي، "هيءُ ڇا ٽا ڏيکاريو ؟ هيءَ شيءِ ته ڪنهن ڪشور اوستا واريءَ ڪي سونهندي. مان ڪشوري (Teenager) ٿورو ئي آهيان. " دڪاندار ۽ ان جملي چوڻ واريءَ ڏانهن فطرتي طور ضرور نهاريندو . ڪو چالاڪ دڪاندار مرڪي چوندو هو، "پيڻ توهان ايڏا وڏا نٿا لڳو." ته سندس چهرو ٻهڪندو هو ۽ هوءَ ان دڪاندار وٽان خريداري ڪندي هئي. مان سندس ان ڳالهه تي ناراض به ٿيندي هئس. پر هن دليل ڏيندي چيو هو، " مونکي هو ننڍين جون شيون ڇو ٽا ڏيکارين ؟" مون هن ڪي سمجهائيندي چيو، "تون هنن ڪي اهو ته ڪري سگهين ٿي مون ڪي ڇدا رنگ ڏيکاريو، ننڍيون نازڪ ڦليون ڏيکاريو. هر ڳالهه Suggest ۾ عمر جو ذڪر ڪرڻ نيڪ نٿو لڳي. هر ڪنهن انسان جو ڪائڻ، پيئڻ، پائڻ جي پنهنجي شخصي پسندي هوندي آهي. هر ڳالهه ۾ عمر ڪي ٽنگڻ يا پنهنجين پسندين جو ليڪچر ڏيڻ غير واجبي ۽ غير شائائتي ڳالهه آهي. "

مونيڪا شايد بحث ڪرڻ جي موڊ ۾ هئي. چي، ”ڪي زالون گهاٽي رنگ وارا، چمڪيلا، ريشمي ڪپڙا ۽ عجيب زيور پائينديون آهن. عمر کي وسارڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. مان انهن زالن مان نہ آهيا ۽ مونکي انهن عورتن تي خوب غصو ايندو آهي.“

سندس دليل ٻڌي مونکان وڌو ٺهڪ نڪري ويو. ”تون پنهنجي شخصي پسندي ٻين تي چو ٿي مڙهڻ چاهين ؟ توکي ڪنهن اهو حق ڏنو آهي ؟ ۽ توکي من ۾ نہ ٿئي تہ هڪ ڳالهہ تي چوان، ٻڌ، تون انهن سڀني زالن کان وڌيڪ عمر وسارڻ جي ڪوشش ۾ آهين. اڇن وارن کي ڪارو يا برائون ڪري ڇڏڻ. هڪ بہ اڇو وار ڏسڻ ۾ نہ اچي، اها ڪوشش، بيوٽي پارلر ۾ وڃڻ، مالشون ڪرائڻ ۽ ناز نخرن سان ڳالهائڻ، ڇا اهو سڀ عمر کي وسارڻ جي ڪوشش نہ آهي ؟ صرف ڪپڙن جي رنگن ۾ اٽڪي پيئي آهين.“

هڪ پل لاءِ هن جو چهرو وسامي ويو ۽ آهستي آهستي هوءَ آئيني جي اڳيان بيٺي ۽ مونجهايل چهري سان هن ٻڌايو، سريتا تون سڀ سچ ٿي چوين. ننڍي هوندي کان هڪ سئي آهي جا چيبل آهي سيني ۾. اسين ٽي ڏيئر هيوسين. مان سڀ کان وڏي، ٻہ ننڍيون ڀينرون. مان صاف رنگ جي نہ هئس. ممي منهنجي لاءِ هلڪي رنگ جا ڪپڙا آڻيندي هئي ۽ سهڻين ڀينرن لاءِ گهاٽي رنگ جا، ريشمي ۽ اها. هميشہ مونکي عمر جو احساس ڏياريندي هئي. تون وڏي آهين. ننڍين ڀينرن کي چوڙڻ، ماٺڻ ڏي، پر من ئي من ۾ مان اهي قربانيون ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئس. منهنجيون ٻئي ڀينرون اها سُنا ڪپڙا پائي شهزاديون لڳنديون هيون ۽ مان اُجهاميل ۽ وساميل. نتيجو مونکي جيڪي ڏسڻ ايندا هئا اهي منهنجين ڀينرن کي پسند ڪندا هئا ۽ ٻنهي ننڍين ڀينرن جي شادي بہ مونکان اڳ ۾ ٿي ويئي. مونکي خوبصورت عورتن کان چڙ آهي، هو سڀ ڪجهہ ڪسي ونديون آهن.“ مان سندس ويچار ٻڌي ڪجهہ چوڻ چاهيو پي تہ در تي گهنٽي وڳي. گهر ۾ اوندهہ لڳي پيئي هئي. ٻتي ٻاري، منهنجو گهوٽ گهر ۾ آيو ۽ مونکي ماني رڌڻ ۾ بہ دير ٿي ويئي هئي. تڪڙ ۾ مونيڪا کان موڪلايو. پر من ئي من ۾ مون اهو فيصلو ڪيو تہ مونيڪا هڪ منووگيان جو وشيہ آهي جنهن جو اڀياس مان ضرور ڪنديس ۽ سندس باري ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو چاهہ مون ۾ پيدا ٿيو.‘

ڇنڇر جو ڏينهن هو. مان پنهنجي روزاني ڪم ۾ ۽ هميشہ وانگر ويچارن ۾ ٻڏل هئس. فون جي گهنٽي وڳي. مان پنهنجن خيالن کان يڪدم ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪري آيس. مونيڪا جو ئي فون هو. سندس آواز ۾ ڏڪٽي هئي، ”سريتا، جلدي گهر اچ. مونکي تنهنجي سخت گهرج آهي“ ۽ هن پنهنجي گهر جي ائڊريس ڏني. سندس آواز ۾ ڪجهہ اهڙو هو، جنهن منهنجيءَ دل کي ڇهيو. سڀ ڪم ڇڏي، گهوٽ کي فون تي اطلاع ڏيئي، مان سندس گهر پهتس.

گهر جو دروازو هن ئي کوليو. هوءَ تمام ٿڪل، ٿڪل تي لڳي. ٻئي صوفا تي وينيوسين ۽ مون ڪانئس حال احوال پڇڻ شروع ڪيو. هوءَ تمام اُداس تي لڳي. شاريرڪ

طرح هوءَ نيڪ هئي. پر جڏهن مون ڪائنس سندس ٻاري ۾ پڇيو تہ ھُن چيو، ”صبح ڪان الائي ڇو من ڏاڍو گهٻرائي رهيو هو، اصل آپگهات جا ويچار اچي رهيا هئا. اڪيلي اڪيلي جو ويٺي آهيان.“ مون دنياداريءَ واري نوع ۾ پڇيو، ” تنهنجا ٻار ڪٿي آهن ؟ “ هن عجب وٽان مون ڏانهن نهاري چيو، ”ٻار ؟ مونکي ٻار ڪونهن. نہ ئي ٻارن پيدا ڪرڻ جو شوق آهي. مونکي تہ ٻار وڻن ئي ڪونہ. “

سندس ويچار ٻڌي مان ڏڏي ويس. من ئي من فيصلو ڪري ورتم تہ سندس شخصي زندگيءَ ڪي ڄاڻڻ جو. وايومنڊل ۾ هن جي ڪؤڙي ڳالهائڻ جي ڪري تناو محسوس ٿيڻ لڳو. سو اهو گهٽائڻ لاءِ مون وڌو ٿهڪ ڏنو ۽ چيم، او ڪي. ! مونيڪا چانهہ بہ نہ پيئاريندينءَ ؟ پاٽي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪپي، ڪِچن ڪٿي آهي ؟ مان پاڻ ٿي پاٽي پري اچان. هن چرڪ پري’ساري‘ چيو ۽ پاڻ ڪِچن ۾ هلي ويئي.

مون ٿوريءَ وقت ۾ سندس سياؤ، پسندي ۽ خيالات ڄاڻڻ جي خيال ڪان، هال جو جائزو ورتو. سپ ڪان وڌيڪ مونڪان چرڪ نڪري ويو جڏهن ويڊيو اڳيان رکيل ڪجهہ ويڊيو ڪئسيٽ ڏٺا. ُانهن مان گهٽا ئي فاحش هئا. ٽيبل تي رکيل مئگزينون بہ ڪجهہ اهڙيون ئي هيون.

چانهہ پيئندي مون ڪائنس خانگي سوال پُڇڻ شروع ڪيا. جنهن مان خبر پيئي تہ سندس گهوٽ گهڻو ڪري فئڪٽريءَ جي ڪم سان گهر ڪان ٻاهر رهندو هو. فئڪٽريءَ ۾ نؤڪري ئي اهڙي هئس. پنهنجيءَ واندڪائيءَ جو وقت هوءَ ويڊيو ڏسي، مئگزينس پڙهڻ ۾ گذاريندي هئي. سندس ڪالونيءَ ۾ ڪابہ استري هن جي ساهيڙي ٿيڻ جي لائق نہ آهي. ڪارڻ پڇڻ تي هن ٻڌايو، ”سڄو وقت ٻارن ۽ گهوٽن جون ڳالهيون ڪنديون رهنديون آهن ۽ انهن ٻنهي شين ۾ منهنجي دلچسپي ڪونهي. مان ڇا ڳالهايان؟ مونکي اهي ڳالهيون وڻن ئي نہ “ هن دهرايو ۽ غصي وچان سندس شرير ڪنبڻ لڳو. وشيہ بدلائڻ لاءِ مون پنهنجي پرس مان هڪ بوهيچٽن جي پڙي ڪڍي ڪيس آڇيندي چيم، ”اڇ تہ ڪائون. “ هن ان پڙيءَ کي پري هٽائيندي چيو، ”مان ٻارن وانگر پڙين ۾ بوهي چٽا ڪائڻ پسند نہ ڪندي آهيان. هن عمر ۾ سونهين ٿو ؟ “ هن حقارت وچان بوهي چٽن کي ڏسندي چيو. مونکي من ئي من ۾ خوب غصو آهي. سوچيم، اچي ويئي وري عمر تي، هاڻ ڇا ڳالهايان ؟ جنهن ۾ عمر نہ اچي، ٻار ۽ گهوٽ بہ نہ اچي. ڪي لڪل ڏنگ آهن جي ڪيس لڳن ٿا، انهن وشين تي. خير، ٿورو وقت هيڏانهن هوڏانهن جون بي مطلبي ڳالهيون ڪري مون ڪائنس رخصت ورتي.

گهر ۾ اچڻ سان ئي وري مان، روزمره جي مشغولين ۾ ُگم ٿي ويس. ڪي ڏينهن منهنجي نٽان بہ ٻارن سوڌي مون وٽ رهيل هئي ۽ مان پنهنجي لاءِ بہ چند گهڙيون حاصل نہ پيئي ڪري سگهان. مس اڄ موڪل جو ڏينهن مليو ۽ ٻارن سان بہ بي اوني ٿي ٿي وي ڏسي

رهي هيس. دروازي تي گهنٽي وڄڻ جي بدران زور سان ڪوئي نڪ نڪ ڪري رهيو هو. آواز تمام زور سان هو، منهنجيءَ ڏيءُ اٿي دروازو کوليو.

بدحواس مونيڪا گهر ۾ داخل ٿي. هن منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ اندرين ڪمري ڏانهن گهلڻ لڳي. مون ٻارن کي اِشارو ڪيو تہ ُلي ئي وينا هجن. هوءَ گهليندي مونکي ڪمري جي دريءَ وٽ وني آئي ۽ رستي طرف اشارو ڪندي چيائين، " ڏس، هي گندا مرد، منهنجو ُپٺ وني رهيا آهن ۽ مونکي ڏسي گندا اشارا ڪري رهيا هئا. مان سهٽي ۽ نندي جو ٿي لڳان."

مون کيس ڏونڌاريندي چيو، "مونيڪا هي تہ ننڍا ڇوڪرا آهن. جي توکي ٻار هجن ها تہ انهن جيترا هجن ها! توکي ڇو چيڙائيندا ؟ تو ڏانهن ڇو نهاريندا ؟ جڏهن هنن جون هم عمر ڇوڪريو رستي تي گهمي رهيون آهن. مونيڪا هنن ڇوڪرن جي نظر ۾ تون سندن ممي يا وڏي آنٽي آهين. هو تہ پنهجي ئي موُج ۾ مگن ڳائيندا پيا وڄن."

هڪ پل ۾ هن جو جو چهرو وسامي ويو ۽ هميشہ وانگر آئيني ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳي، ڄڻ تہ پاڻ کي سجاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. مون ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو، متان ٻار اسانجي گفتگو ٻڌن. ٿورو وقت آسائش ۽ آرام ڪرڻ ڪانپوءِ هوءَ هلي ويئي. مون لاءِ سوال ُڇڏ تڻ ۽ هن جي باري ۾ سوچڻ لاءِ مجبور ڪري. هڪ ضد پئدا ٿيو منهنجي من ۾ 'هن کي سمورو ڄاڻڻ جو'.

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ مونيڪا ۽ منهنجي گڏجاڻي هڪ چمپلن جي دڪان تي ٿي. خريداري ڪري اسين پاسي واري هڪ سانتيڪي ريسٽارنٽ ۾ گهڙي ويوسين. ڪولڊ ڊرنڪس جو آرڊر ڏنوسين. مون ڪانئس سوال ُپڇي ورتو، "تنهنجو گهوٽ گهڻو ڪري غائب ڇو ٿو رهي ؟ اهڙي ڪهڙي نوڪري ؟ اهڙي ڪهڙي مجبوري آهي ؟ "

"مان اڌوري عورت جو آهيان ! مون گهڻائي علاج ڪرايا پورٽنا پائڻ لاءِ، ٻار منهنجي گهوٽ کي بہ وڻندا آهن ۽ مونکي بہ. پر مان هن جڏي جسم کي ڇا ڪيان ؟ ڦڪيون، علاج، دعائون وئرت ويون ۽ ڍڳ پئسا بہ. مون تہ ممتا جو در بند ڪري ڪلف چاڙهي چابي ڦٽي ڪري ڇڏي ڪنهن سمنڊ ۾ ۽ گهوٽ کي وس ۾ رکڻ لاءِ شرير کي سجايم، سنواريم، جاڳايم. رچنا نہ ڪندڙ هن شرير کي مينڪا ٺايم. منهنجي چال، شڪل، آواز، گهر جي وايومنڊل ۾ واسنا سمائجي ويئي. جيئن منهنجو راڻو مون سان ريجهيل رهي. هو مونکي ڇڏي نہ وڃي. هن عمر ۾ اهو سڀ ڪجهہ مون لاءِ ڪيترو مشڪل هو سريتا!"يڪساهي ايترو ڳالهائڻ ڪانپوءِ هوءَ ٿڪجي پيئي هئي. هن جون اکيون بند ٿيڻ لڳيون. اسان جون آرڊر ڪيل شيون و يٽر رکي ويو ۽ چپ چاپ مان آرينج جوس ۽ هوءَ ڪولڊ ڪافي جاُڪ پرڻ لڳيوسين ۽ ختم ڪري ٻاهر نڪتيوسين.

ٻاهر نڪرندي ئي مون گجري وارو ڏٺو. مونکي موگري جا اڇا سرهاڻ وارا گل بيحد وڻندا آهن. بہ گجرا ورتا، هڪ مون پاتو ۽ هڪ کيس پائي ۽ تمام پابوه مان ڏانهنس نهاريم.

سندس اڪين ۾ ڳوڙها اٽڪيل هئا. جن ڪي اڪين اندر لڪائڻ جي هوءَ بي حد ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ هن منهن بي طرف ڪري ڇڏيو. مون هن کي هلڪي ڇهنڊڙي پائيندي، شرارتي نوع ۾ چيو، ”تہ پتيءَ جو پيار حاصل ڪرڻ لاءِ تو هيترا جتن ڪيا ؟ شاباس ! هن عمر ۾ بہ . . . خير تون بہ تہ ساوتري ٿينءَ جو ستيوان حاصل ڪيئہ.“

منهنجي پيار ڀريءَ ڳالهہ جو اثر بہ الائي هن تي ڪهڙو پيو جو هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ لرزندي چوڻ لڳي، ”مان ڪجهہ بہ وڃائڻ نٿي چاهيان. حاصل ڪرڻ ٿي چاهيان مونکي ديا ۽ همدردي نہ کپي. ورهايل پتي نہ. پر سمورو، من ۽ تن سان صرف مونکي چاهيندڙ. پر الا ! سريتا ائين نہ ٿيو“ ۽ هن جي اهڙي حالت ڏسي مان گهبرائجي ويس ۽ يڪدم آٽو رڪشا سڏائي ۽ ٿورو سهارو ڏيئي ڪيس اندر داخل ڪيو ۽ ڪيس چپ ڪري ويهڻ جو اشارو ڪيو. هڪ ڏاهي ٻار جيان هن منهنجو چيو مڃي وقلڻ بند ڪيو، پر ڦٽڪندي ۽ لڇندي رهي. مون سندس ڪنڌ پنهنجي ڪلهن تي رکيو ۽ آهستي آهستي مٿي تي آڱريون ڦيرائڻ لڳس، هن کي ٿورو آرام ۽ آٿت اچي رهيو هو.

گهر اچي مون ڪيس اندر ڪمري ۾ ليٽايو. پاڻي پيئاريو، گرم ڪافيءَ جو اڌ ڪوپ پيئاريو. هن اکين ئي اکين ۾ منهنجا شڪرانا بجا آندا. مون سندس هٿ پڪڙي پيار ۽ ميناج ڀري لهجي سان پڇيو، ”مونکي هاڻ ۽ اج سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ، بس هاڻ نہ لڪاءِ، ڇا ٿيو ؟ “

”منهنجي پتيءَ فلئٽ منهنجي نالي تي ڪيو آهي، ماهوار خرچ بہ ڏيندو آهي. مهيني ڏيڍ چڪر بہ هڻندو آهي. ٿورا ڏينهن ٿيا هو آيو، ٻچنن جي ڪئسٽ وٺي. ديوارن تي ديوتائن ۽ سنتن جا چتر لڳائي ڇڏيائين. مون لاءِ ڊيگ ڌارمڪ ڪتاب آندائين ۽ مونکي ستسنگ ۾ وڃڻ لاءِ صلاح ڏنائين تن ۽ من کي شانت ڪرڻ جا اُپار ٻڌائڻ لڳو.“

مون چيو، ”تمام سٺو، اهو تہ آنند مارگ آهي، توهان ٻنهي جي ان ۾ ڀلائي آهي.“

هن تمام ڏکاري آواز ۾ چيو، ” ٻنهي لاءِ نہ، صرف مون لاءِ. “

مان سوالي نظر سان ڪيس نهارڻ لڳم. مونيڪا آهستي آهستي دريءَ جي ويجهو وڃي بيٺي ۽ تازي هوا سواسن ۾ سمائڻ لڳي. ”ٻڌ سريتا، منهنجو پتي، هڪ ڪامي پرش هو. نؤڪري ۽ ٽوئرنگ جو بهانو ڪري، الائي گهڻن گهاٽن جو پاڻي هو پي ايندو هو. طرح طرح جون دوائون ۽ مون مٿان بہ الائي گهڻا تجربا ڪندو رهيو، مان بہ ڪيس وڃائڻ نہ پيئي چاهيان. بس جيستائين هلي سگهيس، هليس. پر . . . آخر ۾ هن بئنگلور ۾ شادي ڪري ڇڏي، ٻاويهن سالين جي چوڪري آهي ۽ لِ مان ڪيس هڪ ٻار بہ آهي. “

مون ڪيس سندس ڳالهہ کي اڌ ۾ ئي ڪپيندي چيو، ”متان ڪنهن ڪوڙ ڳالهايو هجي، متان ٻڌل ڳالهين تي ڀروسو ڪرين ! “

هوءَ هنيانءُ ڦاڙي روئڻ لڳي ۽ سڏڪندي چوڻ لڳي، ”هن پاڻ ئي مونکي ٻڌايو. ان ڳالهہ کي ڇهہ اٺ مهينا ٿيا ۽ ان دؤر ۾ ئي سريتا تون مونکي گڏينءَ ۽ مان توکي چنبڙي پيس، هن

عمر ۾ جاڳايل شرير، مئل من، پٿڪيل آتما ڪٽي، مان پيئي پٿڪان، منهنجا ٻئي جهان ويا، نه هتان جي نه هتان جي . . . هي مرد . . . “ بس پوءِ ته مونيڪا مرد ذات لاءِ . . . . ڏوڙيو وسائيندي رهي. ’مرد‘ اکر سان سندس اکيون خوفناڪ ٿي رهيون هيون. ڪو زلزلو اچي ويو، جنهن کي شانت ڪرڻ ۾ منهنجي همت به جواب ڏيئي بيٺي هئي. مون سندس ٿڌن ۽ پگهريل پيرن کي مالش ڪرڻ شروع ڪئي. ڪمري جون دريون کولي ڇڏيون. ڀرپور هوا ملي کيس، ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيس مان؟ مون سندس مٿي تي هٿ گهمائڻ شروع ڪيا ۽ آهستي آهستي بلڪل سر گوشي ڪندي کيس شانت رهڻ لاءِ چوڻ لڳس. ”مونيڪا سويڪار ڪر. پنهنجي تتل من کي ٿڌو ڇنڊو هڻڻ جي ڪوشش ڪر. ڪٿي ڪا ننڍي وڏي نوڪري ڪري، من کي رماءِ. جيڪي ٿي چڪو، ان کي بدلائي نٿو سگهجي. ان جو اثر گهٽائڻ جي ڪوشش ڪر. تون ضرور ان حالت مان ٻاهر نڪرندينءَ، مونکي پڪ آهي، مان آهيان نه توسان.“

هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ڦڪي مرڪ مرڪي. اڌ ڪلاڪ ڪن هن کي پنهنجي گهر ۾ آرام ڪرائي مان کيس اڪيلي گهر ۾ اڪيلي ڇڏي آيس.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مون کيس پنهنجي هڪ ڄاڻ سڃاڻپ واري ڊاڪٽر جي ڪلنڪ ۾ هڪ ننڍڙي نوڪري وٺي ڏني جيئن سندس چند ڪلاڪ مشغول گذرن، پر حال احوال پڇڻ مان خبر پوندي رهي، هوءَ پنهنجو من رمائڻ ۾ اسمرٿ ٿي رهي آهي. ڇئن پنجن ڏينهن کان هوءَ لئي عير حاضر رهي ۽ گهر ۾ به جڏهن فون ڪيان پيئي ته ڪوئي ڪٽي نه پيو.

آخر مونيڪا ئي اچي پهتي منهنجي گهر. چهرو پيلو، هٿن ۾ ڏڪٽي، مونکي گهلي دريءَ وٽ وٺي آئي ۽ پنهنجي اڳ ۾ ڪيل ورتاو جو دهراءُ ڪرڻ لڳي، ” ڏس، هو گندا مرد مونکي ڇيڙائين ٿا . . . .“ ۽ بس الائي ڇاڇا چوندي پيئي وڃي، مون ڏانهنس نهاريم ۽ هڪ ٿڌو ساهه کڻي ويو. ’ل ! هڪ عمر جي چڪرويوه ۾ ڦاسي، هوءَ پاڻ پنهنجي دشمن بڻجي پيئي آهي، حالتن جو شڪار مونيڪا! ڇا هوءَ هن چڪرويوه مان نڪري سگهندي ؟؟؟ مون آسمان طرف نهاريو.

وهڪري جو موڙ

پنجن ڇهن سالن ڪانپوءِ اڄ انتظار جو گهڙيون پوريون ٿيون آهن. اڄ هو اچڻو آهي، هو جنهن جي ساهه سان مون ساهه کنيو آهي، جنهن جون عادتون، پسنديون، سياءُ، ويچار منهنجيءَ شخصيت ۾ سمائجي ويا آهن، جنهن جي گڏ هئڻ جي احساس کان مان هڪ پل به آجي نه ٿي سگهي آهيا.

قلمي دوست جي ڪالم ۾ هن جو نالو، ائڊريس ڇپيل هئي. رچنا منهنجي ڏيءُ، ڊوڙندي مون وٽ آئي ۽ اها ائڊريس ڏيکاريائين ۽ چوڻ لڳي " ممي، هن شخص جون پسندگيون بلڪل تو جهڙيون آهن، ساهت ۾ شونق، چترڪلا، قدرت سان پيار، گوڙهين وشين جهڙوڪ منووگيان ۽ فلاسافيءَ تي ويچار ونڊڻ، پراڻن فلمي، غيرفلمي گيتن سان پيار ۽ گنگنائڻ. ممي بس خط لک ۽ پنهنجي ائڊريس به لک."

مون رچنا جو ڪن پٽيندي چيو، " پر هن ۾ عمر ڪٿي لکيل آهي ؟

"اهڙا ويچار جو رڪندڙ هوندو سو ننڍو ٻار ته نه هوندو. توکي پنهنجا خيال ونڊڻ لاءِ ڪو ساٿي کپي. ڇڏ هاڻ ان ڳالهه کي. ڏس لفافي تي ائڊريس به وجهي ٿي ڏيانءِ. "

هن هڪ خط لکيو، جلد ئي هن جو جواب آيو. بس الائي ڇا ٿيو. ٻنهي طرفن کان خطن جي برسات وسڻ لڳي. ائين پئي لڳو، ڄڻ صدين جو ساٿ هو. ٻه ڄاڙيون آتمائون هيون جي وڇڙي مليون هيون.

مونکي ننڍي هوندي کان ئي نرتيه، سنگيت، چترڪلا ۽ ساهت سان پاڳلپڻ جي حد تائين پيار هو. ڇڳائي انعام کٽيا هئم. پر گرئجوئيٽ ٿيڻ سان ئي شادي هڪ سکي ستابي گهر ۾، مائٽن جي ڳولها ۽ پسنديءَ سان ٿي ويئي. منهنجو پتي واپاري هو. بنگلو، ڪار ۽ ٻيا سڀ عيش عشرت جا سامان هڪيا تڪيا حاضر هئا. گهٽتائي هئي ته گيت، سنگيت ۽ ڪلا جي هئي. پتي پئسن ڪمائڻ جي هڪ مشين هو. گهر جي ٿڪ ڪي صرف گهرو ڳالهين، رڌڻ، پچائڻ، پرت، زيور ۽ ڏل جي ساراهه يا نندا ڪرڻ جي اختياري هئي. ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ٻين ڪلائن کي گهٽتائيءَ واري نظر سان ڏٺو ويندو هو.

منهنجو من ڪومائجي ويو. چنڊ، تارا، گل شبنم، پهاڙ، جهرڻا، لئه تال، وينا، سڀ وسارڻا پيا. مانُ اڄايل هئس دل جي دنيا جي.

وقت گذرندو ويو. ٻه ٻار به ٿيا. گلڙن جيان پيارا پيار، منهنجيءَ ممتا جا دلارا، جن منهنجي سخت ٿيل دل جي زمين ۾ نمي ۽ گرمائش آندي. مشيني زندگيءَ ۾ ڪجهه بدل سدل آئي. مان هڏ ماس جي ٿيڻ لڳي هئس. وڏي رچنا ۽ ننڍو آڪاش، انهن جي پيار ۽ شيوا ۾ ڪئلينڊر ڪروٽ بدليندو رهيو.

قدرت کي منهنجو خوش رهڻ پسند نہ هو. اچانک هک حادثي ۾ منهنجو پتي سرڳواس ٿي ويو. هاڻ مان ۽ منهنجي رُکي زندگي، پتيءَ جو ڪاروبار سنڀالڻ، ٻارن کي وڏو ڪرڻ. ماءُ بہ مان تہ پيءُ بہ مان.

مان وري خشڪ ۽ مشين بڻجڻ لڳس.

اچانک رچنا، جا اُن وقت چوڏهن سالن جي هئي، اُن راڪيش سان خطن وسيلي جوڙي ڇڏيو.

ڳالهيون دل جون ڳالهيون، ۽ ائين منهنجو نئڊپڻ، جواني سڀ واپس وري آيا. بهار جي مند اچي ويئي. منهنجي خزان روپي جيون ۾ وسريل گيت ياد اچڻ لڳا. منووگيان ۽ فلاسافيءَ جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ. هُو هڪ سٺو چترڪار بہ هو ۽ پنهنجا لکيل ڪتاب بہ هن موڪليا. منهنجو اندر جو سمهيل ڪلاڪار جاڳي اُٿيو. جيڪو وقت پيو ملي، ڪلا جي ساڌنا ۾ گذارڻ لڳس.

اسان جيون جي هر اُڏام ۾ گڏ هئاسين. پر جڏهن مان هن جي گهرو زندگي، عمر جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هئس تہ هو بلڪل خوبصورت انداز ۾ ٽاري ويندو هو.

هن جا خط، هن جي ٻولي، هن جو ڪوتائون، هن جا چتر، هن جا خيال، بس مان پنهنجو وجود وساري ويٺي هئس. مان بيهوش، خماريل، مدهوش، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ رهڻ لڳيس.

منهنجي ڌيءَ رچنا، هوبهو مون تي ويئي هئي. رنگ روپ، نزاڪت، ڪلا، ڪلا جي مورتي. هوءَ ڌيءُ ڪان وڌيڪ منهنجي ساهيڙي هئي. مون ۾ هوءَ پرپور دلچسپي وٺندي هئي. منهنجون رچنائون پڙهندي هئي. اُتساهہ وڌائيندي هئي. شروع شروع ۾ مون رچنا کي راڪيش جا بہ چار خط پڙهي ٻڌايا، هوءَ بيحد متاثر ٿي هئي ۽ هن جو چهرو ٻهڪڻ لڳو. ڏيري ڏيري الائي ڇو مون ڪيس خط پڙهائڻ بند ڪري ڇڏيا. ڪڏهن ڪڏهن مونکي بيحد خوش ڏسي شرارت ڀرين اکين سان پُڇي وٺندي هئي، "راڪيش جو خط آيو آهي ؟ "

زندگيءَ کي جيئڻ جو مقصد ملي ويو. ٻن ٻارن کي پالي وڏو ڪرڻ اڪيلي سر مون جهڙي نازڪ، ڪلپنا جي دنيا ۾ رهندڙ، ڀاڪئين دل رکندڙ کي، حساب ڪتاب، انگ آکڙا ۽ پتيءَ جي صحبت بنا، اڪيلي زندگيءَ کي سنڀالڻ جو موقعو مليو. هن جي منٺڙين يادگيرين سان، هن جا لکيل جملا، شعر، ڪهاڻيو ۽ خيالن جي نفاست، اکرن جي چونڊ، بس هر وقت هو ۽ هن جي ڪلپنا. مان خوش رهڻ ڪري ۽ ڪنهن عجيب من مطابق ماحول ۾ رهڻ ڪري، هونءَ کان وڌيڪ سندر ٿيندي پيئي وڃان. خوب خيال ڪرڻ لڳس صحت، شرير ۽ پوشاڪن جو.

اڄ هُو اچي رهيو آهي . . . ڪيئن هوندو ؟ عمر ؟ قد ؟ سونهن ؟ پنجن سالن کان گهرڻ تي فوٽو بہ نہ موڪليائين.

ڪيئن گڏجنداسين؟ رسمي طور ؟ ڀاکر پائي ؟ يا مان شايد بيهوش ٿي وڃان ؟

مان اڪيلي هونديس ؟ رچنا هوندي ؟ پپو هوندو،ڻ وقت ؟ ڪم واريءَ مائيءَ کي موڪل ڏيئي ڇڏيان ؟ ڌوٻي، مالهي، پاڇين وارا سڀ تہ هميشہ وانگر ايندا ئي رهندا ؟

گڏجڻ وارا بہ هونئن ڪان وڏيڪ ضرور ايندا. خاص ان وقت جڏهن هؤ اچي، ان هڪ پل لاءِ تہ مان اڪيلي هجانءُ اهو هڪ پل.

پر ڇا انسان جيڪي چاهيندو آهي سو ٿيندو آهي ؟ هرگز نہ. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ تہ ائين نہ ٿيو. اڄ اهڙو نہ سڀاڳو ڏينهن هو، جو هرڪو بندو حاضر هو گهر ۾. پپوءَ کي بہ ڪنهن ڪم سان ٻاهر موڪليم. نؤڪر کي ڀاڄي وٺڻ لاءِ ۽ مائيءَ کي بہ اهڙي ڪم لاءِ جو ڪلاڪ ڪن تہ نہ اچن. پر رچنا ! هو ڪتاب کڻي پڙهڻ جو موڊ ٺاهي ويٺي رهي. خرچي هٿ ۾ ڏيئي بينا، رينا، ٽينا وٽ وڃڻ لاءِ چيومانس. پر هوءَ ڪنهن بہ صورت ۾ گهر ڪان ٻاهر پير ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هئي.

آئيني اڳيان بيهي پنهنجو ڀرپور جائزو ورتم، هلڪو ميڪ اپ ڪيم، ڪن وٽ ۽ سينڌ ۾ ٿورا اڇا وار جڻ تہ مونکي چيڙائي رهيا هئا. ڪاري ڪاجل جي پينسل سان انهن کي ڪارو ڪري ڇڏيم. عمر ڪان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي ڏهہ سال ننڍو پاتم. گلابي ساڙهي پاتم، وارن ۾ گلابي رنگ جو گلاب لڳايم پنهنجيءَ سندرتا تي پاڻ موهت ٿيڻ لڳس. مون پاڻ کي اڌ خماريل حالت ۾ پئي محسوس ڪيو.

دروازي جي گهنٽي وڳي، منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي. ننڍي ٻار جيان گهبرائجي اندرين ڪمري ۾ پڇي ويس جتان پڙدي جي پٺيان بيهي رهيس. هال سڄو اتان نظر اچي رهيو هو. رچنا ئي ڊوڙي دروازو کوليو. 24، 25 سالن جو لنبو، چؤڙو، خوبصورت جوان اندر گهڙيو.

” مان راڪيش آهيان “ هن وڏو ٺهڪ ڏنو، پر هي ڇا ؟ منهنجيون اکيون ۽ ڪن ڇا ڏسي ٻڌي رهيا هئا ؟ رچنا پنهنجين ٻانهن ۾ راڪيش کي جڪڙي ڇڏيو ۽ راڪيش بہ رچنا جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائي نرڙ تي هڪ مٺي . . . . منهنجيون ٽنگون ڏڏڻ لڳيون، ڪنن ۾ سيٽيون وڄڻ لڳيون، اکين اڳيان اونڌهہ پر الائي ڪٿان همٿ آئي جو رنڊٽي واري پٺين دروازي ڪان ٻاهر نڪري هلي ويس. منهنجا پير مونکي الائي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا. دنيا ڪان بي خبر . . . الائي ڪنهن ڪان مان ڀڄي رهي هيس، شايد پنهنجو پاڻ ڪان ؟ ؟

جنهن شخص جو مون هيترا سال انتظار ڪيو، نس نس ۾ جنهن جو پيار سمائجي ويو هو، جنهن سان ڏينهن رات هم ڪلام رهندي هيس، اهو هي راڪيش هو ؟

هي سڀ ڇا ٿي ويو ؟ ڪڏهن ٿيو ؟ رچنا ڪڏهن ڪان راڪيش کي چاهڻ لڳي ؟ ڇا هن بہ راڪيش کي خط لکڻ شروع ڪيا هئا؟ ڇا هن کي راڪيش جي عمر جي خبر هئي؟ ڇا هوءَ هن جا خط بہ پڙهندي رهندي هئي. راڪيش کي ڪهرو ڏوهہ ڏيان ؟ ڪڏهن بہ تہ اسان ٻنهي

پيار جو اظهار، ڪنهن بہ خط ۾ نہ ڪيو هو. هڪ شخص ڪي ماءُ ۽ ڌيءُ هيترا سال پيار ڪنديون رهيون ! هيءُ ڪهڙي قسم جو ٽڪنڊو ؟

شانت چت سان گهر جي باغ واري نل مان منهن ڌوتم، ميڪ اپ چڱيءَ طرح لاٿم، سينڊ وٽ اچن وارن کي ڪاري پينسل لڳائي هيم سا بہ اگهيم، مٿي تي پلئہ وڌم ۽ هڪ پل ۾ پاڻ کي پنهنجيءَ عمر کان بہ وڏو محسوس ڪيم.

ساڳي ئي رنڊٽي جي پنئين دروازي کان اندر آيس، فرج مان پاڻي ڪڍي پيتم. آواز ٻڌي رچنا ڊڪندي اندر آئي، پاڪر پائي لاڏ ۾ چوچ مان چيائين، ”ممي، تون ڪيڏانهن گم ٿي ويئي هئينءَ ؟ ڏس تہ تنهنجو راڪيش آيو آهي ! “

مون نمستي ڪئي ۽ . . . . ۽ پختائيءَ سان چيم، ”پٽ راڪيش، سفر ڪيئن ڪٽيو ؟ “

ٽڙيل پکڙيل

هلو . . . هلو . . . مان فون تي ڪندي رهيس . . . فون تي ڪنهن انگلش ۾ ڳالهايو. هلو جي جواب ڪانپوءِ مون سنڌيءَ ۾ چيو، ”توهين سنڌي آهيو؟ “ جواب وري به انگلش ۾ آيو، ” ييس“. مون چيو، ” گهر ۾ ڪو سنڌي ڳالهائيندڙ آهي ؟ “ ۽ هن چيو ” ها، منهنجي سس 70 سالن جي، اڄ ڪلهه ڪنهن ڪي سنڌي تي اچي.“ هوءَ سڀ ڪجهه انگريزيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهي هئي. ”ترسو، مان سس کي سڏيان ٿي، پر تون ڪير آهين؟“ مون پنهنجو نالو ٻڌايو. هن پڇيو، ”تون به سنڌي آهين ؟“ مون چيو، ” ها “. ”منهنجي سس جيتري ؟ “ مون چيو ” نه “ ۽ هن کي پنهنجي عمر ٻڌائي ” اڙي، توکي سنڌي ڪيئن ٿي اچي؟ هن پاسي رهي به. مون ڪليو . . ۽ چيو ”پنهنجيءَ مميءَ کي سڏ“ هن ڪنهن کي نياپو ڏنو سڏڻ لاءِ، پر هن جي دلچسپي رهجي ويئي. هن کي سنڌي نه پئي اچي. هن پنهنجو نالو نيتو ٻڌايو.

جيستائين سنڌي سس اچي تيستائين اسان جي وارتالاپ انگلش ۾ هلي رهي هئي. . . هن پڇيو، ”توکي سنڌي ان لاءِ ٿي اچي جو تون سنڌي ميڊيم ۾ پڙهينءَ ؟“ مون قبوليو.

هوءَ يعني نيتو منهنجي سنڌي ميڊيم ۾ هئڻ جو ٻڌي جڻ ته خوش ٿي ۽ تمام نخريلي آواز ۾ چيائين، ”اوهه، مان ته فلاڻي فلاڻي ڪانوينٽ مان پڙهيل آهيان. اِن ڪري ئي منهنجا اُچار به آمريڪين جهڙا آهن . . . . “ مون سندس لهجي کي ساراهيو، هوءَ تمام خوش ٿي ويئي ۽ ايتري ۾ سندس ٻڍي سس شايد فون اڳيان آئي ۽ هن سان نيتوءَ هنديءَ ۾ ڳالهايو ۽ مون کي فون تي چيائين، ”چا ڪيان منهنجي سس کي انگلش نه ايندي آهي. سو ٽٽل ڦٽل هنديءَ ۾ ڳالهائيندي آهيانس. نؤڪرياڻيءَ لاءِ مرهٽي ٿوري ٿوري سکي آهيان ۽ سس لاءِ هندي“ ۽ نيتوءَ سس کي فون ڏيندي چيو، ”ممي، ڪا سنڌي مائي آهي، جا توسان سنڌي ۾ ڳالهائڻ ٿي چاهي، مان هن کي ڪونه سڃاڻان.“

ڪنهن جي هٿ ۾ فون هو، ”هلو، هلو؟ مون پيار وچان چيو، ”امڙ ڪيئن آهيو؟“

الائي چا مون چيو . . . . فون تي مون کي سڏڪا ٻڌڻ ۾ آيا ۽ سڏڪن جي وچ ۾ هڪ جهيڻو ڏڏندڙ آواز حب سان پريل، ” تون امڙ چيو . . تون سنڌي ڳالهائي ؟ . . منهنجو به هنيانءُ پرجي آيو، اڻ ڏٺل، اڻ سڃاتل پنهنجيءَ سڳيءَ امان جي عمر جهڙي استريءَ جي واتان نڪتل گهڙيءَ ٻه ٽي الفاظ ٻڌي ۽ امڙ اکر جو مناس ۽ سندس تاثير ڏسي.

آخر اسان ٻنهي پاڻ کي سنڀاليو. هن پڇيو، ” تون ڪير آهين؟ سنڌي ڳالهائڻ جو ٿي چاهين ؟ ڪيتري عمر اٿيئي؟ نالو وغيره . . . سوالن پٺيان سوال . . مون ٿورڙيءَ ٻڌيءَ امڙ کي سڀ ڪجهه ٻڌايو ۽ باقي سنڌي ڳالهائڻ جو مقصد ٻڌائڻ لاءِ مون چيو، ” امان ! ويجهو ته رهندا آهيو، چا گهر به نه گهرائيندا؟“ هن چيو، ”چو نه دل! نيتو گهر جو پتو ٻڌائيندءِ، مون کي

تہ رستا وغيره بہ خبر نہ آهن. موتئي بندوءَ جي آپريشن جڏو ڪري ڇڏيو آهي، پر اسان جو بنگلو تمام وڏو آهي، توکي فون نمبر ڪٿان مليو ؟ “

مون چيو ڊائريڪٽريءَ مان سيني سنڌين جا فون نمبر هٿ ڪيا آهن.

پڇيائين ” چو ؟ چا ڪندينءَ سيني سنڌين سان گڏجي؟ چندو ڪٺو ڪرڻو اٿيئي ؟ ڪنهن سنڌي سنستا جو ميمبر بڻائڻو اٿيئي؟ چا ڪرڻو اٿيئي؟ هن ايراضيءَ ۾ جتي سڀ مرهٽا رهن، سنڌي رهندا آهن چا؟ گهڻا سنڌي گهر آهن؟“

مون کلي چيو، ” امڙ 39 گهر، پر سڀ ٽڙيل پکڙيل، هڪ ٻئي جي وجود کان بي خبر، هڪڙا مرانا ٽائيپ سنڌي، هڪڙا هندي ميڊيم ٽائيپ سنڌي، هڪڙا انگريزي ٽائيپ ساري انگلش ميڊيم ٽائيپ سنڌي، سنڌي ناهن جڻ تہ ڪي ميڊيمس آهن ٻولين جا، پاڻ ڪي ڪهن بہ رنگ ۾ رنگيندڙ سنڌي ايترا تہ رنگجي ٿا وڃن جو سندن اصلوکو رنگ ڪهڙو، سو بہ خبر نہ پوي.“ ٻئي پاسي ڪوبہ آواز نہ ٻڌي مان سمجهي ويس ٻڌي امڙ کي منهنجيون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ آيون، سو ٽڙتڪڙ ۾ چيم، ” امڙ، پوءِ ُتهن کي چئو، مون کي ائڊريس ڏئي، مان سياڻي گهر ايندس ۽ خوب ڳالهيون ڪنداسين.“

ٻئي ڏينهن مقرر ڪيل وقت موجب مون گهر ۾ قدم رکيو، وڏو شاندار باغ، طرح طرح جا گل هئاُ اِن باغ ۾، ُلي مون ُگلن جي وچ ۾، ُگلن جيان ٽڙندڙ هڪ مکڙو ڏٺو، هن مرڪيو، مون بہ . . . . هن مرڪي هٿ وڌايو ۽ انگريزيءَ ۾ چيو، مان نيتو. ۽ مان توهان کي ڏسي وائڙي ٿي ويئي آهيان. فون تي ڳالهائيندي ائين محسوس ٿيو، ڪاڏيءَ جي ساڙهي پائيندڙ، جوڙو ۽ تلڪ وڏو پيشانيءَ تي، ڪا سماج سڌارڪ هوندي، پر تون تہ مون وانگر پيئي لڳين. ماڊرن ۽ . . . . “ مون هن جي جملي کي لڄ وچان ڪٽي ورتو ” اندر هلڻ لاءِ نہ چوندينءَ. هتان ئي وڃان.“ هن هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ سواگت ڪيو. اندر هلندي هلندي مون پنهنجي پرس مان جهوليلال جو فوٽو ڪڍيو ۽ هن کي ڏنو ۽ چيو ” گفٽ تولاءِ“ هوءَ ڪجهہ هڪي ٻڪي ٿي ويئي ٿئنڪس تہ چيائين . . . . .

” ديدي . . . . . “ مون چيو ” هون“ ” مان ڪجهہ توهان کان پڇان ُبرو تہ نہ لڳندو؟“ مون چيو، ” بلڪل نہ.“

ديدي، هيءَ ڪنهن جي تصوير آهي ؟“ مون بي اعتباريءَ سان هن ڏانهن نهاريو. هن جي اکين ۾ معصوميت هئي، . . . منهنجي وات ۾ جڻ ڪوڙاڻ پرجي ويئي، سنڌي ۽ سنڌيت جي نالي تي. پر ظاهري مرڪندي چيو، ”لعل سائين، جهولي لعل، جل ديوتا، سنڌين جو ديوتا.“

هن وساميل آواز ۾ چيو مون کي، ”اڄ تائين خبر چو نہ پئي؟“

مان نيتوءَ جي ان سوال جو جواب ڪهڙن اکرن ۾ ڏيان ؟ چا ڪاڻ ٻڌايان، ڪنهن کي ڏوهي ٻڌايان؟ خير. مان ان جو جواب ٽاريندي اڳتي وڌندي رهيس، اڻ ڏٺل امڙ جي تلاش ۾ . . . . .

پاڪر پائي گڏيوسين، چيائين، " اچ منهنجي سنڌياڻي" مون وڏو ٺهڪ ڏنو . . . . چڱو عرصو ان پاڪر ۾ رهيس. من پرچي آيو. پنهنجي امڙ جي ياد اچي ويئي جا ٽن سالن کان مون کي ڇڏي پرماتما ۾ سمائجي ويئي هئي ۽ مان ُان وقت کان 'امان' اکر چوڻ ڄڻ تہ وساري ويٺي هئس. پر هڪ وڏو خال هو من ۾ ڄڻ سينو تہ هو پر دل نڪري ويئي هئي. اهڙا خال پرجندا تہ ڪونهن پر ڪجھ سڪون ملندو آهي ساڳئي قسم جي شخصيت ڏسڻ سان.

حال احوال ڏيڻ ڪانپوءِ خبر پيئي 14، 15 سالن کان هوءِ بلڪل سنڌين کان ڪٽيل هئي، بس جيئن ٽيندو ويو سويڪاريندي ويئي. مرد صبح نڪرن رات جو 10، 11 اچن ڏنڏن وارا.

هن اتساھ وچان ڏيکاريو ڏھ سال اڳ بہ هن پڳونتي ناواڻيءَ جا ڪيسيٽ خريد ڪيا هئا. . . مون شڪايت جي نوع ۾ چيو، "توهان امان ٻارن سان سنڌي چو نہ ڳالهائي؟"

" پٽ اسڪول انگريزيءَ ۾ پڙهن، اسان کي بہ الائي ڇا ٿي ويو جو ٽٽل ڦٽل هنديءَ ۾ پيا ڳالهايون، پر سنڌي الائي ڪيئن ڇڏجي ويئي خبر ئي نہ پيئي. آس پاس سڀ مرهٽن جا گھر، هاڻ تہ سنڌيءَ جو پرلاءُ پوڻ سان عجيب پيو لڳي."

خير! مان ُان ڪٽنب کان جڏهن موڪلايو ۽ پنهنجي گھر ۾ ميٽنگ جو وقت ۽ ڏينهن ٻڌايو تہ نيتوءَ مرڪندي چيو تہ، "مميءَ کي ڊرائيور سان گڏ موڪليندس." مون پاٻوھ مان چيو، "نہ صرف ممي، پر تنهنجو هئڻ نهايت ضروري آهي." هن چيو، "مون کي تہ سنڌي نہ ايندي آهي، ٿورو ٿورو سمجهندي آهيان، سڀ ڪلندا." مون چيو، "ڪوبہ نہ ڪلندو، تو جهڙا، تو جهڙيون گھٽيئي هونديون."

اهڙي نموني سٺر ڪندي بلڊنگ جي هيٺان ڏنل نالن کي پڙهندي هر هڪ گھر جو وايومنڊل ڏسندي، گڏجندي پنهنجيءَ بنگلن واريءَ ايراضيءَ ۾ بہ واقف ڇهرن، پر اڻ واقف نالن سان گڏجندي، اهو ڏينهن اچي پهتو، جنهن ڏينهن سنڌين جي ميٽنگ منهنجي گھر ۾ هئي. منهنجي من ۾ تمام گھڻ ي ويچارن جي ُلٿل ُپٿل هئي، اندازي موجب 25، 30 زالن اچڻ ۽ گڏجڻ جو ارادو ڏيکاريو هو. پر سنڌين جو حال ۽ سنڌيءَ جو بروحال، ذهن ۾ ايندي ئي منهنجو من منجهي پيو.

ايندڙ مهمانن جي تياري ڪندي بہ چتي هئس. وچ وچ ۾ منهنجي ڌيءُ، پٽ، پتي منهنجيءَ حالت تي کلي رهيا هئا. . . . 40، 50 ماڻهن جي چانھ، بسڪوٽ، چووڙو، وغيره وغيره. ننڍي ڪمري نما هال کي ڏسندي، ڪرسيون رکندي، پاسي وارن کان گھرائيندي مان ڪلڻ هاب حالت ۾ هئس. جي بہ ٽي ماڻهو آيا تہ ؟ سڀ ڪلندا، ٻار، گھوٽ، پاڙي وار . . . خير . . . .

ٿورا مرد، گھٽيون زالون ايندون ويون . . . . ۽ برابر 30، 35 جو انداز . . . . ٿيندي 38، 40 تائين پهتو. مان وائڙي ٿي ويس ؟ هي سپنو آهي يا ساڪار. . . . . سڀ هڪ ٻئي سان گڏجن پيا، پاڪر ۾ پيون پرين، ڪي هڪ ٻئي کي شڪل مان سڃاڻن پيون پر سنڌي هئڻ کان واقف

نہ ميلو مچي ويو منهنجي ننڍڙي گهر ۾، هال منهنجو پورو نہ پيو. الڳ الڳ ڪمرن ۾، پلنگن تي، پٽ تي جتي جنهن کي جڳهہ مليُ لي ويهجي ويو.

منهنجي اکين ۾ خوشيءَ سان پريل آنسو هئا ۽ چهري تي هڪ عجيب مرڪ، مان پنهنجي گهوٽ ڏانهن فتحياب مرڪ سان نهارڻ لڳيس.

خير اڌ ڪلاڪ تہ هڪ ٻئي سان گڏجڻ، واٽڙو ٽيڻ جو سلسلو هلندو رهيو، مونُ لها جڳهہ والاري جتان سيڪو مون کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهي ۽ باقائدي ميٽنگ شروع ڪئي، سيني پنهنجي پنهنجي واقفيت ڏني.

ان ڪانپوءِ مون سيني کي جهولي لعل جو فوٽو ورهايو ۽ سيني کي چيو پنهنجي گهر ۾ لڳايو، سنڌيت جي سڃاڻپ ۽ ڏيرو لعل هڪ سڃاڻپ جي نشاني.

ڪن نئين پيڙهيءَ کي ڏوهہ ڏنو تہ هنن سنڌي ڇڏي ڏني، نئينءَ ٿهيءَ وارن بزرگن کي، بزرگن وري ورهاڱي کي ۽ انگريزي اسڪولن کي. بس هڪ ٻئي کي ڏوهہ ڏيندي پنهنجيءَ حالت جو احساس ڪندي وقت گذرندو پئي ويو. ُ لن مان نيتوءَ چيو "ديدي، هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. انگلش ماڌيم ۾ سيني جاتين جا ٻار پڙهن ٿاُ لهي تہ پنهنجي ٻولي ڳالهائين ٿا.

مون تہ ڪنهن بہ مرانيءَ، گجراتي يا ڏکڻ پارت جي مائٽن کي ٻارن سان هندي يا انگريزي يا ٻي ڪا ڌاري ٻولي ڳالهائيندو ڪونہ ٻڌو آهي. مرانا ماءُ کي'آئي' پيءُ کي بابا چون ... اسان چو ائين ڪيو ؟"

مان ڇا جواب ڏيان ؟

اها وشيہ هڪ مذاق بڻجي پيئي آهي، سيني جاتين لاءِ. سنڌي ٻولي ۽ سنڌين جي اهڙي درگتي ... نيتو مون سان انگلش ۾ ڳالهائي رهي هئي، مون بہ ڪيس انگلش ۾ ئي جواب ڏنو .... سيني کي اعتراض محسوس ٿيو.

سڀ ڪل ڪل ڪندي چوڻ لڳيون، "سنڌيءَ ۾ ڳالهايو، سنڌي ميٽنگ آهي ...."

مون بہ وڏو ٽهڪ ڏنو .... پر ان ٽهڪ جو مطلب صرف مون ۽ منهنجيءَ ڌيءُ سمجهيو. گهر ۾ هندي، مراني انگلش ڳالهائيندڙ، اڄ سنڌيت جي جذبي ۾ اچي .. جو الائي پل جو هو يا دائمي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ چئي رهيون آهن ... خير ....

اوچتو ڪنهن ميڙ مان پڇيو، "توکي سنڌين کي هيئن ملائڻ جو خيال ڇو ۽ ڪيئن آيو ؟ هيڏي وڏي ايراضيءَ ۾ ٽڙيل پکڙيل گهر، رستن تي ايندي ويندي ڏسون، پر سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ڪير مرانو ؟ وڏي عمر جا T.V، ويڊيو پڪڙي گهرن ۾ بند، سو کهڙو ڪارڻ آهي هن گڏجاڻيءَ جو ۽ خيال ڪيئن آيو ؟ ...

ان سوال تي مان ڏاڍي جذباتي بڻجي ويس، روئڻ تي دل ٿي رهي هئي، زور زور سان روئڻ تي، چيخڻ تي ... اهڙي چيخ جا وچي آسمان تائين پهچي، جا ڌرتيءَ کي ڌوڏائي ڇڏي،

پر . . . پر ان چيخ، ۽ رودن کي دٻائڻ لاءِ مون پاڻيءَ جي گلاس جو سهارو ورتو، ۽ ڪجهه پل وچ ۾ پون ان لاءِ تمام آهستي، آهستي پاڻي پيئندي رهيس.

سيني جون اکيون مون ۾، ۽ هڪ سناٽو ڇانيل . . . مون هڪ زال طرف اِشارو ڪيو جا اڇي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي . . . . هن جي ڪري . . . .

سيني چرڪي هن ڏانهن نهاريو، هن جهڪيل ڪنڌ وڏيڪ جهڪائي ڇڏيو. ڳوڙها سندس ڳلن تي هئا. پنهنجي ڪري سنڌي ڪتابن ڏانهن اشارو ڪندي چيو هنن جي ڪري. پنهنجي لاءِ ۽ توهان سيني جي ڪري. هيءَ مسز واڌواڻي هنن وڏن ماڻهن جي ڪالونيءَ ۾ ڇئن مهينن کان رهڻ آئي، جنهن جي پتيءَ کي دل جو دؤرو پيو، ڪو هن کي نه سڃاڻي، بروقت ڪنهن جي مدد نه ملڻ سبب جڏهن سندس پتي گذاري ويو ته چار ڪانڌي ملڻ مشڪل. ٻين ذاتين وارا ڇون پيا الائي هنن سنڌي سائين ۾ ڪهڙا رواج ؟ سو وچ ۾ نه پيا اچن، درن ۽ درين مان ليئا پائي پيا سس پس ڪن. مسز واڌواڻيءَ ٻڌائڻ شروع ڪيو، ” مان گهڙيءَ گهڙيءَ بيهوش ٿي پيئي وڃان. ٻار ننڍڙا روئن پيا، انهن لاءِ ڪاڏو ڪير رڌي ؟ مان پاڻ ئي بي حال پيئي هئس. امبولنس ڪرڻ کان ڪريا ڪرم تائين نؤڪرن، واچمين، الائي ڪهڙن ننڍن وڏن ماڻهن کي خرچي ڏيئي ڪم ٿي ڪرايو. ڪاش! ڪي پنهنجا هجن ها! ڪو دل وٺي ها! ڪو آٿت ڏئي ها، ڪو ٻارن کي ڪارائي ها ! “

مٺ مائٹ لڏپلاڻ ۾ هڪ ٻئي کان وڇڙي، ڌرتيءَ ڏڪاٽيل سنڌي اڪيلي هئڻ جو احساس هاڻ شدت سان ڪري رهيا آهن، من جي اڪيلائپ، سنسڪرتيءَ ۽ سنسڪارن جي اڪيلائپ سيني سنڌي کي ڏنگي رهي آهي. بس پوءِ قصن پنيان قصا نڪرندا ويا. . . . . .

چتر شرنگيءَ واري ايراضيءَ ۾ هڪ بنگلي ۾ سنڌي عورت گذاري ويئي. ماءُ هئي ٻن ٻارن جي. 12 سالين جي ڌيءَ پنهنجي مئل ماءُ جي شرير کي هن سنان ڪرايو . . . ۽ اها ڇوڪري صدمو برداشت ڪري نه سگهي، دماغي توازن ڪوهي ويني ۽ ڪيس منووگيان جي ڊاڪٽر جو علاج ڪرائڻو پيو. اها گهٽنا ٻڌي سيني جا منهن لهي ويا.

سيسرات پريندي هڪ امڙ چيو، ” ادي، ڪتو بہ ڪڙم ۾ سونهي.“

گذريل سال منهنجي ڏنڌي جي ڇٽاپيٽيءَ کان جليل پڃريل هڪ غيرسنڌيءَ منهنجي دڪان تي پٿربازي ڪئي ۽ جلائڻ جي ڪوشش ڪئي، آخر مون کي هٿ جوڙڻا پيا ته تنهنجيءَ ايراضيءَ جي گراهڪن کي ڪيسيٽ نه ڏيندس.

هڪ غيرسنڌيءَ سان ڏند تو ڏجي ته سؤ جمع ٿي تا وڃن. اسين ڇا ڪريون؟ . . . . ۽ جڏهن سيني پنهنجو هنياءُ هلڪو ڪيو پئي ۽ وايومنڊل ڳورو هو. نيتوءَ پنهنجي ٽن سالن جي ٻار کي چيو، پٽ ڇئہ ’جهولي لعل‘ ۽ هن هبڪندي، شرمائيندي چيو ’مان سنڌي . . . . .“

بس پوءِ ته نعرا گونجڻ لڳا، ”جهولي لعل ڀيڙا ئي پار . . . . “ ۽ نيتو مسڪرائڻ لڳي . . . . .

ڀڳي امڙ آسيس ڪندي چيو، ”شل سڀ ڏک سک جا ساٿي ٿيون. هميشه هڪ ٻئي سان گڏ هجون، سڀ سنڌي گڏ ٿيون اڪيلائپ جي پاونا هلي وڃي“ جڏهن ته امڙ پلئه پائي رهي هئي ۽ سڀ سانت ۾ ويهي سنڌي امڙ جي دعا، پرارٿنا ۽ پلئه ٻڌي رهيا هئاسين.

هوءَ

پونم واسواڻي 25 سالن جي نوڪريءَ ڪانپوءِ به ڪلارڪ جي ڪرسيءَ تان رٽائر ڪري رهي هئي جڏهن ڪانئس گهٽ عرصو ڪم ڪندڙ ۽ گهٽ لياقت وارن جي به ترقي ٿيندي ويئي.

اسٽاف جي طرفان اڄ پارٽي به هئي ته پريزيٽ به. تيج ۽ تپسيا ڪري پونم جو منهن ٻهڪي رهيو هو.

پچاڙيءَ جي ٻن اکرن ۾ هن صرف ائين چيو "هن آفيس مان صبر جو سبق سکيم ۽ پنهنجي ارادي تي اٽل رهڻ سکيس. شڪر گذار آهيان انهن آزمودن جي."

باس جي اکين ۾ ڪي ڳوڙها لڪل هئا ۽ مسز منسکاڻيءَ جو ڪنڌ جهڪيل.

ڳلي ۾ هار پيل، هٿن ۾ گلدستو، چهري تي تيج، ساڪيات ديويءَ جيان هوءَ نظر اچي رهي هئي. پٽيوالا اڳتي وڌي ڪيس پيرين پوڻ لڳا. هوءَ مرڪندي مشڪندي اکين ۾ آنسون لڪائي کهيا جي مورتي آفيس مان هلي ويئي.

مان سنڌس ئي آفيس ۾ هڪ ڪلارڪ هيم ۽ مونکي ياد اچڻ لڳو آفيس جو نظارو . . .

" باس توهان سڏايو آهي. "

پٽيوالي جي اکين ۾ شرارت هئي ۽ پونم جي اکين ۾ ڏپ. اسان سيني جا به ڪن سرلا تي ويا. پونم جا چپ ٿورا ڏڪڻ لڳا.

اسان جي سڄي آفيس جي اسٽاف کي خبر هئي ته هاڻي چا ٿيڻو آهي. مسز مايا منسکاڻيءَ جي چپن تي شرارت ڀري مرڪ هئي ۽ هڪ هلڪو ٽهڪ ڏيندي، ناٽ سان هڪ پٽيوالي کي گولڊ اسپاٽ جو آرڊر ڏنو ۽ نفرت، حسد ۽ مڪاريءَ ڀري نظر سان شريمتي پونم واسواڻيءَ کي نهارڻ لڳي.

پونم گهرايل فائيل ميز تان کنيو. فائيل ٽيل پنا وري ٿورا ٺيڪ ڪيا، نرڙ تان پگهر جو آيل ٻوندون اگهيائين، ٿورو ڏڪ پاڻي پيو، بي منيءُ لتي ڪڙي تي.

هاڻي چا ٿيڻو هو. اسٽاف جي هر هڪ ماڻهو کي خبر هئي، اسان اهو تماشو ور ور ڏسي چڪا هئاسين. خبر آهي، پونم جي ڪيبن ۾ وڃڻ سان ئي صاحب تمام زور زور سان ڳالهائڻ شروع ڪندو. هُن جون نه ٽيل چڪون ڪيندو. هن جي هرهڪ ڪم مان ويڪون ڪيندو، هن کي دپ ڪيندي چوندو، "اڪر - سٽاريو، ائين ٿو لڳي جڻ ته مجر ٿا ڏامن. توهين ڪم ايمانداريءَ سان ۽ من لڳائي چو نه ٿا ڪريو ؟ سچو وقت ميڪ اپ ٺيڪ ڪندي، ڪولڊ ڊرنڪ ۽ گرم پيئندي پيا وڃايو. گهٽي ڳالهائڻ جي به بُري عادت آهي توهانکي. پوءِ ڪم ڪيئن ٺيڪ ٿيندو. ڏسو مسز منسکاڻيءَ کي، محنت جو مثال آهي ۽ ان ڪري توهان کان

جونيئر هوندي پروموشن مليا اٿس. هُن جي ڪيتري عزت آهي اسٽاف ۾ . . . . . وغيره وغيره.“ ۽ جڏهن هوءَ ڊبون ڊڙڪا ٻڌي چپ چاپ ٻاهر قدم وڌائيندي ته باس جو آواز ايندو، ”يارت توهان جهڙن ماڻهن جي ڪري ئي پنتي رهجي ويو آهي.“

اسان مان هر ڪنهن کي خبر هئي ته شريمتي پونم تي لڳايل هرهڪ الزام غلط هو. هن جي سيني ڳڻن کي ناڪاري، هن کي ذليل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش هئي. پر سڀ ڪؤرون جي ڀريل دربار ۾ دروپديءَ جي بي عزتي ڏسڻ تي هريل آهيون. هوءَ وقت جي پابند، ايمانداري، ميڪ اپ ڪان پري پڃندڙ، موتيءَ جهڙا اکر، ڪم صاف سُٺو، تمام سندر ۽ اوچ سيرت واري، گهٽ ڳالهائيندڙ هئي. اسٽاف ۾ گهٽي ۾ گهٽو ڪم هوءَ ئي ڪندي هئي. باقي اسان مان گهڻي ڀاڱي وقت وڃائو هئا ۽ هن جي ڪم ڪرڻ جي لگن ڏسي شرمندا پيا ٿيندا هئاسين.

سال اڳ اسانجو باس هن جي ڪم ڪرڻ جي لگن ۽ طريقي کي، فضيلت ۽ سياءُ کي ساراهيندو هو. هڪ ننڍو پروموشن به ڪيس مليو. اسٽاف به خوش ٿيو ته ڪنهن لائق ۽ صحيح انسان جي ڪم جو قدر ٿيو. هوءَ بيحد سندر، سباجهي، فضيلتمند ۽ پرڪشش شخصيت جي مالڪڻ هئي، پر مغرور نه هئي.

اسين آفيس ۾ ڪم ڪندڙ مرد هن جي صرف جسماني سندرتا جي ساراهه نه ڪندا هئاسين پر هُن جي مؤجودگيءَ ۾ فاحش خيال ايندا به نه هئا. نوراني تيج، پوڄڻ جهڙي هئي هوءَ، روحاني پوترتا هئي هن ۾.

ڪجهه مهينا اڳ هڪ منحوس گهڙنا ٿي هئي. اسان به ٿي ڄڻا، آفيس ۾ اور ٽائيم ڪري رهيا هئاسين. پٽيوالو آيو ۽ مسز واسواڻيءَ کي ڪجهه چئي هليو ويو. هن هڪ فائيل هٿ ۾ کنيو ۽ باس جي روم ۾ وئي. پر ٿوري وقت ڪانپوءِ ڪيبن مان هڪ آواز آيو جو چماٽ جو پئي لڳو. ڪجهه سيڪنڊن لاءِ سناٽو ڇانئجي ويو. آفيس مان پونم ٻاهر نڪتي، اکيون ڳاڙهيون، وار ٿورا ڊنل، شڪل تمام غصي ۾ ڳاڙهي، مونکي ته ساڪيات درگا پيئي لڳي. هوءَ سڌو ئي آفيس جي دروازي کان ٻاهر نڪري ويئي

هفتو کن هوءَ نه آئي. اسان سمجهو نؤڪري ڇڏي ڏني اٿائين. پر جنهن ڏينهن هوءَ آئي، هوءَ بلڪل بدليل هئي، چهرو زرد، اُداس. اسان مان ڪنهن جي به همٿ نه ٿي ته هن کان ڪجهه پڇون. ائين پئي لڳو ته هوءَ آئي آهي ڪنهن مجبوريءَ ڪان، شايد روزي روٽيءَ جي چڪر ۾ يا شايد سهن شڪتيءَ جو مثال ٻڌڻ لاءِ يا شايد هڪ پاپي ڪرسيءَ تي ويٺل پرش کي سندس ڪيل خطا جو احساس ڏيارڻ لاءِ هوءَ آئي هئي. خبر نه پئي پوي.

بس ان ڏينهن کان ان شرارت جو سلسلو شروع ٿيو، هن مان ۽ هن جي ڪم مان وڏون ڪڍڻ جو.

اسان جي اسٽاف ۾ مسز منسڪاڻيءَ کي ڳڻ ڳهڻتا ڪانپوءِ تمام گهڻي اهميت وڏي ويئي. هوءَ پونم کان تمام پوءِ اسٽاف ۾ شريڪ ٿي هئي. پر هن کي پروموشن ملندا ويا. هن جي شرارت ۽ شوخي وڌندي ويئي. هوءَ هرڳڻ موقعي جي تلاش ۾ رهندي هئي ته ڪيئن به پونم جي بي عزتي ٿيندي رهي، جيئن سندس اهم کي سنتوش ملي. افسوس ! ائين چو زالون ئي زالن کي ڪيرائين! آد کان اهو سلسلو ڪڏهن نه بدليو آهي، نه بدلجڻ جو ڪو آثار نظر ٿو اچي.

مان من ئي من ۾ شيلا منسڪاڻيءَ کي نفرت ڪرڻ لڳو هوس، چرترهيڻ ناري هڪ بي داغ، پوتر استريءَ کي ڪيئن نه ستائي ۽ اپمانت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچ چيو آهي ڪنهن ته هر ڪنهن جي زندگيءَ جا ملهه الڳ آهن. گڻ هيڻ ۽ چرترهيڻ شيلا پد ۽ پئسو ماڻي رهي هئي ۽ آفيس ۾ باس تي راڄ ڪري رهي هئي ۽ منتي سڀاجهي پونم چپ چاپ پنهنجي نه ڪيل ڏوهه جي سزا ڀوڳي رهي هئي.

هيءُ سڀ ڪجهه ڪيستائين هلندو؟ ڇا پونم هيءَ بي انصافي ڏسي ٽڪجي شيلا ٻڻجندي ؟ يا . . . ساڀئي رستي تي هلندي رهندي ؟؟

وقت گذرندو ويو. ۽ اڄ هوءَ هن آفيس مان رٽائر ڪري ويئي. ٿورن ڏينهن کانپوءِ مان به آفيس مان رٽائر ٿيڻ وارو هوس، پر ڪانئس وڏي عهدي تان. مان سندس خالي ڪرسيءَ طرف ڏسڻ لڳم.

رشتا

مان هن کي ڏسندو ئي رهيس. ڇا پڙهي رهي هئي ؟ مونکي ڪٿي هوش ؟ عجيب حالت هئي دل جي، چپ خشڪ، اکيون بس! هن کي ئي تڪي رهيون هيون. الا! غضب جي ڪشش هئي هن جي آواز ۾، عجيب دلڪش هئي هن جي مرڪ ۾ جتي بہ ڪٿان خبر پوندي هئي، مشاعري ۾ سنڌيا ٻهرو وٺي رهي آهي، بس مان وڃي حاضرينن ۾ شامل ٿي ويندو هوس.

سنڌيا سان هر ڪلام ٿيڻ مونکي بيحد ڏکيو ڪم لڳندو هو. غزل پڙهڻ ڪانپوءِ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ ئي گم ٿي ويندي هئي. آس پاس جي وايومنڊل کان گهٽو ڪري بي نياز. جڏهن سڀ سنڌس فن ۽ سونهن جي ساراهہ ڪندا هئا، هن جون نگاهون الائي ڪٿي هونديون هيون، ڪنهن تي هونديون هيون، خبر نہ پوندي هئي. پر سنڌس منهن تي هڪ مُرڪ ضرور هوندي هئي تنهن ڪري سيني کي تسليٰ هوندي هئي تہ ناشڪري ڪانهي. هيتري ساراهہ ڪرڻ تي هوءَ احسانمندگيءَ جو احساس ڏياريندي هئي، هڪ منڙي مرڪ سان جا پنهنجائپ ۽ پيار سان ڀريل هوندي هئي.

مشاعري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ پنهنجين ڳالهين ۾ پورا هئا. ڪو ساراهي رهيو هو ڪنهن کي، ڪو گلا ڪري رهيو هو.

اڙي باپ ري ! ! هوءَ تہ مون طرف اچي رهي هئي. منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي رهي هئي. ”نمستي“ سنڌيا ڪئي. ”واڌايون هجن توهانکي“ مان وائڙو ٿي ڏانهنس نهارڻ لڳس. ”انعام ملڻ لاءِ واڌايون ٿي ڏيانو. مان توهانجي ’رباعين‘ جو اهو ڪتاب نہ پڙهيو آهي. خوب ساراہ ٻڌي اٿم“. مون اکيون هيٺ ڪري شڪريہ ٻجا آندا. ” شايد Introvert آهيو؟ يا لڄارا؟ يا تنهائي پسند؟ هميشہ ڪنڊ ۾ چپ چاپ وينا هوندا آهيو. شايد گهرو سوچيو ٿا، جو انعامن پنيان انعام پيا ڪٽندا وڃو.“ مان الائي ڇو ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ پيو سگهان، صرف چهري تي بس خوشگوار ڀاو هئا اها پڪ هيم. هن اڃان ڳالهائڻ جو سلسلو وڌايو، ”مسٽر ديپڪ، مون توهان جا سڀ ڪتاب گهٽو ڪري پڙهيا آهن. پنهنجو لکيل رباعين جو ڪتاب ضرور ڏجو“ ڇئي هوءَ اڳتي وڌي ويئي، سنڌس پنهنجائپ منهنجي من کي پائنجي ويئي.

مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهڻ لڳس. يار، دوست حسد ۽ حسرت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳا. منهنجي سوچ جو سلسلو شروع ٿي ويو، ضرور هوءَ بہ مون طرف ايترو ڌيان ڏيندي هوندي، تڏهن تہ ائين وهنوار ڪيائين ڇڻ تہ سالن کان نہ . . . نہ صدين کان سڃاڻي. منهنجو تن من رومانس ۽ رومانچ سان ڀرجي ويو.

ڇهين مهيني ڪانپوءِ وري هڪ مشاعرو هو. مان اڄ خوب سٺي نموني سان تيار ٿيڻ لڳس. نهرو ڪڙتو، پاجامو، جئڪيٽ ۽ شاعرن واري شال ٻه ڪلهي تي لٽڪايم. گهرواريءَ ڪان لڪائي پهريون دفعو پائوڊر جو پف ٻه لڳايم. مان پنهنجو پاڻ کي ٻه وڻڻ لڳس. پنهنجي لکيل ’رباعي‘ مجموعي کي ٻه سهڻو ڪور لڳايم. اندر هڪ گلاب جو ڳُل ٻه وجهي ڇڏيم. سنڌيا کي ڏيڻو هو. ڪيئن ڪتاب پيش ڪندس، ان جي ريهرسل ٻه آئيني سامهون ٻه ٽي دفعا ڪري ڇڏي. چهري جا ايڪسپريشنس ٻه ٺاهيم ته جيئن وڌيڪ سندر لڳان.

منچ تي چڙهي ته سنڌيا ڇانئي پئي هئي. . . . . اڄ هوءَ هڪ شرنگارڪ ڪوتا، ترنم ۾ گنگنائي رهي هئي. ’برسات‘ تي لکيل هڪ گيت هو، سندس انداز بيان تي گهٽا قربان ٿي رهيا هئا. هن گلابي ڪپڙا پاتا هئا، ۽ مون هن کي تخلص ڏنو ’گلابي‘، ڇاڪاڻ جو سندس ڳل، چپ، ڊريس ڇڻ ته هڪ گلاب جو گل ئي لڳي رهيا هئا، هلڪي پگهر جون شبنمي بوندون سندس سونهن کي سرس ڪري رهيون هيون. مون دستور موجب هڪ خشڪ ۽ نيرس ڪوتا پڙهي ۽ وڃي ڪنڊ ۾ ويهي رهيس. مان لکڻ ۾ ماهر هوس پر پڙهڻ جو انداز بيان نه هو.

جيئن ئي مشاعرو ختم ٿيو، مان تمام تڪڙو تڪرو پيڙ کي چيريندو وڃي گيٽ اڳيان بيٺم، ڇڻ ته دڳ جهلي، جتان هوءَ پڪ لنگهندي هئي. مون سنڌيا کي ڏسي ”هيلو“ ڪئي ۽ هن ٻه جواب ڏنو. ڪيس ڪتاب ڏيندي هڪدم چيم، ”هلو ڪٿي ڇانهن ٿا پيئون.“

سنڌيا ٿوري ڇڻ ته منجهي پر پوءِ هامي ڀريائين. سندس چهري تي گلال ڇانيل هو.

هڪ وچولي هوٽل ڏسي، مان اندر گهڙيس. هوءَ ٻه آئي. چانهه پيتيسين. ڪا ٻه وشيه مونکي ته ڳالهائڻ لاءِ نه پيئي سمجهه ۾ اچي ۽ هوءَ ٻه الائي ڇو خاموش هئي، مونکي ته سندس جهرڪيءَ واري ڇهه ڇهه ياد هئي. چانهه جو سلسلو پورو ٿيو. ”مان توهانکي گهر ڇڏي سگهان ٿو ؟“ ڇو نه ؟“ هن وراڻيو.

اسڪوٽر تي هوءَ هميشه وانگر گم سم ويٺي هئي، پنهنجو پاڻ ۾ پوري، پاڻ کي بلڪل سهيڙي ۽ سنڀالي. ڪنهن ٻه وقت بريڪ لڳائڻ وقت هوءَ مونکي نه ڇنبڙي. پر ايتري قدر جو سندس ڇهاءُ کان ٻه محروم رهيس. مونکي ڇڙ اچڻ لڳي. هيءَ ته بي جان بُت آهي. خير مون ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ڪيئن لڳو مشاعرو ؟“ هوءَ پنهنجو رايو ٻڌائيندي رهي، مان سندس آواز جي جادوءَ ۾ وري ڪوهجي ويس. سندس گهر ويجهو اچي رهيو آهي هن چيو. مان ڪيس پرکڻ لاءِ چيو، ” هتي توهانکي لاهيان يا گهر تائين ڇڏيان. توهان گهروارن جو سڀاءُ مونکي ته خبر نه آهي، نه توهان ٻڌايو.“

هن بهادريءَ ۽ بيباڪيءَ سان چيو، ”اصل گهر هينئان وٺي هلو ۽ گهر ۾ ڇڏيو. ڇا هڪ چانهه جو ڪوپ ٻه نه پيئدا ؟ “

مان من ئي من ۾ ڪڳيون هڻڻ لڳس ۽ منهنجي همٿ وڌي ويئي. لهڻ وقت ڪيس پٽڪندي چيم، ”توهان نهايت ئي خوبصورت آهيو.“ هن مسڪرايو ۽ ٽئنڪس مجي ۽ ڳالهه بدلائيندي چيائين، ” گهر هلو، منهنجي گهروارا توهان سان گڏجي پڪ خوش ٿيندا.“

مون هلڪو ٺهڪ ڏيندي چيو، ” ٻئي دفعي.“

هڪ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مان ٻه پنهنجي شهر لاءِ روانو ٿيس گهرواريءَ سميت. خيالن ۽ خوابن ۾ ته سنڌيا هئي. انن ـ ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ٽپال ۾ هڪ وڏو رنگين لفافو آيو. هٿ ۾ ڪنيم. وزندار هو. رنگين خوبصورت لفافي تي رنگين لفافي جي ائڊريس لڪيل ڪونه هئي. ڪمري اندر وڃي پنهنجي لکڻ واري ميز تي وينم، در ٻيڪڙي چڙيم. لفافي کولڻ سان ئي نهايت ئي سندر رنگ جا پنا 8، 10 نڪري آيا. اکر سهڻا نه هئا، پر اندر . . . . ڳالهيون ۽ احوال نهايت ئي دلڪش ۽ خوبصورت هو. سنڌيا خط لکيو هو.

منهنجين لکڻين تي سندس تاثرات هئا. سندس چهرو اکين اڳيان پئي ڦريو. سندس منڙيون لاٽيون، سندس ساراهه، هڪ هڪ لفظ هن پڙهيو هو، منهنجن ڪتابن جو، ۽ سمجهو ٻه هو. هن منهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن سان سرگوشيون ڪيون هيون. ڪيس منهنجي ٻولي بيحد وڻي هئي. غزل ۽ نظم ياد ڪرڻ لڳي هئي، هڪ ڪلاڪار ڪي ٻيو چا گهرجي، جو ٻيو ڪلاڪار حسد ڪرڻ بدران چاهڪ ٻڻجي پوي. مان پاڻ ڪي اڳي ڪان ٻه وڌيڪ بهترين ساهتڪار سمجهڻ لڳس. ”هن لکيو هو، ”لتدي‘ ويهندي، جڻ ته توهانجي ئي تات آهي. هن پاسي اچو ڪنهن ڪم سانگي ته مون گهر ضرور پير پائجو ۽ پاڻ سان ڪي ڪتاب ٻه آڻجو.“

مون ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان هن جي شهر وڃڻ جو ۽ گڏجڻ جو سوچي ورتو ۽ ڪيس ترت خط لکيو ته مان ٻن ٽن ڏينهن لاءِ تنهنجي شهر ۾ اچي رهيو آهيان. مون هن جي شهر اچي پنهنجي مٽ مائٽ جنهن جي گهر مان لٿو هوم، فون ڪيو. آواز منهنجو ٻڌي، هوءَ جڻ ته جنسي نچڻ لڳي، ”اچي ويا ؟ ڪٿي لٿل آهيو؟ جلدي منهنجي گهر اچو، هاڻي هليا اچو. مان ونڻ اچانو؟“ سنڌيا جي مون سان گڏجڻ جي هيتري اچا ڏسي، مان منجهي ويس. مون ڪيس شام جو وقت ڏنو. پهرين ته مون ڪيس ٻاهر گڏجڻ لاءِ چيو سندس گهر ۾ نه. پر هوءَ بار بار چئي رهي هئي ته گهر اچو. مونکي سنڌيا تي ڏاڍو غصو آيو. گهر ٻه ڪنهن شادي شده استريءَ سان گڏجڻ لاءِ ڪا سُريلي جڳهه آهي. هيتري ٻي چيني، هيتري بيتابي، مان سنڌيا لاءِ ڪٽي آيو آهيان. وس ڪي تنهائيءَ ۾ گڏجڻ جي تمنا، هن ڪي صدين ڪان نه ملندڙ پيار ڏيڻ. غصي ۾ مون هن ڪي ـ ’موڳي، موتي، چسي‘ ٻه چيو. وري خيالات پلٽو ڪائڻ لڳا. ٿي سگهي ٿو هوءَ اڪيلي رهندي هجي، ان لاءِ بار بار گهر ۾ تي سڏائي. اڳي دفعي ٻه هن چيو هو ته موڪلائڻ وقت ’گهر هلو‘ ضرور هن جي گهر ۾ تنهائي ۽ وايومنڊل آهي. شايد مان ئي بيوقوف آهيان. مورت ڪي سمجهڻ مشڪل آهي.

ٿورا ڪتاب پاڻ سان کنيم. ڌڙڪندڙ دل، خماريل من ۽ شرير سان، مون دروازو کڙڪايو. دروازو کوليندڙ 8، 10 سالن جو ڇوڪرو هو. سهڻو، گول مٽول، ننڍڙو، بندرو، چيائين، ”هئلو انڪل، ممي توهانجو ئي انتظار ڪري رهي آهي.“ مان وائڙو ٿي ويس. ”انڪل توهان جو فوٽو ڪتابن تي آهي، ممي ٻڌايو توهين اڄ هتي اچڻا آهيو، ويهو.“ مان هيٺري ننڍڙي ٻار جي سياڻپ پري گفتگو ٻڌي وائڙو ٿي ويس ۽ ٿوري ناراضگي سنڌيا تي اچڻ شروع ٿي. پاڙيءَ جو گلاس ۽ بسڪيٽ ڪٽي هڪ 12، 13 سالين جي سانوري سلوني، سندر اکين واري ٻالڪا اندر آئي، ”هئلو انڪل، سواگت! ممي بس اجها اچي ٿي.“ مون ٻنهي ٻارن کان حال احوال ورتو. ٻئي ڪلاڪار هئا. ڇوڪري ڪٿڪ ۾ مشهور نرتڪي ۽ پينٽنگ ۾ ماهر. ڇوڪرو ڊانس، ترڻ، گهوڙيسواري، بئڊمينٽن، ڪراٽي سپني راندين ۾ ماهر. مان ته. اهڙو گرمجوش سواگت ڏسي، ڪي قدر پنهنجيءَ خراب نيت کان ڏڌڻ لڳس. ٻئي ٻار مون تي ٻلهار پيا وڃن ۽ منهنجي پرستار هئڻ جو اعلان ڪري رهيا هئا. پنهنجي پنهنجي ڊائريءَ ۾ مونکان ويچار لکائي ورتائون، صحيح ورتائون ۽ ان وقت سنڌيا ٻه اچي ويئي ۽ ٻارن کي مٺي ڇڙٻ ڏيندي چيائين، ”انڪل کي ائين تنگ ڪبو آهي ڇا ؟“ مون ڏانهن معافي طلب نگاهن سان نهاريندي چيائين، ”توهانکي گهڻو تنگ ته نه ڪيائون ؟“ مون مسڪرائيندي وراڻيو، ”نه مونکان ته اهو ٻه وسري ويو ته مان توهان سان گڏجڻ آيو آهيان، مان ته هنن ٻن ٻارن جي ڪشش ۾ ۽ پيار ۾ ئي ٻڌجي ويو هوس. تمام ذهين، چئيوان ۽ قدرتي ڏات سان پريل آهن هي ٻئي ٻار. شال پرماتما هنن جو وار ونگو نه ڪري.“ هن احسانمند نظرن سان ڏٺو ۽ ٻارن کي چيائين، ”هاڻ اسان کي اصل ڊسٽرب نه ڪيو. توهانجي انڪل ۾ تمام گهڻو ڪم اٿم“ ۽ ٽيئي ٻئي ڪمري ۾ هڪ منٽ لاءِ هليا ويا ۽ چند منٽن ۾ ٻئي ٻار گهر مان روانا ٿيڻ لڳا، ”چڱو ممي، ھتي گڏجنداسين“ چئي ٻاءِ ٻاءِ ڪري هليا ويا.

ڪمري ۾ سانت ٿي ويئي ۽ سڄي گهر ۾ اسان ٻئي اڪيلا هئاسين. هاڻ منهنجو وري ڌيان وڃي هن ۾ کپيو. هن دستوري حال احوال پڇيو ۽ پوءِ چيائين، ”هلو ته مان توهانکي پنهنجو گهر ڏيکاريان. هت لکندي آهيان، هت مان پڙهندي آهيا. هيءَ منهنجي ڪتابن جي لئبرري، هتي مون فلاڻي رچنا لکي. هيءُ مجسمو مونکي بيحد وڻندو آهي. هيءَ منهنجي ستار، هي هارمونيم. هي منهنجا ڪئسيٽ، هيءُ منهنجي ڏيءُ، منهنجي پٽ جا ڪئسيٽ. هي تمام جهونين فلمن جا منهنجي گهوٽ جا. اسان ٽئني جون پسنديو الڳ الڳ آهن. گانن ۽ گيتن جي باري ۾“ ۽ هوءَ ٻارن وانگر کلڻ لڳي. سندس هڪ هٿ بلڪل منهنجي هٿ جي ويجهو هو، هوءَ سموري بلڪل منهنجي ويجهو هئي ۽ مون سندس هٿ پڪڙي ورتو، ”تمام ننڍڙا، ڪومل ۽ سندر آهن تنهنجا هٿ، گهر جو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه کهرا ڇو نه ٿيا آهن ؟ “ هن پنهنجو نرمائيءَ سان هٿ ڇڏايو ۽ چيائين، ”توهان هال ۾ ويهو، مان چانهه ناهي ٿي اچان“

۽ هال ۾ ويهاري، هڪ فائيل منهنجي هٿن ۾ ڏيئي ويئي، جنهن ۾ سندس رچنائون هيون ۽ مونکي پڙهڻ جي تاڪيد ڪري ويئي.

منهنجو سمورو ڌيان سندس آهٽ، سندس شرير جي وڙ وڪڙن، سندس سهٽن پيرن، خماريل اکين، مدهوش ڪندڙ آواز ۾ ئي اٽڪيل هو. سندس ڏنل فائيل کولڻ تي به دل نه پيئي ٿئي. هوءَ چانهه کڻي آئي ۽ پرسان ويهندي چيائين، "ڪيئن لڳيون منهنجيون رچنائون؟""مون هڪ نظم ڏيکاريندي چيو، " هيءَ پڙهي ٻڌاءِ" هن پڙهڻ شروع ڪيو، هوءَ جڻ ته پنهنجو پاڻ ۾ ئي پوري هئي. گهر جو سناٽو، هن جو گهرو منو آواز ۽ سندس شرير جي خوشبوءِ مونکي بانور بڻائي ڇڏيو ۽ منهنجا هٿ ڪچيا ۽ کيس پاکر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ پل لاءِ هوءَ هيسيل هرڻي بڻجي، مونکان پاڻ ڇڏائي ڇلانگ لڳائي، پري ٿي بيٺي. مان آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳس، "مان توکي بيحد پيار ڪندو آهيان سنڌيا. گڏريل ڇئن پنجن سالن کان ۽ تون به بيحد مونکي چاهيندي آهين. من سان من، آتما سان آتما گڏيل آهي، باقي شرير جي دوري ڇو ؟ "

هن آگر جو اشارو ڪندي ٽاڻدن جيان ٻرندڙ اکين سان چيو، "خبردار ! جو اڳيان وڌيا آهيو، مان توهانجي رچنائن، لکڻين جي پرستار آهيان. منهنجي من ۾ توهانجي خلقيل ڪردارن لاءِ پيار ۽ همدردي ۽ عزت آهي ۽ ساٿي اديب سان ڪجهه ويچار ونڊي پاڻ کي بهترين بڻائڻ جي اڇا آهي. من جو رشتو، دوستي، ساٿ‍ڙپ پا صرف پنهنجي هم جنس سان ئي ٿي سگهي ٿو. ڇا استري پرش جي وچ ۾ من ۽ خيالن جا رشتا ممڪن نه آهن ؟ ڇا استري ڇا صرف هڪ شرير آهي ؟"

مون هوش وڃائي ڇڏيا هئا، حواسن منهنجو عقل ۽ ضمير کسي ورتو هو. " شرير ڪانسواءِ ڪهڙو پيار ؟ تو ڇيو مونکي پائنيندي آهين، باقي ڇو گهر ۾ سڏايو تو ؟ ڇو اڪيلائپ ۾ گڏينءَ ؟ شرم نه ڪر، مڪر به نه ڪر. تون ماڊرن آهين، اهو سڀ ڪجهه هلي. " مان متوالن جيان کيس ڇڪڻ لڳس ۽ هن مونکي زور سان ڌڪو ڏنو ۽ پاڻ ڇڏائي پري ٿي بيٺي. هٿ ۾ هڪ وزندار ڳورو پيپر ويٽ کڻي ورتائين ۽ اولاريندي چيائين، "هاڻ نزديڪ آيا ته مان توهانجو خون ڪري ڇڏينديس." اسان ٻئي سهڪي رهيا هئاسين. سندس اها ڌمڪي ۽ ساڪيات درگا جهڙو ڀيانڪ روپ، هٿ ۾ پيپر ويٽ ڏسي مان ڍهلجي ويس ۽ چپ ڪري، هارايل مان ويهي رهيس.

هٿ ۾ سندس پيپر ويٽ به هو، پر ٻئي هٿ سان هن به گلاس پاڻيءَ جا پريا، هڪ مونکي ڏنو ۽ هڪ پاڻ ۽ صوفا تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي. منهنجي اهڙي نيچ هلت تي به سندس مهمانوازي ۽ من جا سنسڪار ڏسي مان پنهنجي من ۾ شرمندو ٿي رهيو هوس ۽ سندس بچاءَ جي ڍال پيپر ويٽ کي ڏسي رهيو هوس. ڪمري ۾ سهڪيل ساهن ڪانسواءِ سناٽو هو. هوءَ به هلڪا هلڪا ڍڪ پاڻيءَ جا پي رهي هئي ۽ مان به. اوچتو در تي کڙڪو ٿيو.

سنڌيا پنهنجا وار ٺيڪ ڪيا. منهن جا پاوَ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دروازو کوليو. هڪ ڏگهو، سانورو، وچولي عمر جو پرش اندر داخل ٿيو، "هئلو مسٽر . . . دير سان ته نه آيو آهيان ؟ منهنجي پتني سنڌيا توهانجي لکڻين جي پرستار آهي. مونکي به توهانجيون به ٽي ڪهاڻيون پڙهي ٻڌايون اٿائين. واه صاحب! مزو اچي ويو توهان سان گڏجي. " "بيوي جي در ته نه ٿي ؟ ڏسو پورا اڍائي ڪلاڪ اڳ دڪان بند ڪري بندو حاضر ٿيو آهي. توهان کي هي شهر گهمائڻ لاءِ ڪار حاضر آهي ۽ هڪ سني هوٽل ٽيبل به رزروِ ڪرائي ڇڏيم، پائي، هوم مسٽر جو آرڊر ڪيئن ٽاربو؟" مسڪرائيندي هٿ ملائيندي مونسان ۽ مسڪرائيندي پتنيءَ ڏانهن نهاريو. مان پنهنجي زخميل ضمير، ٽڙقنڊڙ اهم ۽ صاف دل سنڌيا جي پتيءَ کي نهارڻ لڳس. سنڌيا اندر تيار ٿيڻ لاءِ هلي ويئي. سنڌيا جي گهوٽ ساراهيندي چيو، "سائين توهانجا ڪردار، جي توهان ڪهاڻين ۾ خلقيندا آهيو تمام مهان عام ماڻهن کان عظيم هوندا آهن." مون ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ پنهنجي نئين ڪهاڻيءَ جي نائڪا 'سنڌيا' جي باري ۾ سوچڻ لڳس. هن جي مهانتا، مون ۾ به سندس لاءِ مهانتا جي پاونا سان پري ڇڏيو ۽ مون ۾ به عظمت جو احسا پريو، ڪرڻ کان بچايو.

تنهنجا نصيب ڪليا

آخر هن ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟ قسمت جو وير هن سان ئي ڇو هئو ؟ هن ڪنهن جو ڇا بگاڙيو آهي ؟ هن ڪنهنکي رنجايو آهي ؟ ڏکايو آهي ؟ گهر ڦٽايو آهي ؟ ڪنهن جو برو چاهيو آهي ؟ پوءِ هيءَ مصيبت جا پهاڙ هن مٿان ڇو پيا ڪرن؟ هوءَ جڏهن ڪان ڪجهه سمجهڻ لائق ٿي آهي هن سک نہ ڏٺا آهن، آخر ائين ڇو ٿيو هن سان ؟

هوءَ پهنجي گهر ۾ سيني ٻارن ڪان پهرين جائي، ڏيءُ هوندي بہ هن جو سواڳت ڪيو ويو. ڏاڏيءَ، پڦيءَ ۽ چاچيءَ خوب خوشيون ملهايون.

رجنيءَ کي ائين لڳو تہ سڀ ڪان سنو هو سندس ننڍپڻ، پيار ۽ قرب جي ڇايا ۾ ڏاڏيءَ جون آڪاٽيون، پڦيءَ جو پيار، چاچيءَ جو موهہ، پر هي ڇا ؟ ٻئين سال ديپڪ، ٽئين سال لتا، چوٿين سال جوتي، پنجين، ڇهين ۽ ستين سال رميش، هريش ۽ انيتا ! ۽ اُن ڪانپوءِ بہ، چار ٻار ٻيا بہ جي ڏٽيءَ در پهچي ويا. ڏسندي ڏسندي هوءَ ڪٿ تان لاهي پٿ تي سمهاري ويئي ۽ پٽ ڪانپوءِ ڪٿ هينان.

ستين سالين جي عمر ۾ جڻ تہ هوءَ ٻن ٽن ٻارن جي ماءُ بڻجي ويئي. راند ڪرائڻ، چانهہ پيئارڻ، ڪپڙا مٽائڻ هن جو ننڍپڻ تہ تمام ننڍو ٿي ويو. تون سيني ڪان وڏي آهين. هر وقت هي اکر ٻڌڻ سان بي خبريءَ ۾ هوءَ جبل جيڏي وڏي ٿي ويئي.

گهر مان خوشي ڄڻ موڪلائي ويئي. ڪمائي نہ وڌي گهر جا ڀاتي ويا وڌندا. پڦيءَ پڙهڻ سان گڏ ننڍي وڏي نوڪري شروع ڪئي.

رجنيءَ کي ياد اچڻ لڳو پڦيءَ ڪيتري ڪوشش ڪئي تہ سڀ ٻار پڙهن پر سڀ ئي ننڍڙا ڇوڪرا هوٽل تي، نؤڪرن وانگر ڪم ڪري ڪجهه پئسا هٿ ڪري سئنيما جو شونق پورو ڪرڻ لڳا ۽ اسڪول وڃڻ تي دل نہ ٿين.

گهرِ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ پڙهيل مان ئي هئس. پڦيءَ جي پيار، مار جي ڪري مئٽرڪ پاس ڪئي.

مونکي ڪنهن دوڪان تي سيلس گرل جي نؤڪري ملي ويئي.

گهر جو خرچ ويو وڌندو، پر دادا جي ڪمائي نہ وڌي، پاڻ رستو وڌائڻ جي حڪم تي دوڪان جو اڌ بہ ڪتجي ويو، هوٽل بدلجي، ننڍو چانهہ جو اسٽال ٿي ويو. ڀائر ڀريءُ سنگت ۾ ڦاسندا ويا. ٿي پيئرون ايتريون تہ قد بت ۾ وڌنديون ويون جو دادا انهن کي ڏسي اکيون هيٺ ڪري ڇڏيندو هو. اهو شايد قدرت جو ڪمال آهي تہ غريبن جو ڏيئر الائي ڇو، عقل، بدن،

سيني طريقن سان تمام وڏيون ٿي وينديون آهن، جنهن عمر ۾ شاهوڪارن جون ڌيئر اڃا ٻيبي چوائين !

پينرن حالتن سان الائي ڪيئن پاڻ سان نهڪائي ڇڏيو. دادا، هنن ڪان سوال ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنا هئا.

ڪپڙا، دوا درمل، گهر ۾ ڪا نئين شيءِ ڪيئن ٿي اچي ؟ ڪير اهڙن سوالن جي جوابن جي همت ڪري. مان ته صفا پيسجي ويس، زندگيءَ سان الائي ڪهڙا ناهه ڪرڻا پيا.

منهنجي عمر وڌڻ لڳي. ڏاڏيءَ ۽ پڦيءَ کي چنتا لڳي. پڦيءَ صاف صفا شاديءَ لاءِ پڇيو. دادا ۽ پاپيءُ ٽي ويا. مان ڪيئن ها ڪريان ؟ گهر ۾ جا ٿوري گهڻي آمدني مان آڻيندي هئس، سا به بند ڪيان ؟ ٻيون پينرون ته پڙهيون ئي نه، ۽ ڪو ڪم به نه ڪنديون هيون. مان ئي ته هڪ ڪمائيندڙ هئس، مون انڪار ڪيو.

دادا جا پاڳ وڏا هئا، جو پڦيءَ ڪنهن سڄڻ جي مدد سان، ننهي ڌيئرن جي شادي ڪرائي ڇڏي. ڇوڪرا دال مانيءَ وارا هئا، سو منهنجيون پينرون پرڻجي ويون. ننڍي ۾ ننڍي انيتا جي به شادي ٿي وئي. مان هاڻي 32 سالن جي هئس.

پينرون گهوٽن سان گڏ ايندڀون هيون. فخر سان، ڪائي پي، گهر گندو ۽ باسڻ جو ڍڳ ڇڏي، 25 ـ 50 پاپيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي وينديو هيون. پاپيءَ جي طبيعت خراب ته رهندي هئي، ڪم ڏسي اڃان وڌيڪ خراب ٿيندي هئس. انگ انگ ڏکڻ لڳندو هئو. من جليل، آتما اداس، شرير هڏائون، وڌندڙ عمر سان سياؤ به چڙچڙو ٿيندو پيو وڃي !

مان ڪٿي غلط هئس ؟ دادا پاپيءَ جو دک ونڊڻ پئي چاهيم، بوجھ هلڪو ڪرڻ پي چاهيم. آخر مون چئي ڏنو، "پاپي، مونکي به شادي ڪرايو." گهر ۾ ڄڻ بم ڦاٽو. بي شرم، بي غيرت، الائي ڇا ڇا دادا چيو. پاپيءَ پوندو ڏيندي چيو، "اڳ ڪٿي هئينءَ ؟ پينرن سان پيئي ريس ڪرين. هاڻ ڇا ڪريون ؟ "

پڦيءَ جو ڪن تي اها ڳالهه پيئي، هن هٿ پير هلايا. پر ڪچو ڪنوارو هيڏي وڏي عمر جو ڪٿان ملي ؟ منهنجو به ڇريو ضد، ٻارن وارو نه ڪپي. سڀ حيران ۽ پريشان. آخر پمپريءَ جي هڪ شادي ڪرائڻ واريءَ ڳولهي لڌو منهنجيءَ عمر جيترو. هو ٻنان ماءُ پيءُ جي هو. 900 روپيه پگهار هئس. ڪنهن هوٽل ۾ مئنيجر جي نوڪري ڪندو هو. مون ها ڪئي.

شاديءَ ڪانپوءِ مون نوڪري ڇڏي ڏني. ديپڪ ڪمائيندو هو، مان ناٽ سان گهر جو ڪم ڪندي هيس. هڪ ڪمري واريءَ گرهستيءَ مان پاڻ کي راڻي سمجهندي هئس. باسڻ چمڪائي ڇڏيا، ڪاڌو ايترو سوادي ناهيندي هئس جو ديپڪ آڱريون به چٽي ڇڏيندو هو. پنهنجي وت آهر ديپڪ لاءِ مون سرڳ ڌرتيءَ تي لاٿو. راجا راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ راجڪمار جي ڪمي هئي، سو به اچي ويو. راجڪماري به اچي ويئي.

انھن ٻن ٻارن جي دنيا ۾ اچڻ ۽ چئن سالن جي عرصي ۾ رجنيءَ کي خبر پئجي چڪي ته ديپڪ پڪو پياڪ هوندو هو. شاديءَ کان اڳ يارن دوستن، مٽن، مائٽن جي سمجھائڻ تي، شادي ڪري گرھستي ناھڻ لاءِ هن ٿوري وقت لاءِ شراب کي ڇڏيو هو ته شادي به ٿي، ٻار به ڄائو، هاڻ رجني ڪيڏانهن ويندي ؟ ڦاٿي ري ڦاٿي ! رجني سوچيو ڦاٿي آهيان ته ڦٿڪڻ ڪھڙو ؟ ٻهادري ڏيکارين، هن آزي نيزاري ڪري پهرين ڪيس گھر ۾ مقرر ٽيل شراب پيئڻ جي اجازت ڏني. پر شرابي ڪٽي ٿو پاڻ لاءِ حدون ناهي. حد ڪاٽي بيحد ٿي وڃڻ ته هن جي فطرت هئي.

ديپڪ جي صحت جڏي ٿيندي ويئي. ايڪسري ڪرائڻ سان خبر پيئي ته سندس آنڊا، جيرا، ٻڪيون خراب ٿي چڪا هئا. هن جو جڏهن متو ڦرندو هو، يڪدم پاسي واريءَ گٽيءَ ۾ وڃي ٻنيءَ جو قاتل شراب پي متوالو ٿي، سڄي رات ٻڙ ٻڙ ڪندو رهندو هو. هوءَ ڪيس ڪڏن مان، گٽرن مان، گٽن مان ڪٽي يا ڪٽائي گھر ۾ آڻڻ لڳي.

ديپڪ جو ڪم تي وڃڻ بند ٿي ويو هو. گھر ۾ غريبيءَ جو مرض ڦهلجي ويو. چئن سالن اندر جوڙيل هڪ هڪ سامان وڪامندو ويو.

هِنَ هُن اڳيان هٿ ٽنگيندي غيرتمند رجني ضمير اڳيان جھڪندي ويئي. شرمندي ٿيندي ويئي. سڀ سمجھي ويا شرابيءَ جي گھر جو انت ڪهرو ٿيندو ! قرض ڪنهن کي ڏجي ؟ هيءُ قرض ته نه دان ڏيڻ ٿيو جو واپس نه ملڻو آهي. دان ڪيستائين ڏجي ؟

رجنيءَ سيني جي همٿ ٻڌائڻ تي وري ان دڪاندار وٽ ويئي. نوڪري ملي ويس. ساڳي ئي 800 روپيه پگھار. هاڻ هن جون جوابداريون اڳي کان تمام وڌيل هيون. ٻه ٻار، ان جون جوابداريون، شرابيءَ جي خدمت ڪرڻ، پنهنجي سپنن جو اھڙو انت ٿيندو ڏسي هوءَ چڪناچور ٿي پيئي، هڪ زنده لاش. پينرن جو نصيب ڏسي، جيڪو هن قدم ڪنيو، ڇا مليو ڪيس ؟ آرام ۽ آسائش هن جي نصيب ۾ ڪٿي؟

سڪل ڏٻرو شرير، سخت محنت دڪان تي ۽ مڪان تي. هن جي گھوٽ جو روز شراب پي، شراب نه پيئڻ جو قسم کائڻ. روز روئڻ، پاسي واري ريل جي پٽي ڏانهن پڄڻ، سلسلو هلندو رهيو ۽ ڪمال آهي هوءَ زنده رهي.

آخر جيري جي صفا خراب ٿيڻ ڪري ۽ لڳاتار شراب پيئڻ جي ڪري ديپڪ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، ٻه ٻار ۽ ان جي جوابداري ۽ قرض رجنيءَ کي ڏيئي. رجنيءَ کي سمجھ ۾ نه پيو اچي هوءَ ڇا ڪري ؟ روئي ان شخص لاءِ جنهن کي خبر هئي ته هُو دنيا ۾ ٿورو ئي زنده رهڻو هو ۽ شادي ڪري، ٻه ٻار، ذلت، دماغي پريشاني، بدنامي ڏيئي، پاڻ سيني جوابدارين کان مڪت ٿي هلي ويو. کلي، خوش ٿي ته هڪ بوجھ کان هوءَ مڪت ٿي ويئي ؟ سماج ؟ تنهن کان خاموش رهڻ ئي بهتر. پر اِن خاموشيءَ ڪيس پٿر بڻائي ڇڏيو.

ڇا ڪنهن انسان لاءِ وڌاتا ايتري ڪنجوسي ڪندو آهي جو هن جا ننڍڙا سپنا، هڪ ننڍڙو ڪمرو، ٻارن جا ٺهڪ، پتيءَ جو پيار ۽ بس اهو به پورو نه ٿئي ؟

ها ننڍي هوندي ڪان ڏکن جي ڏٻڻ ۾ قاتل رجني جيڪو قدم پيئي ڪٽي ڦاسجندي پيئي وڃي.

وڌندڙ مهانگائي، جڳهه جي مسواڙ، پڙهائڻ ٻن ٻارن کي، پڙهائڻ ڪان اڳ پالڻ، ڪير سنڀالي ٻن ٻچڙن کي ؟ هوءَ صبوح ڪان رات جو نوين بجي تائين ٻاهر. ڪنهن صلاح ڏنس مائي رک. مائي صبوح ڪان رات تائين ٻار سنڀالڻ ۽ نيپاج ڪرڻ لاءِ 500 روپيا گهريا،ُ ڻ ۾ هوءَ ٻارن کي ڪاڏو ڪارائي ڪير به پيئاريندي، هونءَ ديپڪ گهر ۾ هوندو هو ته ٻارن جي تات نه هوندي هئي. 150 رپيا. بس جو ڀاڙو ؟ ڪاڏو ؟'ڪپڙو؟ بيماري سيماري، 800 مان ڇا ڇا ڪريان ؟ قد وڏو چادر ننڍي. مٿي کي ڍڪ ته پير اگهاڙا، پيرن کي ڍڪ ته مٿوُ اگهاڙو. ڇا ڪنديس ڪيتري حسرت هئي ماءُ بڻجڻ جي. ڪيترا بيت هن ماءُ ٻارن تي پڙهيا هئا. هاڻ هن کي پنهنجن ٻارن کي ڇڏي، سڄو ڏينهن ٽنگن تي بيهي، طرح طرح جون اٽڪلون سٽڪلون ڪري مالڪ جو مال کپائي، لکين ڪمائي، 800 وني گهر اچڻو آهي. پنهنجي پيٽ ۾ ڇا وجهي؟ پنجن سالن ۾ هوءَ، سهاڳڻ، ماتا، وڏوا سڀ بڻجي ويئي. يا ته زندگيءَ جو چڪر هڪ ھنڌ بيهجي وڃي يا ايتري ته رفتار سان سڀ ڪجهه ٿيندو وڃي جو دماغ ۾ اکيون چڪرائجي وڃن.

رجنيءَ همت نه هاري، هوءَ هلندي رهي. 'جوابداري' ته نڀائڻي ئي هئس. ماڻهن جي چئي انوسار ماءُ به هوءَ هئي ته ٻارن جو پيءُ به هوءَ هئي. 'جوابداري' ته پوري ڪرڻي ئي هئس. هن به چار دفعا 'جوابداري' اکر دهرايو، نه ڄاڻ ڇو پهريون دفعو هن کي ان اکر ڪان ڪراهت اچڻ لڳي، اهو احساس هن کي پهريون دفعو ٿيو. چوڏهن سالين جي عمر ۾ هن پيڪي گهر جي جوابداري پنهنجو پاڻ ڪنئين هئي، پاڻ کي هندي سئنيمائن جي هيروئن پيئي سمجهندي هئي ُ ڻ وقت. پر هاڻ اهو اکر ڪيترو نه پراٺو ۽ بنا مطلب جي ٿي ويو هو ، هن لاءِ.

هن جو ڪمزور شرير ڪم جي وڌڻ، جوابداريءَ جي وڌڻ ڪري سٽ ئي جهلي نه پيو سگهي. ڪنگهه، بخار، گهٽ ڪاڏو، سڄو بدن پيو ڏک ڏک ڪندو هئس. مٿو پيو ڦرندو هوس، شڪل پوائتي ٿيندي پيئي وڃيس. آخر هن، هن جي چوڻ تي خيراتي اسپتال ۾ ايڪس ري ڪڍايائين. سلهه ٽي.بي. نڪتي، سا به ڪافي وڌي چڪي هئي. ڊاڪٽر چيو، " چنتا نه ڪريو. صرف سٺي خوراڪ، قيمتي طاقت جون دوائون ۽ آرام سان توهين نيڪ ٿي سگهو ٿا، ۽ ڏسو ڪا به`چنتا ڪرڻ` توهان لاءِ نيڪ ڪونهي. رجنيءَ ڪان وڏو ٺهڪ نڪري ويو ۽ ڊاڪٽر ڪان ڇرڪ. "توهان نه سمجهندا ڊاڪٽر! ايئر ڪنڊيشن روم ۾ ويهي."

ڪن آس پاس جي ماڻهن همدردي ڏيکاريس. پر ان سان ته مسئلا حل ٿيڻا نه هئا. جبل جيڏا ڏک هٽيا نه هئا، ڇا ڪريان؟ پئسا، ممتا تي به اميرن جو حق ؟ پيٽ ڀرڻ سان زندگيءَ ۾

لذت اچي ويندي. خالي پيٽ ۽ بيمار جسم، زخميل روح سان ؟ هوءَ خشڪ، ڪمزور چڙچڙي ٻڍي من ۾ تن واري ٿيندي پئي ويئي.

ڇا ڪريان ؟ ٻارن سان گڏ نديءَ ۾ ٽپو ڏيان ؟ ريل هينان ڪٽجان؟ ٽرڪ هينان اچي سپ مرون؟ نہ، نہ ڇو مرون؟ گڏجي جيئڻ ڪيترو مشڪل ٿي پيو آهي ؟ مان هاڻ بيمار شرير ڪري ڪم بہ نٿي ڪري سگهان، ٻار بک مرندا، ڇا ڪريان؟

هن کي ننڍپڻ جي هڪ گهٽنا ياد اچي ويئي. گهر ۾ پاليل ڪتيءَ ٻار ڄڻيا هئا. سڄو گهر گندو ٿي ويو هو. بيزار ٿي ماٽس ڳوٺ ۾ پونگڙا بند ڪري هن کي ڏنا هئا، ڪٿي ڦٽي ڪري اچڻ لاءِ. ڏاڏنس تاڪيد ڪئي هئس، ”ڪتيءَ کي اهو ڏسڻ نہ اچي ۽ خبر نہ پئيس، پري پري ڦٽو ڪري اچين، جيئن گهر نہ سڃاڻي سگهن. ماءُ کي آنڊي جي جر ٿيندي آهي. ٻارن کي ڦٽو ڪندي ڏسندي تہ ڇتي ٿي پوندي.“ هيترا سال ٿي ويا تہ بہ هن کي ڏاڏيءَ جو هڪ هڪ لفظ چيل ياد هو، هن جي ياداشت ايتري تکي ڇو ٿي ويئي، ڇڻ هيءَ گهٽنا اڄ ٿي هجي ؟؟

يادگيريءَ جو بہ ڪنهن گهٽنا سان لاڳاپو ضرور هوندو آهي. اڄ هءَ گهٽنا ايتري تکي ڇو ياد آئي آهي، اڳ ڇو نہ؟ هن کي روئڻ اچي ويو، ٻارن کي تيار ڪيائين ۽ سيني کي چپائين، ”آلندي ٿي وڃان، ياترين سان شامل ٿيڻ.“

ڪتيءَ ۽ سندس پونگڙن جو قصو دهرائڻ. ميلي ۾ پيڙ ۾ ٻنهي ٻارن کي ڇڏي آئي. گهر اڪيلي موٽي آئي، پر هوءَ ڪتيءَ وانگر ڇتي نہ ٿي. آتما ڇڏي آئي، جڏو جسم ڪٽي آئي. ماڻهن جي پڇڻ تي جواب ڏنائين، ”گم ٿي ويا ميلي ۾.“

ٻن ٽن ڏينهن ۾ هڪ ڌارمڪ سنستا ڪان هن مدد گهري، هن جي حالت تي رحم ڪائي ٽي سو مهني جي مدد منظور ڪئي ويئي. 150 روپيا پاڙو ۽ 5 روپيا روز چانهہ ۽ بہ ويلا مانيءَ لاءِ نيڪ هئا، هن من ئي من ۾ حساب ڪيو. هڪ عجيب زندگي، قاتل ساڙهين، ٽٽل جُوتن لاءِ، پراڻن ڪمبل، هڪ ڪلو چانور، هڪ ڪلو ڪڻڪ لاءِ هوءَ بہ ان ۾، مهني ۾ هڪ دفعو شامل ٿي ويندي هئي. ’پنڻ‘ لاءِ نہ، پنڻ اکر غيرشانائتو آهي، مدد لاءِ.

هاڻ تہ آرام ئي آرام هو، صبح جو ُلٽي چانهہ پي ٻن وقتن جي هڪ ئي وقت پاڻ اڪيليءَ لاءِ ماني پاڃي ناهي، ڌارمڪ سنستا مان مليل دوائون وٺي، هوءَ سمهندي رهندي هئي. بس ماني ۽ ضروري ڪم لاءِ ُلٿڻ. جنم پر جي ٿڪاوٽ مٽائڻ لاءِ سمهڻ، ڪنهن جي بہ چنتا نہ، ڪنهن جي بہ جوابداري نہ، ڪنهن لاءِ بہ نہ سوچڻ، ’پنهنجي لاءِ جيئڻ‘ جيئن وٽي تيئن ڪرڻ.

رجني ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندي هئي. ڪائيندي، سمهندي، دوائون وٺندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، هوءَ مري ويئي آهي ۽ ڪمرو هن کي نرم، ٿڌي قبر لڳندو هو، پر وقت سر، بک لڳڻ ۽ُ اڃ جو احساس هن کي جيئري هئڻ جو يقين ڏياريندا هئا.

زور زور سان ڪوئي در کڙڪائي رهيو هو، رات جو وقت، گهڻن ئي ماڻهن جا آواز پئي آيا. چگّو ئي وقت رجنيءَ، سستيءَ ۽ ڪمزوريءَ وچان دروازو ئي نہ کوليو . . . آخر هوءَ ڏڏندڙ ٽنگن سان اُٿي کڙي ٿي، دروازو کوليائين. موتيءَ ماءُ هئي. چيائين، ”مائي واڌايون هجني ! تنهنجا ٻئي ٻار لڌا. پنهنجي پاڙي ۾ تڪرار ٿي ويو هو، کين سڄاتائين ۽ پاڻ سان وٺي آيو.“

ٻئي ٻار هن جي سامهون هئا، پاڪر پائڻ لاءِ ٿاولا.

رجني مٿان ساڻائي طاري ٿيندي پئي ويئي. هوءَ غشي کائي ڪري ڪرڻ تي هئي ۽ موتيءَ ماءُ چئي رهي هئي . . . .

” مائي، تنهنجا نصيب کليا . . . . . ! “

قدرت جو نيم

هوءَ روز پريات جو ۽ شام جو پنڌ ڪرڻ نڪرندي هئي. پريات جو امرت ويلي وقت پکين جون منيون لاتيون، ماڪ پنل بوٽا، گل، پن ۽ تاريون، هلڪو هلڪو ٺنڊ ۽ سانت ڪيس پرماتما جي ويجهي هئڻ جو احساس ڏياريندا هئا. هميشه واري پنڌ جي رستي تي هڪ سيڪنڊ، هڪ پل لاءِ هن جا قدم هڪ بنگلي نه، نه هڪ سانتيڪي، ساتوڪي گهر اڳيان رڪجي ضرور ويندا هئا.

ڇا هو ان گهر ۾ جنهن جي مقناطيسي ڇڪ هوءَ روز محسوس ڪندي هئي. ان گهر جي ڪمپائونڊ جون پتيون وچوليون هيون ۽ ڦاٽڪ ۾ به سلاخون وڏيءَ وچوٽيءَ واريون هيون.

اُن گهر وٽان لنگهندي ڪڏهن ستار، ويڻا، بانسري، ڪلاسيڪل، سيمي ڪلاسيڪل گيت، ڀڄنن جو مڌر آواز ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻيڙو جوڙو اڇي پوشاڪ پهريل هنس جي جوڙي جيان گڏ ته، ڪڏهن اڪيلا نظر ايندا هئا. ڪڏهن پرش اخبار پڙهندو هو ته ٻيڙي استري گل چونڊيندي هئي، ڪڏهن هُو بوٽن کي پاڻي ڏيندو هو ته حاطي جي ڪنڊ ۾ ننڍڙي مندر اڳيان هوءَ اڪيون بوتي ڏيان ڪندي هئي. ڪڏهن پتني تلسيءَ جي چوڏاري ڦيرا پائيندي هئي ۽ هو سنگيت جي تال تي ڪنڌ ڏوڏائيندو هو ۽ ڪڏهن ٻئي گڏ چانهه جون چسڪيون هڻندا هئا. ڪجهه پلن لاءِ هوءَ ايندي ويندي اُن گهر مان سانت، ساتوڪي جيون، پوتر واتاورڻ جو سڪ ماڻي ايندي هئي ۽ پنهنجي گهر ۾ به اُن آنند پرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ۽ روز اُن گهر جو پوتر نظارو ڏسڻ جي لالچ ڪان ايندي ويندي اُتان ئي لنگهندي هئي. تازي هوا سان گڏ، تازگي ڪٺي ايندي هئي جانڪي.

هڪ پريات جي سانيڪي وايومنڊل ۾ به اُن بنگلي مان گوڙ گنبوڙ جا آواز اچڻ لڳا. ڪي مزور هئا، بل ڊوزر به راڪاس جيان اُن گهر جي ساتي، مخملي گاهه مٿان گهمي رهيو هو ۽ اُن پريات هن کي اُن ٻيڙي ۽ ٻيڙيءَ جو جوڙو نظر نه آيو. ڏسندي ڏسندي هر پريات ڄڻ ته رتائين (رت پنل) ٿيڻ لڳي. نه تلسيءَ جو پوتر چبوترو رهيو نه مندر. نه گل نه بوٽا، نه ستار جو سُر نه منتر گيت. گوڙ پريا انگريزي گانا جن جا سُرَ هن کي ۽ هن جي آتما کي اُداس ڪري ڇڏيندا هئا.

ڪجهه مهينن ڪانپوءِ جانڪيءَ اُن بنگلي جو ڦاٽڪ ڪليل ڏٺو. اهو شام جو وقت هو. هڪ دربان يونيفارم پائيءُ لي بيٺو هو. اندر ڪا پارٽي هلي رهي هئي. زور سان ميوزڪ، پيالا جن ۾ شايد شراب هو. هوءَ نه ڄاڻ ڇو، ازخودءُ لي بيهي رهي. سالن ڪان جو چتر سندس هنُ اُن ساتوڪي گهر جو هو، سو ٽٽي رهيو هو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري جڏهن پڪ ٿيس ته

دربان جي آس پاس ڪو ڪونهيءَ هوءَ دربان وٽ آئي ۽ هٻڪندي پڇيائين، " اڳيان مالڪ ڪيڏانهن ويا ؟ هي ڪير هتي رهڻ آيا آهن.؟ "

" ’اهي ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ سماج ڪلياڻ واسطي رهيا آهن. ٻئي پتي پتني ڊاڪٽر هئا. هتي سندس ’نهن پٽ آهن، جي وديش ۾ رهندا هئا.“

وقت گذرندو ويو. منهنجو پنڌ ڪرڻ جو نيم نه بدلبو. پر ڏڏنڊڙ ٽنگن ۽ وڌندڙ عمر جو سهارو هڪ لڪڻ ڪٽي نڪرندي هئس. ڏياري چڱو پري هئي، ته به جانڪيءَ ڪي تيارين جي تات لڳي. هن نؤڪر کي به چتيءَ تان ڳؤري پيتي لاهڻ لاءِ پوتي هٿان نياپو موڪليو. ’ان پيتيءَ ۾ سندس هٿ جا اٽيل ۽ مڙهيل قيمتي چادرون، چئون، ميزپوش، پڙدا هئا جي هن نور نچوئي تمام چاهه سان ناهيا هئا. ٻه ٽي ته شونق هئا ڪيس. ڪتاب پڙهڻ، لکڻ، پرت پرڻ’ ٽڻ، مڙهڻ، چترڪاري، چتر ڪنا ڪرڻ ۽ سنگيت.

جانڪيءَ جو پٽ راڪيش ننيڙي پٽ جي آڱر پڪڙي اچي پهتو. ”ممي هن دفعي گهر کي رنگ ڏيڻ ۽ ٿوري گهٽي بدل سدل ڪرڻ جو سوچيو آهي. فرنيچر به بدلائبو. ممي توکي دز ۽ رنگ جي بانس ياڻ نه پوندي آهي. توکي مهيني ڏيڊ لاءِ ماسيءَ وٽ ڇڏي ٿو اچان. متان بيمار نه ٿي پوين هتي.“

جانڪيءَ موه ۽ پيار سان پٽڙي ڏانهن نهاريو ٻن ٽن ڏينهن ۾ هوءَ ناسڪ وڃڻ لاءِ رواني ٿي.

لڇمي پوڇا ڪان ٻه چار ڏينهن اڳ راڪيش پنهنجي ماءُ کي وٺي آيو.

جانڪي پنهنجي گهر جي ڦاٽڪ ڪان، دالان، ڪجهه به نه سڃاڻڻ ۾ اسمرٿ هئي. ايترو سندس گهر بدلجي چڪو هو. هن جي آس پاس وارا گهر ۽ سندس پاڙيوارا ڏٺا، جي ڪيس سڃاتل لڳا. ٿورو من ٿانئيڪو ٿيس. اندر جيئن ئي هلندي پئي وڃي، سندس مغز چڪرائيندو پيو وڃي. پڙدا، غاليچا، باغ، گهر جا گهاٽا رنگ، فرنيچر’ انهن ۾ هن جي ڪابه پسندي شامل نه هئي’ اهي ڪيس پراوا لڳڻ لڳا.

گهر ۾ گهڙڻ سان هن ڏٺو ته طرح طرح جون مورتيون جي هن پارت ۽ وديش مان ڪٿان ڪٿان هٿ ڪيون هيون، سي به نظر نه آيون. تلسي، ناڪر، پوڄا جو سامان، ڪتابن سان پريل ڪٻٽ، سندس سالن کان ڪنا ڪيل ڪئسيٽ، سنڌيءَ جا ڪئسيٽ، جي هن سنڌ مان الائي گهٽيون منٿون ڪري گهرايا هئا. سندس ساهه سان سانديل سوغاتون، يادگيرين سان لپٽيل شيون، بزرگن جون شيون ۽ فوٽا جن کي هن سان موه ٿي ويو هو. هن پنهنجين شين لاءِ راڪيش کان پڇيو ۽ هن سانتيڪي ۽ ٽڌي آواز ۾ چيو، ”سڀ تمام ’پراڻيون ٿي ويون هيون ۽ تمام گهٽيون شيون اجائي جڳهه ولاري وينيون هيون. گهر به نئيو آهي. منهنجا دوست مون تي کلندا ۽ چترون ڪندا هئا ’پراڻين عجائب گهر ۾ رکيل شين کي ڏسي.“ مون

ڪيس ڪجهه به نه چيو. ڪالهه! ڪجهه به ته پنهنجو ۽ سجاتل نه هو جو هن کي ڪالهه گهر پنهنجو لڳي. جانڪيءَ کي سڀ شيون اجنبي لڳيون گهر به.

سندس پٽ ڪيس هڪ ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ فخر سان چيائينس، "ممي، هي تنهنجو ڪمرو آهي، توکي اهو ساڳيو ئي ڪمرو ڏنو آهي، ڏس چا ته سُندر تي ويو آهي. هن ۾ سڀ سهوليتون آهن. ڏس ممي، `پئسا ڦينڪ تماشا ديک` چا ته بدلجي ويو آهي." جانڪيءَ جو پير جيئن تمام قيمتي مهانگي غاليچي تي پيو هوءَ چرڪي پيئي. خير اندر اچي ويٺي. هن کي ڪالهه ڪابه شيءِ نه ڏسڻ ۾ آئي جن کي هوءَ ساهه سان سانديندي هئي.

هن کي ڪالهه ڪمري ۾ ڪابه اهڙي ڪنڊ نه هئي جا پنهنجي ۽ پياري لڳي. ڪجهه به ڄاتل نه. مرجهايل من سان هوءَ هڪ عاليشان وڏي پلنگ تي ويٺي آهي، گهر ۾ نه. هوءَ فائيو اسٽار هوٽل جي ڪمري ۾ ويٺي آهي، گهر ۾ نه. هوءَ هر چيز کي ڇهي، سڃاڻپ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.. ننڍو T.V ويڊيو سيٽ، ننڍڙو فرج. هوءَ سيني سان هلو هلو ڪري واقفيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر هن جو من تني چڪو هو. چيهون چيهون، ڏارون ڏارون. اچانڪ هن کي ياد آيو سندس اڱڻ ۾ پپل جو وڻ. جڏهن هوءَ ناسڪ وچي رهي هئي، سڃو وڻ پيلن پنن سان پريل هو. پپل ٽڪل - ٻڍو مرجهايل پئي لڳو.

هن پنهنجي ڪمري جي دري کولي. ڪالهه پپل جي سڃاتل وڻ کي ڏٺو جو ساون سبز پنن سان پريل هو. جهومي، لهرائي رهيو هو. ڪالهه وڻ ۾ سندس نون پنن ڪيس Welcome (سواگت) جو اشارو ڪيو. پنن ڪڙڪي ڪڙڪي تاڙيون وڃايون ۽ ڪالهه مڌر پوتر'سنگيت سان سندس من ۾ ڪمرو پرجي ويو. نور ۽ آتمڪ آنند سان مخمور تي ويئي هوءَ. هن پٽڪيو، 'قدرت جو نيم'پيلا پن جڏهن ڪريا تڏهن ئي نون ساون پتن جنم ورتو. سندر، ساوا پن، نئين ڪالهه لساهه ۽ امنگ سان پريل، ٻيين ٽارين ۽ وڻ جي ٽڙ تي. هن پنهنجي ڪالهه ننهن ۽ پٽ کي من ئي من ڏنيواد چئي ۽ نرم نئين بستري تي سمهي پيئي. ڪيس گهري ننڊ اچڻ لڳي. ڪمرو ساتوڪي سک ۽ سنتوش سان پرجي ويو. جانڪيءَ جو چهرو ٻهڪڻ لڳو ڪنهن تيج سان، پپل جي وڻ وانگر.

فيصلو

”شنا تون تمام سھڻي، سڀاجھي آھين، آواز بہ تمام منو اٿيئي“ مون سھڪندڙ آواز ۾ چيو. پنڊ ڪرڻ وقت، ڳالھائڻ مھل آواز ائين ئي ٿي ويندو آھي.

گھر جي پاسي واري باغ ۾ مان روز شام جو پنڌ ڪرڻ ويندي آھيان. باغ جي ھڪ گيٽ کان ٻيءَ گيٽ تائين 15 منٽ لڳندا آھن. ڇھ چڪر لڳائڻ سان ڏيڍ ڪلاڪ جيترو پنڌ ٿي ويندو آھي. الڳ الڳ قسمن جا ماڻھو، ننڍڙا ٻار، ٻڍا، زالون، جوان، بيمار، سگھارا، صحت جو قدر ڪندڙ، سڀ ئي باغ ۾ گڏجندا آھن. جاتل سڃاتل چھرا، پنھنجائپ سان پريل سالن کان ھڪ ٻئي کي ڏسڻ سان بہ ڪٽنب جا ڀاتي لڳندا آھن. نيم جا پڪا پنھنجا پنھنجا پيا لڳندا آھن.

شنا منھنجي سوال جو جواب ھلڪيءَ مرڪ ۾ ڏيندي چيو، ”عمر چڙھي ويئي اٿم، چڱا وڏا پوٽو، پوٽي بہ اٿم، تہ بہ توکي سھڻي ۽ سڊول پيئي لڳان. لڳي ائين ٿو شبنم تنھنجي اکين ۾ ئي سونھن پريل آھي، ھر شيءِ توکي الائي ڇو ۽ ڪيئن سندر پيئي لڳي. پٿر، نڪر، ڪنڊا، سُڪل گاھ، مرجھايل گُل، پنن ڪانسواءِ وڻ، بيمار ماڻھو، گھايل پسون پکي، سيني کي تون سُندر چوندي رھندي آھين، سڀ سُندر ڪيئن ٿيا ؟ “

” ھا، اھا ڳالھ تہ تو ٺيڪ چئي شنا، مونکي ھر شيءِ، ھر دک ۾ بہ خوبصورتيءَ جي جھلڪ نظر ايندي آھي. ھر ڪوڙو، منو، ڪٽو آزمودو بہ ڪو نھايت پيارو ۽ سندر تاثير ڇڏي ويندو آھي، ڪو نہ ڪو نصيحت پريو سبق سيکاري ويندو آھي. “

”شنا ھن باغ ۾ اسين سالن کان گڏجنديون رھنديون آھيون، تون ڪافي ڪڄ پنھنجي زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندي رھندي آھين. اڄ ھاڻ ٿورو وقت ويھي آرام ڪيون. “ اسين ھڪ ڪنڊ واريءَ بينچ تي ويھي رھيوسين.

”شبنم، توکي ايترو تہ ٻڌايو ھوم تہ منھنجا پيڪا وچولي حيثيت وارا ھئا ۽ شادي ھڪ سٺي وڏي گھر ۾ ٿي، جن جي ساک وڏي ھئي.

جڏھن منھنجيءَ شاديءَ کي چار سال گذريا ۽ ڪوبہ اولاد نہ ٿيو، چوڌاري ڀس پُس ٿيڻ لڳي. وشال منھنجي سَس جو ھڪ ئي سڪيلڌو پٽ ھو. پٽ جا ٻار ڏسڻ سندس وڏي ۾ وڏي خواھش ھئي. ڏيري ڏيري روز روز گھر ۾ ڪِي پِ ٽ ٿيڻ لڳي ۽ُ ئي ڪانپوءِ تہ ڪو ڪارڻ ليي نہ ليي، سڄو وقت مون مٿان ڪٽ . ڪٽ ۽ اولاد نہ ٿيڻ جا مھڻا.

جنھن بلڊنگ ۾ اسين رھندا ھئاسين ُ لي ئي ڇھ فلئٽ ھئا. جتي سَس جون پنج ڏيراڻيون ۽ پيا مٽ مائٽ رھندا ھئا. مھمانن جي اچ وڃ تہ لڳي ئي پيئي ھوندي ھئي.

منھنجي آزين نيزارين ڪرڻ ڪانپوءِ مان ۽ منھنجو گھوٽ ڊاڪٽر وٽ تپاس ڪرڻ وياسين. ھڪ ڊاڪٽر جو رايو ٻڌڻ ڪانپوءِ منھنجي گھوٽ رپورٽ مونکي نہ ٻڌائي ۽ نہ

ڏيکاري. چئن پنجن ڀين ڊاڪٽرن وٽ بہ اسين وياسين. آهستي آهستي وشال جيُ ڏاسي گهري ٿيندي ويئي ۽ مان بہ بي صبري ٿيندي ويس. آخر هڪ ڏينهن مون هنن کان همٿ ڪري پڇي ئي ورتو، ” وشال آهي ڇا ؟ آخر ڊاڪٽر چون ڇا ٿا ؟ ڪجهہ مون ۾ ڪمي هجي تہ علاج ڪرايان ؟ ۽ تو ۾. . . . مون جملو اڌورو ئي ڇڏي ڏنو. وشال نراسائپ ۽ ڏاسيءَ واري سُر ۾ چيو، ” تو ۾ ڪا گهٽتائي ڪونهي.“

” ڇهہ اٺ سال اڳ هڪ خطرناڪ حادثو ٿيو هو، ان حادثي ۾ مان بچي نڪتس، پر جيڪو ڊاڪٽر هاڻ ٻڌايو آهي، ان کان مان اڻ واقف هوس.“

” ڊاڪٽر ڇا ٿا چون ؟“ شنوءَ هٻڪندي پڇيو.

”مان پيءُ ٿيڻ جي قابل نہ رهيو آهيان ۽ ڪجهہ سالن ڪانپوءِ تہ شاريرڪ سنبنڌ رکڻ جي قابل بہ نہ رهندس. هاڻ تون فيصلو ڪر، مون سان گڏ رهڻ چاهين ٿي يا . . . . .“

منهنجي بدن مان ڄڻ تہ رت سُڪي ويو. مان تہ وسامجي ويس، گلو گهٽجي ويو. خالي خالي نظرن سان هن طرف نهاريندي ئي رهجي ويس. هُو بہ گهٽتن برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ دروازو کولي ٻاهر نڪري ويو.

ٻہ چار ڏينهن تہ اسين روز مره جي ضروري ڳالهائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهياسين.

هڪ ڏينهن هو گهر ۾ شام جو جلدي آيو ۽ چيائين، ”شنو، هل تہ هڪ هنڌ گهمڻ هلون، من بهلجي ويندو.“ گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ مون هن کي هلڪي هنيانءُ واري موڊ ۾ ڏٺو. مان جلد تيار ٿي ساڻس نڪري پيس. دل تان ڪو بوجهہ هلڪو ٿي پيو.

وشال شهر جي ٻاهران هڪ لنبي Drive تي مونکي وٺي هليو. هڪ تلاءُ جي پاسي ۾ وڻن جي جهڳٽن ۾ ڪار بيهاري. مان خوش بہ ٿيس ۽ وائڙي بہ تہ آخر هُو ڇا ڪرڻ ٿو چاهي. هن پابوه وچان آهستي آهستي منهنجو هٿ پنهنجن ٻن هٿن ۾ جهليو ۽ چيو، ”شنو، جيڪي مان ڪجهہ توکي چئي رهيو آهيان، ڌيان سان ٻڌ.“

”اسانجي گهر جو وايومنڊل، تنهنجي ۽ منهنجي هڪ ٻئي لاءِ بي پناه محبت، تنهنجا سنسڪار، انهن سڀني جي تقاضا آهي هڪ ننڍڙي ٻار جو گهر ۾ هئڻ. اسانجي رشتن جي پُل. ڪجهہ ڏينهن سوچڻ ڪانپوءِ مان فيصلي تي پهتو آهيان، جو تو لاءِ ٻڌڻ ۽ عمل ڪرڻ شايد تڪليف ديہ ۽ دک پهچائيندڙ ٿئي، پر اهو سڀ ڪجهہ عمل ۾ آڻڻ نهايت ضروري آهي. “

مان ڪيس ٻڌندي ئي رهيس. ڇا ڪيان؟ ڇا پڇان ؟ ڇا سوچيان ؟ وڻن جي جهڳٽن ۾ وشال جي گود ۾ سر رکي ليٽي پيس، پاڻ کي بهتر سمجهيم، ٿوري راحت، فرحت ۽ آڏار جو احساس ٿيو. هن جي منڙيءَ هنج ۾ آٿت ۽ همٿ ملي پيدا ڪئي، اهو ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ جيڪي هو ڪجهہ ٻڌائڻ پيو چاهي.

وشال منهنجي نرڙ تي مٺي ڏيندي وارن ۾ آڱريون گھمائيندي چيو، " ٻڌ، آنند منهنجو عزيز، گھرو دوست آهي، همراز آهي. تون هن کي متاچرو چاڻين سڃاڻين، پر هو منهنجو ويجھي ۾ ويجھو دوست آهي جنهن کي مان سڀ ڪجھ سلي سگھندو آهيان. ان سان مون پنهنجو اندر اوريو آهي. ڊاڪٽرن واري ڳالھ به مون کيس سربستي ٻڌائي آهي." وشال هڪ اونهو ٿڌو ساه کنيو.

رفته رفته شبنم هو الائي کھڙيون ڳنڍيون کوليندو پيو وڃي. الائي وري هو ڇا چوندو ؟ الائي کھڙي ڳنڍ کلندي ؟ الائي وري کھڙي وچ ڪرندي ؟ مان ٻڏتر سان پريل، پر خاموش هن جي چهري طرف ئي نهاريندي رهيم.

"شنو، ٻڌ. مون هڪ رستو ڳولھي ڪڍيو آهي، نئين مهمان جي اچڻ جو، تنهنجي منهنجي نه وڇڙڻ جو، پنهنجي پيار کي ڳنڍي رکڻ جو. خاندان جي سلسلي کي قائم دائم رکڻ جو، وڏين ٻيڙين جي اکڙين جو هڪ سپنو، سندس لمنگن، آشائن ۽ انسنن کي قائم رکڻ جو. تنهنجي منهنجي وچ ۾ هڪ خال پرڻ جو. "

مون پُرزور آواز ۾ چيو، " کهڙو رستو وشال"

"تنهنجو ۽ آنند جو شاريرڪ سنبنڌ . شاسترن ۾ ۽ پراچين زماني ۾ ان کي 'نيوگ وڌي' چئبو آهي. خاندان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ راجا، مهاراجائون اها وڌي ڪتب آڻيندا هئا.''ونش جي ول' اڳتي وڌائڻ لاءِ آنند اڃان تائين ڪنوارو آهي.

هڪ بم ڦاٽو، ڄڻ ته بارود ئي بارود منهنجي اکين اڳيان ڇانئجي ويو. ان بم جي ڌماڪي سان ڪن ۾ ڄڻ ته سيٽيون وڄڻ لڳيون. مان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳس. ماحول ڪان بلڪل بي نياز. منهنجو ته هنياءُ ڦاٽڻ لڳ. سمبه جي سمڪ ئي نه رهي. الائي ڪڏهن مان روئي روئي ٿڪس، ٿڪاوٽ جي ڪري ڄڻ ته اک لڳي ويئي. نيم بيهوشيءَ واريءَ حالت ۾ الائي ڪڏهن ڪئين وشال ڪار ۾ کڻي مونکي آنند جي بنگلي تي آندو. الائي ڇا ڇا ٿيو. هوش ۾ اچڻ سان مون پاڻ کي آنند جي اجنبي ڪمري ۾ پلنگ تي شرير صرف چادر سان ڍڪيل ڏٺم.

باغ ۾ وڻن تي وينل پکين جو ڪولاهل بيحد وڌي رهيو هو. اونده به گھاٽي ٿيندي پيئي وڃي. شنوءَ جو آواز به ٻڏندو پيو وڃي. مون کيس ٿورو ڌوڏايو، " شنو، ڪٿ گھر هلون، دير پيئي ٿي، هل" مون لرزندڙ شنوءَ کي ٻنهي ٻانهن جو سهارو ڏيئي اُٿاريو. هن جا قدم ڏڪي رهيا هئا. اکيون دونهين سان پريل، " چڱو شنو سڀاڻي وري باغ ۾ گڏجنديوسين" هوءَ ساڄي طرف سندس سنيءَ تي چڙهي گھر رواني ٿي ۽ مان کابي طرف گھر پنڌ پيس. پنجن ستين منٽن ۾ گھر پهتس.

ٻه ٽي ڏينهن هوءَ باغ ۾ مونکي نه گڏجي، مان پنهنجي روز مره جي نيم موجب پنڌ تي وڃڻ لڳس. اکثر منهنجيون اکڙيون شنوءَ کي ڳولھينديون رهنديون هيون.

هڪ شام هوءَ مونکي نظر آئي. هوءَ منهنجي چونديل گول گول واري رستي تي تڪڙو تڪڙو پنڌ ڪري رهي هئي. نيلي رنگ جي سلوار قميص ۾ هوءَ بيحد خوبصورت نظر اچي رهي هئي. چگن ڏينهن کانپوءِ گڏجڻ ڪري ازخود ٻنهي کان ٺهڪ نڪري ويو. هلڪو پاڪر پائي گڏجيونسين. گڏجي پنڌ ڪرڻ لڳيونسين.

ڳالهائڻ مون شروع ڪيو. شنو باغ ۾ هيترا سڌا ڏامر جا رستا آهن تون هن گول گول ڏامر جي رستي تي ئي چو پنڌ ڪندي رهندي آهين ؟ ڪڏهن ڪڏهن هيئن گول گول گهمڻ سان چڪر ايندا اٿم، تہ بہ الائي چو ائين ئي ڪندي رهندي آهيان. لڳندو آهي سڌا رستا مون لاءِ نهيا ئي ڪونہ آهن. ڏاڍا ڏکيا لڳندا اٿم، ها سڌا سنواٽا رستا.

” اڄ موڊ نيڪ نہ اٿم“ شنوءَ چيو.

” چو چا ٿيو وري، ان موڊ کي ؟ “ مون پڇيو

” اڄ منهن پٽ سان ٿيل جهڳڙا، سندن ورتاءُ ياد ٿا اچن. منهنجي پٽ منهنجي بيحد گهڻي بي عزتي ڪئي. هن منهنجي ممتا ۽ موهہ جو ذرو بہ قدر نہ ڪيو. منهنجي گهايل من کي مرهم پٽي ڪرڻ جي بدران زخم ڏيئي ڏيئي ناسور ڪري ڇڏيو. پاڻ تہ وشال سرڳواس ٿي ويو، مونکي ڦٽي ڪري ويو هن ڪنيي نرڳ ۾.“

مون سوالي نگاهن سان ڪيس نهاريندي چيم، ”وشال گذاري ويو؟ ڪڏهن ؟ ڪيئن؟ تو تہ ان جو ذڪر ئي نہ ڪيو آهي. “

” ها، ان رات آنند جي گهر مان ٿي اچڻ کانپوءِ مونکي ڏينهن چڙهيا. ٻيبو ڄائو. وشال جي چوڻ مطابق سچ پچ بدلجي ويوگهر ۾. گهر ۾ واڌايون ورائجي ويو. خوشيون ڇانئجي ويون پنج سال اسانجي زندگيءَ جا بهترين ۽ يادگار گذريا.

پر . . . . “ پر اڪر ڳنهڻ کانپوءِ هن جو آواز ڪنبڻ لڳو. ” پر چا ؟ “ مون آتر ويلا واري سُر ۾ پڇيو.

ان ڏينهن ٻبلوءَ جو پنجون جنم ڏينهن هو. آنند کي بہ وشال دعوت ڏني. ڪيس خاص بئنگلور مان گهرايو هئائين. ها، توکي ٻڌائڻ وسري ويو، ان رات جي گهڻنا کانپوءِ آنند بئنگلور هليو ويو هو ۽ اسان سان گڏيو بہ نہ هو ۽ جنم ڏينهن کانپوءِ ٻن ٽن ڏينهن ۾ هو هميشہ لاءِ آمريڪا ۾ لڏي وڃڻ وارو هو.

سڄو گهر ۽ خاص ڪري هڪ ڪمرو تہ ماڻهن، ٻارن، جوانن، ٻڍن، ٻيڙين سان پريو پيو هو. وايومنڊل ۾ شهنائيءَ جو سُرُ وڄي رهيو هو، ڪل ڪل، ٺهڪڙن سان گهر جو واتاورڻ وٽندڙ پيو لڳي. آنند ٻبلوءَ کي سڏيو، ڪيس هنج ۾ وهاريائين، پاڪر پائي، خوب چُميون ڏنائي. هڪ بيحد قيمتي تحفو ڏنو ۽ وري چڪي چاتيءَ سان لڳاياڻينس. اصل ڇڏيس ئي نہ، سندس اکين ۾ آنسو اٽڪيل هئا.

”ان رات وشال آتم هتيا ڪري ڇڏي.“

سناٽو . . . . هڪ گهرو سناٽو ڇانئجي ويو. سڄي وايومنڊل ۾ ڪن پل لاءِ ته منهنجو جڻ ته ساهه ئي رڪجي ويو. شنا پنهنجيون اکيون ٻوٽي ڇڏيون. بينچ تي سر ٽڪائي شانت پٿر جو ٻُت ٻڻجي ويهي رهي. مون ۾ به هڪ اکر ڪڇڻ جي طاقت نه رهي. هيڏو وڏو درد مان ڪيئن گهٽايان ؟

باغ جي گڻيش مندر جي آرتي آرنڀ ٿي ويئي هئي. مون هٿ کي ڇهيو، پڪڙيو، ڪيس سهارو ڏيئي، اُٿاريو ۽ مندر ۾ وٺي ويس جتي پوتر گڻيش جي آرتي آرنڀ ٿي ويئي، ` سک ڪرتا، دک هرتا` هلي رهي هئي. جهانجهه، اگربتيءَ جي سڳنڌ، آرتيءَ جي لئه ته تاڙين جو آواز، گڻيش جي پوتر مورتي، شرڌا، وشواس. منهنجي رڳ رڳ ٺري ويئي. ڏيئن جي مڌيم روشنيءَ ۾ ڏٺم ته شنا جو وساميل چهرو جو ڪجهه منٽ ڪاراٽيل هو، شانت ۽ ٻهڪڻ لڳو. آرتي پوري ٿي. " شبنم، مون سني نه آندي آهي، مونکي اڄ تون گهر ڇڏي اچ، پوءِ گهر وڃ." مون ڪنڌ سان 'ها' ڪئي.

پنڌ ڪندي شنو مون طرف مخاطب ٿي چيو، بس شاديءَ ڪانپوءِ نوين ڏهين سالين ۾ مان وڌوا ٿي پيس. مون ۽ آنند ته سندس فيصلي کي عمل ۾ آندو. پر وشال پنهنجي فيصلي کي دليان قبول ڪري نه سگهيو هو. ياجوڪڙ ٻڌجي سچائيءَ کي نه سويڪاري، اُن سچائيءَ جي حقيقت کي سهي نه سگهيو. پنهنجو ڪيل فيصلو مون مٿان مڙهي هميشه لاءِ مُنهن موڙي ويو. اهو به نه سوچيائين ته مان پهاڙ جيڏي زندگي ڪيئن ڪاٽينديس. سندس ڪيل فيصلي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ شڪتي ڪٿان آڻيندس ؟ سندس آتم هتيا واري قدم مونکي پيچي پوري ڇڏيو.

منهنجو ٻُٽ ساگر، نندي هوندي کان ئي ضدي، جلدباز، جذباتي، غصي وارو هو. شاديءَ ٿيڻ ڪانپوءِ ته هو ۽ سندس زال مون سان بلڪل نهڪي نه سگهيا. منهنجي گهٽي مٺ محبت جي وهنوار ۽ ٻاڏائڻ ڪانپوءِ به هُو ٻئي الڳ وڃي رهيا. منهنجو منجهس بيحد موهه هو، هن ڪانسواءِ مان ائين تڙڦڻ لڳس جيئن پاڻيءَ بنان مڇي. گهڻوئي سمجهايومانس، آزيون نيزايون ڪيونمانس، پر هو مونکي لڇندو ڇڏي ويو. منهنجو جڻ ته ڪرنگهو ُٽي پيو. گهر ڇڏڻ وقت ، هن مون مٿان منهنجي هٿ سان لکيل ڊائري ڦٽي ڪئي جنهن ۾ مون سندس جنم جو اتهاس لکيو هو. الائي ڪهڙي غفلت جي گهڙيءَ ۾ هن جي هٿ چڙهي هئي ۽ هن چلائي چيو، "ٻڌ منهنجو فيصلو. 'تون چرترهيڻ آهين' تنهنجو فيصلو غلط هو. پاڻ ستي ساوتري نه سڏاءِ ڪلتا ! "

شبنم نندي هوندي کان وٺي، پاءُ، پيءُ، ماءُ جا فيصلا مون قبول ڪيا، ڪپڙو، ڪاڏو پڙهائي، شادي هر فيصلو ٻي ڪنهن جو ڪيل پنهنجي پسند، ناپسند، پنهنجي شخصيت جو احساس به مان ڪري نه سگهيم. شاديءَ ڪانپوءِ وشال جو هر فيصلو اکين تي رکيم. اهڙو ناجائز فيصلو جنهن جو اهڙو ُاگرو انت ۽ اڄ منهنجو رت، منهنجو ٻُٽ به پنهنجو فيصلو

ڇڏائي هليو ويو. جنهن کي دنيا ۾ آڻڻ لاءِ سندس پتا اهڙو فيصلو مون مٿان مڙهيو. زندگيءَ جي ڪورٽ ۾ مان اڪيلي گناهگار آهيان، جنهن کي صرف هڪ طرف فيصلي جي عادت وڌي ويئي آهي. مان ڇا ٿي چاهيان شبنم ؟ مونکي ڇا ڪپي ؟“ هوءَ هنياءُ ڦاڙي روئڻ لڳي. ”ڇا ڪنهن به استريءَ کي پنهنجي فيصلي ڪرڻ جي اجازت نه آهي ؟ مان اهڙي ڪمزور ڇو آهيان ؟“

مان هن کي سنڀالي ڪيس سندس گهر تائين ڇڏڻ لاءِ نڪري پيس.

هن جو گهر اڇي چڪو هو. مان ڪيس گهر ٻاهران ڇڏي، ڳوڙي من سان گهر ۾ پهتيس.

گهر جو رڊيو پڇايو ڪري، ٻارن ۽ گهوٽ سان گڏ ٿي. وي ڏنم. ٿورو ڳالهائڻ ٻولائڻ ٿيو. من هلڪو ٿيو. ڪجهه لکڻ پڙهڻ وينيم من بيءَ ٿيو.

ڪجهه ڏينهن پنهنجين ئي مشغولين ۾ گذري ويا. پنڌ ڪرڻ جي روزمره جي نيم ۾ ٿوري وٿي پئجي ويئي.

هڪ ڏينهن ’يوگا‘ جو ڪلاس سيڪاري واپس وريم. گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائيءَ نياپو ڏنو، ”شنا ديدي ڪا فون آيا ٿا. آپ ڪو جلدي گهر ۾ بلايا هئہ.“

مون هڪدم رئو پاتو، چمپل پاتي، مائيءَ کي ڪجهه رڌڻ پچائڻ لاءِ ٻڌائي، گهروارن لاءِ پني تي نياپو لکيم، ’دير ٿي وڃي ته اون نه ڪجو‘ نياپي تي شنا جو فون نمبر لکيم. شنا جي گهر پهتس. شنا گهر ۾ اڪيلي هئي. ”ڇا ٿيو ؟ ايترو جلد اچڻ لاءِ نياپو ڇو موڪليئہ ؟ طبيعت ته نيڪ اٿيئي ؟ گهر ۾ ڪير به ڪونهي ڇا ؟“ مون تڪڙ ۾ ٽي چار سوال پڇي ورتا.

”شبنم طبيعت نيڪ اٿم. پاڻيءَ ڊڪ پيئہ “ هن پاڻي آڻي ڏنو، مون پيتو. ” ڇانهہ پيئندينءَ؟“ مون ڪنڌ هلائيندي نه ڪئي. هوءَ پاسي ۾ اچي ويٺي. منهنجي گوڏي تي ڪنڌ رکي، اکيون پوري ڇڏيائين. ان وقت هوءَ مونکي ننڍڙو ٻار لڳي رهي هئي. مون سندس مٿي تي لولي ڏيڻ وانگر ٿڦڪيون ڏيڻ شروع ڪيون.

”شبنم، تو جهڙي پنهنجائپ ۽ پيار پري، همدرد، وشواس جوڳي ۽ درد چوسي وٺڻ واري ساهيڙي ملڻ ڪانپو ۽ توسان من سلڻ ڪانپوءِ، منهنجن زخمن جا ٽاڪا کلجي پيا آهن، ماضيءَ جون ڪوڙيون يادگيريون تکيون ٿينديون ويون. مان توسان اندر اورڻ لڳس. آٿت ملڻ لڳ. هاڻ ته توکان ڪجهه به لڪائڻ تي من نٿو ٿئي هيءُ به نه.“

ائين چئي شنو منهنجي هٿ ۾ هڪ چٺي ڏني ۽ چيائين ته، ” پڙهہ “.

مون ڪائنس آترويلا مان پڇيو، ” خط ڪنهنجو آهي ؟ “

”هيترن سالن ڪانپوءِ آنند جو مون ڏانهن پهريون دفعو لکيل خط. آمريڪا مان آيو آهي.“

مون خط پڙهڻ شروع ڪيو، شنو، وشال جو ڪيل فيصلو، زبردستي، لحاظ، دوست جي دل نه دکائڻ جي ڪائرتا بس هڪ ڪڻ جي ڪمزوري جنهن منهنجي ضمير تي ايتري

ملامت ڪئي، جوءِ ڪڏي ڪرتوت ڪرڻ ڪانپوءِ، مون شادي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ توهان سيني جي سامهون مرڻ تائين نہ اچڻ جو قسم ڪاڏو هو. پر ببلوءَ جي جنم ڏينهن تي وشال جي ڪونڊ تي قسم پيچي آيس پر پنهنجي جذبات کي روڪي نہ سگهيس. منهنجي هلت وشال کي الائي ڪهڙو ڏنگ هنيو جو هُن آتم هتيا ڪئي. مان ڏوهاري پاونا ۾ گرفتار ٿي ويس. وري مون پنهنجو منحوس منهن توهان کي نہ ڏيکاريو.

" شنو، تون هيءُ خط ڏسي وائڙي ٿي ويئي هوندينءَ. توهان جي پاسي ۾ رهندڙ هڪ ڪٽنب هتي تازو آيل آهي. حال احوال ونڻ ڪانپوءِ خبر پئي تہ هو توکي چڱيءَ طرح سڃاڻن. اُنهن کان خبر پيئي تہ ٻن سالن کان تون اڪيلي رهندي آهين. جنهن اؤلاد لاءِ تو هيتريون قربانيون ڪيون، هو بہ توکيءُ وقت اڪيلي ڇڏي وجي الڳ رهيو آهي، جنهن عمر ۾ توکي سهاري، پيار، سيوا جي سخت ضرورت آهي، نالائق ڪتان جو. شنا، تون هر طرح اڪيلي آهين. مون بہ هيل تائين اڪيلي زندگي گذاري آهي. الائي زندگيءَ جا گهٽا ڏينهن، مهينا، سال رهيا آهن، ڇا تون باقي بچيل زندگيءَ جا ڪجهہ پل اڪيلائپ جا مونسان ورهائيندينءَ ؟ هتي اچي مون سان گڏ رهندينءَ . اسان ٻنهي جي هن اڪيلائپ واريءَ زندگيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏينديءَ؟ منهنجو مانسڪ آڌار ٿيندينءَ؟ منهنجي ٻڍاپي جو سهارو ٻڻجندينءَ ؟ مونکي پنهنجي ضمير جي مار کان بچڻ جو هڪ موقعو ڏيندينءَ ؟ مونکي تنهنجي آتت ۽ آڌار جي سخت ضرورت آهي. خاص ڪري هن ٻي پروسي واريءَ عمر ۾.

خط پڙهي مون پورو ڪيو. هن سوالي نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. موت ۾ مون سامهون ٽنگيل گهڙيال ۾ ڏٺو. وقت ڏاڍو وڏي ويو هو. مون سندس وارن تي هٿ گهمايو ۽ آهستي آهستيءُ لٽي ڪڙي ٿيم. "شنا وقت تمام گهٽو ٿي ويو آهي. ٻڌ، پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پهريون دفعو تون پاڻ تي ڪندينءَ. تنهنجي انترآتما، تنهنجو سونهون ٻڻجي، توکي رستو ڏيکاريندي، اها مونکي پڪ آهي." هوءَ اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هئي. مون سندس نرڙ تي هڪ مني ڏني. منهنجي چهري تي مونالسا واري ڳجهارت پري، معنیٰ پري مُرڪ هُئي.

گهر

”منحوس ! تو منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، نڪر منهنجي گهر مان.“ ونود زور سان چلائنيد چيو ۽ وندنا کي ٻاهر ڌڪا ڏيڻ لڳو. هن کي دروازي مان ٻاهر ڪڍي دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

وندنا در جي ٻاهران ويني ئي رهي. هن جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا. ڏڪندڙ شرير، زبان خاموش، پيلو چهرو آنسن سان ڀريل ڏنتليل اکڙين سان، هن دروازي جي Name plate ڏٺي. سندس نالي واري ’نيم پليٽ‘ ’شريمتي وندنا‘.

ٻار ٻئي ڪاليج ۾ پڙهندڙ هئا. هن وقت هو، ڪاليج جي پڪنڪ لاءِ ٻن ڇئن ڏينهن لاءِ شهر کان ٻاهر ويل هئا. هوءَ پنهنجي گهر جي ٻاهران ويني رهي. سندس ڪنن ۾ ونود جا ڇيل اکر ٻرڻ لڳا، ”نڪري وڃ منهنجي گهر مان“ هن جو شرير ٿر ٿر ڪنبي رهيو هو. ’منهنجو گهر‘ يعني هي مسٽر ونود جو گهر آهي. منهنجي گهوٽ جو گهر ؟ پرش جو گهر ۽ استريءَ جو ڪهڙو گهر آهي ؟

هوءَ پنهنجي گهر جي چائنٽ ٻاهران ويني ئي رهي. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ گهر جو دروازو کُليو ۽ کُليل ئي رهيو.

هوءَ سمجهي ويئي ته ونود کيس گهر کان ٻاهر ڪڍڻ نه پيو چاهي. هن جو گهٽڻ سالن جو دٻيل غصو ٻاهر نڪري آيو هو جو هُن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪڍيو هو، سو به خصيص ڳالهه تان ياڇيءَ ۾ وڏيڪ لوڻ پوڻ تي هُو تپي ٻاهه ٿي ويو هو. مرد ڪيتري ننڊي دل وارا هوندا آهن. سندن ڪيل قربانيون وقت پوڻ سان تمام مهان ۽ وڏيون لڳنديون آهن ۽ استريءَ ڪي قربانيءَ جي پتلي جو لقب ڏيئي کيس هر ڪنهن حق کان محروم ٿو ڪيو وڃي.

پر جلدي ئي ونود کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويو هو، تنهنڪري دروازو کولي ويو هو ۽ پڇتاءُ سبب هُو کيس منهن ڏيکاري نه سگهيو. ونود کيس سڄي زندگي ساٿ ڏنو هو. وندنا اهڙو روت پهريون دفعو ئي ڏٺو ۽ کيس پڪ هئي ته هي آخري دفعو به آهي.
هوءَ لٿي اندر داخل ٿي. اندر اچي هن شانت چت سان مٺ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀريو ۽ آهستي آهستي ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ لڳي. ڪمري ۾ وڃي، دروازو بند ڪري، پلنگ تي ڦان ڪري ڪري پيئي ۽ گونگا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي.

هوءَ سوچڻ لڳي، ونود ’منهنجو گهر‘ اکر تي زور ڇو ڏنو ؟

هي گهر گهوٽ جو!

پيڪو گهر بہ منهنجو نہ!

۽ ساهرو گهر سسُ جو!'

منهنجو گهر؟ ناريءَ جو ڪهڙو گهر ٿيندو آهي؟

انتر آتما مان آواز آيس، هيءُ تنهنجو پنهنجو گهر آهي ۽ بس.

هن کي گذريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. ياد اچڻ لڳو کيس سندس پيڪو گهر ۽ گڏوگڏ ڪيتريون ئي ماضيءَ جو يادگيريون . . . .

ننڍي هوندي کان وٺي کيس پنهنجن ڀائرن، ڀاڃاين، ڀائٽن، ڀائٽين، امڙ ۾ بيحد موهہ هو. مئٽرڪ پڙهڻ کانپوءِ، هن پڙهڻ سان گڏ نؤڪري شروع ڪئي هئي. مهيني جي پهرين تاريخ ماءُ جي هٿ جي ترِيءَ تي پئسا رکندي چوندي هئي، " امڙ، آهيان نہ مان تنهنجو گلاب پُٽ؟ " امڙ بہ نرڙ تي مِٺي ڏيندي چوندي هيس، " ها منهنجا ُگلو پُٽ."

وندنا جو چهرو ٻهڪي ُ لٿندو هو. ھن جي ڪم ڪرڻ جي همٿ ۽ اتساهہ ٻيڻو ٿي ويندو هو. هوءُ پنهنجي گهر ۾ پرٽتا آٽڻ لاءِ سهٽا ڪوپ بسيون، چادرون، ڪبٽ، صوفا سيٽ، ريڊيو، پلنگ، ڀائٽن ۽ ڀائٽين لاءِ سنا ڪپڙا واجبي اگهہ تي وٺي، فخر سان ڀاءُ ڀاڃاين کي چوندي هئي، "وندنا جي راڄ ۾ رهو سڀ خوش." قسطن تي خريد ڪيل شين لاءِ هوءَ ٽيوشنس وٺڻ لڳي ۽ ٻيا بہ گهٽائي ڪم جنهن سان هوءَ ڪجهہ پئسا ناهي پنهنجي گهر جي ڀاتين کي خوش رکي سگهي. محنت ڪرڻ لاءِ هن کي ڄڻ تہ اٺ هٿ ۽ چوويهن ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪلاڪ هئا. ڀائر محنت تہ گهٽي ڪندا هئا، پر گهر ۾ ڪائڻ وارا گهڻا وات هئا، سو پورت نہ پوندي هئي.

ماءُ هن کي نرڙ تي مِٺي ڏيندي چوندي هئي، " هوُبهو منهنجو ُگلاب، منهنجو ٿيون ننڍو پٽ. ُاهو جڏهن گذاري ويو، چاليهو رکي ڏينهن رات دعائون پنڻ کانپوءِ درياهہ شاهہ دادلي، منهنجيءَ جهوليءَ ۾ توکي ڏنو. "

وندنا کي چٽيءَ طرح پنهنجو ننڍپڻ ياد هو. ڄمڻ سان ئي امڙ گلاب جا رکيل ڇوڪراٽا ڪپڙا کيس پائڻ شروع ڪيا. هن جيڪو پهريون ڇوڪرين جو فارڪ پاتو، ُاهو هو سندس اسڪول جو يونيفارم.

امڙ کي پڪو وشواس هو تہ هيءُ سندس ٻُٽ ڳُلاب آهي جو ڏيءُ جو جنم وٺي آيو آهي. جنهن سائيءَ جي بيماريءَ ۾ ڳُلاب گذاري ويو هو، ساڳي بيماري ڪٽي ۽ ساڳيو ئي رنگ روپ روش ڪٽي هوءَ جائي. امڙ نالو ئي رکيس ڳُلاب. ٻن وڏن ڀائرن سان ڇوڪراٽا ڪپڙا پائي هوءَ ڇوڪرن جون رانديون ٿي ڪندي رهي. اِٿي ڏڪر، ڇدن جون رانديون، لڪ ڇپ راند، هُن کي ننڍي هوندي کاڏو بہ ڇوڪراٽو ۽ وڏي هوندي تائين مرداڻو ملندو رهيو. بہ ڀاڄيون، ڏهي، چانور، مانيون، پاپڙ ۽ ڪنائڻ ۽ سپ ڪجهہ ۽ پاڻي بہ هٿ ۾. باقي ٻچيل گهر جي زالن ۽ ڇوڪرين کي هڪ ڀاڄي، ماني ۽ چانور. امڙ جو وشواس هو تہ هو سندس ٽيون ٻُٽ آهي. هوءَ ٻُٽ آهي زندگي جيئندي رهي.'

اڄ رات بخار ۾ تپندي، الائي ڇو امڙ وندنا کي ڀاڪر پائيندي چيو، " وندنا، ڳُلو ٻُٽ تون پرائي امانت آهين. پنهنجو گهر وساءِ." وندنا چڙڪي چيو، "هيءُ منهنجو گهر ڪونهي ؟ "امڙ بخار جي غشيءَ ۾ هئي، "مان الائي گهڻن ڏينهن جي مهمان، پنهنجو گهر وساءِ. تون منهنجو سهڻو ٻُٽ، سمجهو ٻُٽ آهين" چوندي چوندي سندس اک لڳي ويئي. پر هُن جي اک ڳُلي ويئي. امڙ جا اهي اکر هُن کي ڌوڏي ويا. 25 سال پنهنجو رت ست سُڪائي، تن من ڌن سان، ڏينهن رات هن گهر جي لاءِ ئي سوچيو هو. امڙ جي هڪ سِٽ هن جي پيرن هيٺان زمين گسڪائي ورتي. هُن ڳُلي ڪري گهر جي ڀتين ڇتين کي ڇهيو . . . پنهنجيون ؟ پرايون ؟ منهنجيون ؟ ڪنهنجيون؟ ۽ آخر ٿڪجي پلنگ تي موٽي آئي. امڙ کي ڀاڪر پائي، چنبڙي سمهي پيئي.

ونود ٽن چئن سالن کان سندس 'ها' جو انتظار پيو ڪري. هو ڪيس بيحد چاهيندو هو. ڪاليج جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ساڻس واقفيت ٿي هئي. هن جڳهہ ۾ لڏي اچڻ کان اڳ هو سندس پاڙيوارو هو. سندس گهر جي بلڪل سامهون رهندڙ. ملاقاتون ڪندي ڪندي اهي ملاقاتون پيار ۾ تبديل ٿي ويون ۽ ونود هُن کي شاديءَ جي آڇ ڪئي. وندنا ڪيس هر وقت ائين چوندي رهي، "پيار تائين سڀ نيڪ آهي، پر شادي تہ هوءَ هرگز نہ ڪندي. هُن جي مٿان گهر جي جوابداري آهي ۽ هوءَ پنهنجي گهر جو ٻُٽ آهي."

اڄ امان مونکي ڇا چيو، 'پنهنجو گهر وساءِ' جيئن گوتم ٻڌ جي جيون ۾ هڪ رات آئي تياڳ ۽ وئراڳ جي، ساڳيءَ طرح وندنا جي جيون ۾ ڳُاها هڪ رات آئي، تياڳ ۽ وئراڳ جي ۽ ڳُان رات هُن هڪ فيصلو ڪيو.

ٽن چئن مهينن ۾ ئي ڳُان رات جي فيصلي، عملي جامو پاتو. هُن ونود کي شاديءَ لاءِ پنهنجي رضامندي ڏني. ٻنهي پنهنجن دوستن جي مدد سان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي. شادي ڪري پنهنجي گهوٽ سان هوءَ پنهنجي امڙ سان گڏجڻ آئي. گهر جا ڀاتي پهرين ڇرڪي ويا،

کين وشواس ئي نہ پيو اچي. پوءِ تمام ناراض ٿيا ۽ آهستي آهستي شانت بہ ٿيندا ويا. ڪلاڪ کن ۾ مڙيئي سڀ حالتون نيڪ ٿيون. پڇاڙيءَ جو موڪلائڻ وقت هُن پنهنجي ماءُ کي پاڪر ۾ پريندي چيو، " امان تون منهنجي ٻُڌُ آهي، جنهن مونکي هن حقيقت کان واقف ڪيو تہ تنهنجي پُٽ جي آتما ڪٿي مون ڏيءُ جو جنم ورتو آهي. اها حقيقت، مان دل سان سويڪاريان ٿي ۽ اڄ مان پنهنجي گهر وڃي رهي آهيان. گهر جي ياتين جون اکيون آليون هيون، امڙ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. ٻُڌُ نظاري جو ۽ ان ودائيءَ جو چشم ديد گواهہ هو ونود. هن امڙ سان واعدو ڪيو تہ هُو سندس ڌيءُ کي اکين تي رکندو ۽ ڪيس ڪنهن بہ شڪايت جو موقعو نہ ڏيندو. جلدي ٻئي روانا ٿيا. ونود پنهنجي چاتل سجاتل گهر ڏانهن ۽ وندنا آنند مانڌ ۽ دل جي ڏک ڪٿي اڻ چاتل گهر ڏانهن.

ڪجهہ ئي منٽن ڪانپوءِ هوءَ هڪ وڏي شاهي حويليءَ اڳيان پهتا، جتي وندنا جا سسُ سهرو رهندا هئا. ونود پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو ۽ سڪيلڌو لاڏلو پُٽ هو. هن زندگيءَ ۾ جيڪو بہ چاهيو، ٿيو ڪيو هو. هن وندنا کي پڪ ڏني تہ سندس ماءُ پيءُ ضرور ٿورا چرڪندا يا ٿوري ڪٿ پٽ ڪندا، پر پنهنجي پياري سڪيلڌي پٽ جي خاطر سڀ نيڪ ٿي ويندو.

وندنا، لڄ، ساهہ، لمنگ، آنڌ مانڌ، انسنا ڪندي ونود جي گهر جي چائنٽ تي قدم رکيو. نئين نويلي ڪنوار جا سڀ جذبا هن جي من ۾ اُڀرڻ لڳا. دل جو ڌڙڪڻ، شرم، چوچ، چاهہ، پنهنجائپ، پيار ۽ شرڌا، ان گهر لاءِ جتي سندس پيار، سندس گهوٽ تمام گهٽيءَ سڪ مان ڪيس وٺي وڃي رهيو هو. هن کي ٿورو ڊپ بہ لڳي رهيو هو.

ٺڪ ٺڪ ڪرڻ سان دروازو ڪليو. ڪم ڪرڻ واري مائي دروازو ڪوليو وندنا ۽ ونود کي هڪ ڪمري ۾ وهاريو ۽ چيو، ”اندر اطلاع ڪري ٿي اچان.“ وندنا محسوس ڪيو تہ ونود جو چهرو زرد ٿي رهيو هو. هو ڪجهہ ڪنبي بہ رهيو هو. ڪجهہ سيڪنڊن ۾ مائي ٻاهر آئي ۽ کين اندرين ڪمري ۾ وٺي ويئي.

اندرين ڪمري ۾ وندنا جي سسُ ۽ سهرو وينا هئا. ونود چيو، ”بابا، هيءَ توهانجي ننهن آهي. مون توهانکي هُن جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌايو هو.“ وندنا پيرين پوڻ لاءِ اڳتي وڌي. سسُ اشاري سان منع ڪيس. هوءَ بيني ئي رهي. ونود ڪيس هڪ صوفا تي وهاريو ۽ چيو، ”مان ٻاٽي پي ٿو اچان.“

ونود اچان ڪمري کان ٻاهر نڪتو ئي مس تہ ٻئي ڄڻا، سندس سسُ ۽ سهرو اکرن روپي ٻاهر جا لا وسائڻ لڳا. الزامن پنيان الزام. هُو ڪيس ڏوهہ ڏيڻ لڳا. پيڪن لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. هوءَ اڪيلي چپ چاپ سسُ سهري جون دبون ۽ دڙڪا سهڻ لڳي.

سسٽس ڏنيپيندي چيس، " نڪر منهنجي گهر مان، هيءُ گهر منهنجي نالي تي آهي. تون ونود سان شادي ڪري هيءَ حويلي هٿ ڪرڻ ٿي چاهين. هٿ اچڻ جي تنهنجي همٿ ڪيئن ٿي ؟ هيءُ منهنجو گهر آهي ۽ صرف منهنجوئي. "

هوءَ جڻ تہ برف ٻڌجي پيئي. بار بار دروازي طرف نهارڻ لڳي. ونود اچي تہ مائٽن ڪي سمجهائي. ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ تڪن زهريلن تيرن جا گهاو هوءَ سهندي رهي. در تي آهٽ ٿي، هن نهاريو، ونود نہ هو پر ہہ چار مرد هئا جي اندر آيا ۽ وندنا ڪي خونخوار نظرن سان نهارڻ لڳا. ان وقت ونود بہ اندر داخل ٿيو، هن ڪي ڏسي وندنا ڪي آٿت آيو ۽ نماٽي آواز سان ڪيس چيائين، "هي چون ٿا، هي تنهنجو گهر ڪونهي، ٻاهر نڪر." ونود پپل جي پن وانگر ٿڙ ٿڙ ڪنبي رهيو هو.

وندنا پڙهيل لکيل، پنهنجي پيرن تي بيٺل، خوددار ۽ غيرتمند جذباتي استري هئي. هن جيءُ اها حالت هئي تہ ڌرتي ماتا ڦاٽي ۽ سيتا وانگر ڪيس پاڻ ۾ سمائي ڇڏي.

ونود ۽ ٻيا سڀ ٻئي ڪمري ۾ هليا ويا، وندنا ان ڪمري ۾ اڪيلي ئي ويٺي رهي. زور - زور سان رڙين واڪن ۽ جهيڳڙن جا آواز اچي رهيا هئا. هو سڀ پاڻ ۾ ٻٽ ۽ ونود اڪيلو هو ۽ وچ ۾ پوليس پوليس جا آواز بہ اچي رهيا هئا. آخر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ونود هڪ ننڍيو بنڊل نوٽن جو هٿ ۾ ڪٽي ٻاهر آيو. وندنا جي ٻانهن پڪڙيءُ ٿاريندي چيو، "هل وندنا، هن وقت مون سان ٻاهر هل جيستائين ڳالهيون ٺڏيون ٿين."

هوءَ چپ چاپ پنهنجي سپنن جي ڏنل گهر مان بي آبرو ٿي ٻاهر نڪتي. چائنٺ اورانگهڻ سان هن محسوس ڪيو، هيءُ منهنجو گهر هرگز ٿي نٿو سگهي. منهنجو گهر؟ . . . .

"وندنا هل، مان توکي تنهنجي پيڪي گهر ۾ واپس ٿو ڇڏي اچان. ڏيري ڏيري مان پنهنجن مائٽن کي سمجهائيندس."

" نہ " وندنا محڪم آواز ۾ چيو، " مان وري پنهنجي پيڪي در نہ ويندس." چڱو هل، ڪجھ ڏينهن ٻيو ڪوئي بندوبست ٿا ڪريو، جيستائين ڳالهيون ٺڏيون ٿين. وندنا ونود جي گهر تي هڪ الودائي جي نظر وڌي ۽ من ئي من ۾ هڪ فيصلو ڪيو.

ونود ڪيس اسڪوٽر جي پٺيان وهاريو. هوءَ خاموش خالي خالي نظرن سان رستن کي ڏسندي رهي. اسڪوٽر اچي هڪ هوٽل جي در تي بيٺو. وندنا ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هن شڪايتي نظرن سان پنهنجي گهوٽ ڏانهن نهاريو ۽ ونود لڄ وچان ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو.

هوٽل واري سان ڪجهه ڳالهائي ونود ٻاهر نڪري آيو. ڏاڪڻ چڙهي هو ٻئي هڪ ڪمري جي ٻاهران اچي بيٺا ۽ هڪ ڇوڪري ڪلف ڪوليو. بتي ٻاري. وندنا ڪمري ۾ رکيل پلنگ کي ڏسي حقارت ۾ پرجي ويئي. اُن رات ٻئي الڳ الڳ پلنگن تي ليٽيا. هن کي ليٽڻ ئي ڇئجي. سڄي رات وندنا کي هن اجنبي هوٽل جي ڪمري ۾ ننڊ نه آئي ۽ ونود به ننڊ نه ڪئي.

ٻئي ڏينهن کان هوءَ نؤڪريءَ تي به وڃڻ لڳي. هوٽل واري اهو ڪمرو ڪين مهيني جي مسواڙ تي ڏنو ۽ اُن هوٽل جي ويجهو، هن هوٽل واري جو گهر به هو. سندس زال هڪ عورت جي جذبات کي سمجهو ۽ ڪيس رڌڻ پچائڻ جي به اجازت ڏني ۽ وندنا سان حال پائي به ٿي. وندنا کي ٿورو آٿت مليو. هنن ڪين هوٽل جي ڪمري کي به گهر بڻائڻ ۾ ساٿ ڏنو. هن هڪ ڪچن ٽيبل خريد ڪيو. بازار مان چانهه لاءِ ڪوپ بسيون، باسڻ، ننڍڙا ديگڙا، به ٽي ٿالهيون، وٽيون، چمچا، ڪيوبون، ڪرپيون، چادرون، وهاڻن جو ڇئون، ٽوال، نئپڪنس . . . . وغيره خريد ڪرڻ ۽ سجائڻ ۾ هوءَ لين ٿي ويئي.

هن پنهنجن پيڪن ۽ ساهيڙين کي ڪجهه ڪونه ٻڌايو. هوءَ انهن سان گڏجڻ به نه ويئي ! ڇا ٻڌائي؟ پنهنجي گهوٽ جي گهٽتائي ڪيئن ڪري ؟

ونود پنهنجي مائٽن سان گڏجي ايندو هو. روئڻهارڪي شڪل ڪري ايندو هو. هنن ڪيس ڇيو پائيءَ جي به مدد نه ڪنداسين. ونود، وندنا جي ڪلهي تي سِرُ رکي روئي رهيو هو. هو مونکي پائي به نه ڏيندا . . . . وندنا دلاسو ڏيندي چيس، ”مان ته نؤڪريءَ تي آهيان. تون خيال نه ڪر مان پاڻ ئي سموري جوابداري سنڀاليندس.“

جنهن عمر ۾ ڇوڙٽو . ماٽٽو سينگار ڪرٽو هو، اُن عمر ۾ وندنا ڪنجوس بڻجي پيئي. ونود نؤڪريءَ جي ڳولها ڪرڻ لڳو. وندنا پئسا جوڙڻ لڳي ڊپازٽ لاءِ ته ڪو گهر مسواڙ تي وٺي ڍنگ سان رهون، ڪيستائين ساهيڙين ۽ پيڪن سان نه گڏجندي ؟ ڪيستائين سڀ ڪجهه لڪائيندي رهندي ؟

سندس دماغ ۾ هڪ ئي جنون هو ته جيستائين پنهنجي خريد ڪيل گهر نه هوندس، تيستائين هوءَ ٻارن کي هن دنيا ۾ نه آڻيندي. وندنا جي ان محڪم ارادي ۽ پرتگيا ۾ ونود به ڪيس پورو ساٿ ڏنو. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ هنن هڪ گهر مسواڙ تي ورتو ۽ شاديءَ جي پنجن سالن تائين ايترا پئسا جوڙيا، جو قرض وٺڻ ڪانپوءِ هو هڪ ٻن بيڊرومن، هال ۽ رنڌڻي وارو فلئٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

وندنا کي بلکل پڪ تي تہ 'هيءُ منهنجو گهر آهي' ۽ پوءِ پهرين سال ننڍڙي ُگڏي سندن زندگيءَ ۾ آئي ۽ ٻئي سال ُپٽ. وندنا تي سال نؤڪريءَ تان موڪل ورتي، پنهنجي ٻارن جي پرورش تي ڌيان ڏنو.

وندنا جا ڪروڙ پتي حويليءَ وارا ساهرا، ونود تي پيا ٻلهار ويندا هئا. هنن ڪيس هاڻ دڪان تي ويهڻ جي اجازت بہ ڏني هئي ۽ ماهوار ڪجهہ پئسا بہ ڏيڻ شروع ڪيا هئا. پر اجان تائين هنن ٻنهي کي ڌار ڪرڻ جي سازشن ۾ مشغول هئا. آسمان وارو هي کيل چپ چاپ ڏسي رهيو هو.

وقت گذرندو رهيو. گهڙيال جي سُئي چرندي رهي، هلندي رهي.

ٻار اڄ ننڍا سياڻي وڏا ٿيندا رهيا. ڌيءُ جي شادي سني پڙهيل لکيل، خانداني گهر ۾ ٿي ويئي، وڏي ڳالهہ تہ هوءَ پنهنجي پتيءَ، گهر، ٻارن سوڌي بيحد خوش هئي.

گهٽنا تہ ڪا وقت ويل ڏسي ڪانہ ايندي آهي. ونود جنهن جي آڌار ۽ پيار سهاري هن هيتري عمر ڪاٽي، ُاهو هڪ حادثي ۾ چالاڻو ڪري ويو. ُان صدمي وندنا کي ڀڃي ڀوري ڇڏيو.

ڪيس گهڻو وقت لڳو ُان صدمي کان ٻاهر نڪرڻ ۾.

پٽ جي پيار جي شادي، ڌوم ڌام سان ٿي. ڇوڪري وڏي گهر مان آيل، تمام سندر سڊول هئي. ڏيري ڏيري گهر ٻارن جي طوطلن آوازن سان پرجي ويو. وندنا بيحد خوش هئي پوٽي، پوٽيءَ سان. ُانهن کي آڪاٽيون ٻڌائيندي، لولي ڏيندي، پيار ڪندي هوءَ پاڻ کي پورٽتا سان پريل محسوس ڪندي هئي. . . . .

ننهن الائي ڇو ٿوري ڪٽ پٽ ڪرڻ لڳي هئي. ٻارن مٿان، پاڻ تي، گهر تي، ڪم واريءَ مائيءَ تي، ڇڙ - ڇڙ خاص ڪري ننڍي فليٽ هئڻ جو احساس هن کي خوب ٿيندو هو.

وندنا آهستي پنهنجا ساهہ سان سانڍيل ڪتاب بہ ڇتيءَ تي پهچايا، پوءِ ستار، هارمونيم، سڀ شيون ُهن بہ ڇتيءَ تي رکايون. پنهنجو ڪٻٽ بہ خالي ڪري ٻارن جا ڪپڙا، رانديڪا رکيا ۽ ڪپڙا هڪ بئگ ۾ پريا . . . . هوءَ پنهنجيون.

ضرورتون بہ گهٽائيندي ويئي. جيترو ٿي سگهيس، هوءَ ننهن کي خوش رکڻ پيئي چاهي. ڏيٽس جي پيڪن ۾ اچڻ سان تہ گهر اجان وڌيڪ سوڙهو ٿي ويندو هو. ٻاراڻو گهر سڄو شين سان ستيو پيو هوندو هو.

وندنا کي هر حال ۾ خوشي محسوس ٿيندي هئي. شور غل ۾ به هوءَ خوش هئي. سماڌان ۾ هئي.

اڄ پٽ گهر ۾ جلدي آيو. ماءُ سان حال ـ احوال اورڻ وينو، آفيس جو ڪم، پگهار جو وڌڻ وغيره . . . .وغيره . . پوءِ پيار ۾ لاڏ مان امڙ کي ياڪر ۾ پريندي چيائين، "امڙ، هڪ خوشخبري ٻڌ. مونکي اضافو Promotion مليو آهي. هڪ سُنو بنگلو وڪامجي رهيو آهي، جنهن کي خريد ڪرڻ لاءِ اڌ پئسا ڪمپني پريندي ۽ اڌ منهنجو سهرو. هيءُ فليٽ وڪٽي، هُن وڏي بنگلي لاءِ فرنيچر خريد ڪنداسين ۽ رنگ روغن لڳائينداسين. پوءِ امڙ، سياٽي ايجنٽ کي چئي ٿو ڇڏيان، فليٽ کي وڪڻڻ لاءِ. هل ! راٽي تي وڏي بنگلي ۾ رهُ. راڄ ڪر."

" پُٽ ! ترس ۽ ٻڌ. هي گهر آهي منهنجو پنهنجو گهر. شايد تون ان ڳالهه يا جذبي کي نه سمجهي سگهندين. ٻڌ تنهنجي ترقي تي آهي. توهان سڀ وڏي بنگلي ۾ رهڻ ٿا چاهيو، منهنجو اکيون ٺٺيون. پر پٽ مان هر حال ۾ هتي خوش آهيان. مون لاءِ هيءُ صرف فليٽ نه، پر هڪ گهر آهي. مان هتي ئي رهنديس ۽ اهو منهنجو آخري فيصلو آهي جو نه بدلجندو" ۽ هوءَ پاسو ورائي چپ چاپ ليٽي پيئي. سندس انتر آتما شانت هئي ۽ اڏول به هئي.

هن پاڻ کي ستار وڄائيندي، هارمونيم جا سُر ڇيڙيندي، ڪتاب ۽ ڪوتائون لکندي ۽ پينٽنگ ۾ مشغول ٿيندي ڏٺو ۽ ترپتيءَ سان پريل به . . . .

پربات جي ويل سندس اک کُلي. هن نت نيم موجب، پرڻايام يوگا ڌيان ڪيو. سيني ڪريائن کان فارغ ٿي، هوءَ پوڄا ڪرڻ لاءِ مندر جي اڳيان ويني ۽ ُان وقت ئي سندس پٽڙو اچي اڳيان وينو. " امڙ. ڪجهه چوڻو اٿم." "چئه پٽ ! " هن پاٻوهه مان چيو ۽ اگربتي ٻاري. " امڙ رات تون منهنجيون اکيون کوليون. امان تو سچ چيو، هي صرف فليٽ نه آهي، هيءُ گهر آهي. چئه امان هيءُ گهر به رهي ۽ هو بنگلو به رهي ۽ پاڻ ۾ گڏ رهڻ جو احساس به رهي، آهي ڪا وچين وات ؟ "

" ها پٽ، وچين وات به ضرور نڪرندي، پوڄا ته ڪري وٺون. هن آرتيءَ جو ڏيئو ٻاريو، گل، چندن پڳوان تي چاڙهيا، ڌوپ ٻاريو، ڪافور جي هلڪي سڳنڌ واتاورڻ ۾ ڦهلجي وئي. هڪ مڏر، پوتر، سڳنڌ پريو ماحول ٿي ويو. امڙ آرتي ڪئي. آرتي ۽ جل جو ڇنڊو گهر جي هر ڪمري ۾ وڌو.

ننهن، پوٽن، پٽ، سيني آرتيءَ تان هٿ گهمائي ڇهري تي گهمايو. گهر جو واتاورڻ پوتر ٿي ويو.

پٽ ماءُ جي پنيان پنيان هلندو، ماءُ جي اڳيان اچي وينو، ” ڇئهِ امڙ کهڙي وچين واٽ آهي ؟ “

ماءُ پٽ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، ” ڏس پٽ، اسين سڀ هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندا آهيون. ننهن بہ غلط نہ آهي. وڏي گهر جي ڪيس عادت آهي، اڳتي هلي ٻار وڏا ٿيندا تہ برابر وڏي گهر جي ضرورت بہ ٿيندي، پوءِ نيڪ آهي جئين تون چئين ! مان تہ ائين ٿي چاهيان، هي گهر بہ رهي، هو بنگلو بہ.“

” تہ امڙ ڪڏ پئي فرنيچر، پيو ٿهندو. هاڻ ٻيو ڇا “

” پٽ، مان تہ جڏهن سڪ لڳندي تو وٽ اچي رهنديس. توهين بہ وچ وچ ۾ اچي مون وٽ رهي وڃجو. بدل سدل ۾ مزو بہ ايندو رهندو.“ ٻنهي ماءُ پٽ هڪ ٻئي کي وڏو ڀاڪر پاتو.

مهيني کن ۾ پٽ ٻارن سوڌو بنگلي ۾ وڃي رهيو ۽ هوءَ پنهنجي گهر ۾. ڪڏهن هوُ ٻارن سوڌا هن وٽ رهندا هئا تہ ڪڏهن هوءَ ٻارن وٽ بہ چار ڏينهن رهي ايندي هئي ۽ گڏ هئڻ جو احساس بہ ماڻيندا هئا.

وندنا واندڪائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ ۾ پيهي پاڻ سان ئي گفتگو ڪرڻ لڳي. پنهنجي گهر جو هئڻ، پنهنجائپ ۽ پيار سان گڏ هڪ سمجهداريءَ جو احساس آهي. الائي ڇو ۽ ڪيئن نندي هوندي کان ڪجهہ تلخ آزمودن هن کي ڪن غلط ڀاونائن ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو. اڄ قدرت ۽ قادر، پنهنجي ٻارن جي وشال منُ ڌارنا جا مثال ڏيئي، گهڻو ڪجهہ هن جي سامهون سوچڻ لاءِ پيش ڪيو. هوءَ پنهنجو پاڻ کي تلاشڻ لڳي. پيڪي گهر ۾ هڪ آزمودو مليو هو جو سندس جذباتي دل لاءِ تلخ هو پر هڪ حقيقت هئي ۽ اهو قدرت جو هڪ نيم هو. جنهن گهر ۾ هوءَ شادي ڪري ويئي، خاص ڪري پريم وواهہ. ضروري نہ هو تہ ٻئي ٻانهون ڦهلائي سندس سواڳت ڪن ها ! سندس پٽ جيڪا رٿ رکي هئي تہ ننڍي جڳهہ مان وڏي گهر ۾ وڃي رهجي، جيڪڏهن سهوليت سان سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪليل من سان سويڪارڻ ۾ ڪا وڏي ڳالهہ ڪونہ هئي. هن پنهنجي پٽ اڳيان اهو سڀ ڪجهہ سويڪاريو پر ٻڌتر سان.

هن ’گهر‘ اکر سان ايترو موهہ ؟ گهر معنيٰ چار ڀتيون، هڪ ڇت نہ آهي، ان کان گهڻو گهڻو وڌيڪ هڪ احساس آهي، پنهنجائپ ۽ پيار جو.

شرير بہ تہ هڪ گهر آهي جو هڪ وقت ڇڏي اصلي گهر وڃڻو آهي ! آتما جو پرماتما سان ملڻ. ’اصلي گهر‘ جنهن جي هن کي ننڍي هوندي کان تلاش هئي. . . . . .

ھُن جو من هلڪو ٿي ويو. هن پاڻ کي ساڪشي ڀاوَ ۾ ويچار ڪندي ڏٺو. پنهنجن ڪيترن ئي سوالن جا جواب، پنهنجي انترآتما مان هن کي ملندا ويا. ھُن جو تپيل من گيان ۽ پيار ئي پيار پائي شانت ٿي ويو. پل ۾ ھُن پاڻ کي لامحدود محسوس ڪيو. سندس چهرو تيج، آتمڪ نُور، شانتيءَ ۽ سنتوش سان ڀڪڙ لڳو.